# س.ا.س سٽي سکر ڊاٽ ڪام

# ڏاهي جهرڪي

## ٻارن لئه آکاڻيون

(نئين اضافي سان گڏ)

(الطاف شيخ)


## ڊجيٽل پبلشر

سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سٽي

(ڊجيٽل ڪتاب) پبلشر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com




هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ٻہ لفظ

## محترم دوستو......!

السلام عليڪم

اداري، سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سٽيءَ طرفان اوهان جي لاءِ، جڳ مشهور شخصيت، (جنهن کي سنڌ جو ابن بطوط چئجي تہ نهايت بهتر ٿيندو) محترم الطاف شيخ جا سفرناما پيش ڪجن ٿا.

اسان محترم الطاف شيخ صاحب جا تمام گهڻا ٿورائتا آهيون جن جي اجازت ۽ تعاون سان اهي ڪتاب ٿوري آئوٽ لوڪ جي ايڊيٽنگ سان (ڪتاب جي متن ۾ ڪابہ تبديلي نہ ڪئي وئي آهي، صرف ويب سائيٽ تي آڻن لاءِ ان جي آئوٽ لوڪ کي خوبصورت بڻايو ويو آهي) اوهان تائين پهچائي سگهيا آهيون. ان کان علاوه ڪتاب جي پبلشر وغيره جا نالا، سندن مالڪي حقن سبب نہ ڏنا ويا آهن. صرف ليکڪ جي اجازت سان سندس ليک ڏنو ويو آهي.

محترم دوستو!.. اسان اُميد ٿا ڪريون تہ اوهان پنهنجي راءَ کي پاڻ تائين محدود نہ ڪندا، ڇا ڪاڻ تہ اوهان جي اها راءِ ئي اسان جي جياپي جو ڪارڻ آ. وڌيڪ بهتري آڻن لاءِ ضرور راءِ ڏيندا .

**ساٿ سلامت**

مهرباني



اوهان جي مشوري جو منتظر
**عبداللطيف انصاري**
**شمس آباد سکر سنڌ**
فون : 0333.7146119
اي ميل : abdullateefansari@yahoo.com

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# فهرست

1. شيشي جو ٻوچ
2. اُستاد ڦڏو ۽ اُستاد ڇٻو
3. ڀاڳ واري ڪٽلي
4. واڱڻائي گدڙ
5. گنو ۽ ڪويو جو ڪوهه ڪوٽڻ
6. گنو ڪويو ۽ چانديءَ جو خنجر
7. وتايو فقير، نصيرالدين هوجا ۽ سي ـ ڪبايا
8. ڪبايا ۽ چونئرا
9. حاجي سڳوري لاءِ دعوت
10. گهوڙي تي گهٽ بار
11. هرڻ جو شڪار
12. ڏاهو ڪيڪڙو
13. ظالم جو موت
14. سانگ ڪنچل جون گهمتاريون
15. مينهن ۽ ڍڳيءَ جي ڳالهه
16. ڪيڪڙو ۽ ڍڳي
17. شينهن ۽ چٽڪري هرڻي
18. ٽلهي پڇ وارو لومڙ
19. ڪانگ ۽ جهرڪيءَ جو مقابلو
20. ڏيڏر ۽ ڪوئو
21. پوڙهي ڪچونءَ جي سياٽپ
22. ڪيڪڙو ۽ شهزادو
23. هاري ۽ نانگ
24. جادوئي ڏاڳا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

25. تي جادوءَ جون سوغاتون
26. ڪڪڙ جي صلاح
27. چيتي کي ڏگهو پڇ ڇو آهي
28. ڏاهي جهرڪي
29. نيڪدل ديو
30. چنڊ جي ڏيءَ
31. آئون مرڻ چاهيان ٿو
32. گڏهه جي ڪنن وارو شهزادو
33. شينهن ۽ ٻڪري
34. سهو ۽ لومڙي
35. ٻارهن مهينا
36. ماڪ جي ڦڙن جو تاج
37. پکين جو بادشاهه
38. ڪوئو ڪيڪڙو ۽ پونئر
39. هيرن جو صوف
40. شهزادي سورج مکي
41. گاهه جي گڏي
42. ٽي ڪوڙا ۽ سڪو
43. مغرور بادشاهه
44. جادوءَ جي ديڳڙي
45. واڳون ۽ عورت
46. ڏنيرو مڇي سمنڊ ۾ ڪيئن آئي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# انتساب

## اسان جي ٽيچر ۽ الائيڊ بئنڪ جي اڳوڻي صدر سائين محمد خان ميمڻ نالي

هالا ۾ چار سال پرائمري اسڪول ۾ پڙهيس، ان بعد پهرين انگريزيءَ کان ٽئين درجي (يعني ستين ڪلاس) تائين مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول ۾ پڙهيس. هالا ۾ جن استادن مون کي پڙهايو، سائين محمد خان ميمڻ پڻ انهن مان هڪ آهي، بلڪ سائين محمد خان ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو وڃڻ کان اڳ وارو هڪ سال منهنجو استاد ٿي رهيو. اسان سيني ڪلاس ميٽن وٽ تڏهن ۽ ان بعد به جناب محمد خان دلپسند شخصيت هو. ڇو هو؟ شايد ان وقت ان جو جواب ڏيڻ ڏکيو ڪم هجي ها، پر اڄ جڏهن مون کي پاڻ به پڙهائيندي ويهارو سال اچي ٿيا آهن، ان جو جواب ڏيڻ يا تجويز ڪرڻ آسان پيو لڳي بلڪ سندن لاءِ اڃا به وڌيڪ عزت ۽ قدر ٿئي ٿو. پاڻ هڪ ته روايتي سنڌي ماستر وارو خوف پيدا نه ڪيو. پاڻ شاگردن تي علم ٺاڪڻ بدران سوال جواب ڪرڻ جي همت افزائي ڪئي. صاف ظاهر آهي ته ڪين پاڻ به ان سبجيڪٽ جو گهرو علم هو تڏهن ته هو شاگردن جي سوالن جا جواب ڏيئي سگهيو ٿي، نه ته انهن ڏينهن ۾ پُڇ پُڇ ڪندڙ شاگردن کي ماستر طرفان هميشه دڙڪو ملندو هو ته ”چورا ماٺ ڪري ويهه، جيڪي آئون چوان پيو اهو لکندو وڃ. تون پاڻ کي وڏو اڪابر نه سمجهه“.

سائين محمد خان شڪل شبيهه ۾ ته ماشاءَ الله سهڻو هوئي، پر صفائي سان به لڳاءُ هوندو هوس. ڪپڙو لٽو ڪٽي سادو هوندو هوس پر هميشه صاف سٿرو فضيلت سان پهريل هوندو هيس. اسان کي به هر وقت نصيحتون ڪندو هو ته روزانو وهجندا ڪريو. مون کي ياد آهي ته هڪ ڪلاسي چيو: ”سائين صابڻ مهنگو آهي.“ پاڻ طنزيه مرڪ چپن تي آڻي چيائين، ”اڙي فلاڻا اٿي ٻيهه. روز رسيس ۾ گهڻو ٿو خرچين؟

”سائين ٻه آنا.“ اسان جي ڪلاسيءَ جواب ڏنو.

”۽ شام جو؟“

”ٻه آنا.“

”يعني چار آنا روز اجاين سجاين شين تي خرچ ڪرين ٿو صابڻ جي قيمت چار آنا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آهي. هڪ ڏينهن ڪِن سن ڪائڻ کان ڪٽي روزو رک ۽ پنهنجي جسم کي جراثيمن کان پاڪ رکڻ لاءِ صابڻ وٺ جيڪو ٻه هفتا تہ ضرور هلي ويندو.“

1957ع ۾ جڏهن سائين محمد خان اسان کي پڙهائيندو هو تڏهن صابڻ جي قيمت چار آنا هئي ۽ پاٽي اڻ ميوو ۽ اڻ ملهہ هو.

اڄ آءٌ بہ هڪ قسم جو ماستر آهيان. شاگرد (جهازن جي انجنيئرن) کي پڙهايان ٿو ۽ ماستر ٿيڻ لاءِ مون کي مختلف هنڌن تان Training وٺڻي پئي پئي. ڪيترا ئي ڪورس Attend ڪري سکيس تہ ڪيئن پڙهائجي. مثال طور:

استاد ۽ شاگرد جوEye to Eye Contactهجڻ گهرجي. هڪ هنڌ ڪرسيءَ تي ويهي ليڪچر ڏيڻ بدران ڪلاس روم ۾ چرپر ڪجي، شاگردن کي خبردار رکڻ ۽ ڌيان ڇڪائڻ لاءِ رکي رکي دلچسپ سوال ڪجن...... اهي سڀ ڳالهيون ۽ نقطا سائين محمد خان کي بنا سکڻ جي آيا ٿي. هن کي پڙهائڻ جي قدرت طرفان ڏات مليل هئي.

پڙهائڻ کان علاوه راندين ۾ بہ هوشيار هو. خاص ڪري والي بال ۽ ڪرڪيٽ ۾. پڙهڻ سان گڏ اسان کي رانديون کيڏڻ جي بہ نصيحت ڪندو هو. ان ڏينهن ۾ پڙهڻ ۽ راند کيڏڻ بہ مختلف شيون سمجهيون وينديون هيون. سٺي شاگرد جي اهائي وصف سمجهي ويندي هئي تہ هو رڳو پڙهي، پر سائين محمد خان اها پراڻي روايت Tabooختم ڪرڻ چاهي ٿي. هو شام جو اسڪول جي ميدان تي اچي ڏسندو هو تہ اسين سڀ حاضر آهيون ۽ رانديون کيڏون پيا يا نہ. اسان کي ڪرڪيٽ ۽ والي بال راند کيڏڻ سائين محمد خان سيکاري. راندين کان علاوه اسڪول ۾ اسڪائوٽنگ ۾ بهرو وٺڻ لاءِ پڻ سائين محمد خان ڪوششون ورتيون. ان ڏينهن ۾ جيتوڻيڪ سندس ڳالهين تي حيرت ڪاڏي ويندي هئي، پر اڄ آئون محسوس ڪريان ٿو تہ هن جو انگريزي پهاڪي All Work and No play makes jack a Dull boy ۾ پورو پورو وشواس هو.

انهن ڏينهن ۾ لاهور جي ڪن ڪتاب گهرن جي مون کي خبر پئي هئي، جن تان ڪهاڻين جا ڪتاب وي. پي. پيءَ ذريعي گهرائي پڙهندو هوس. ڪلاس ۾ بہ کڻي ايندو هوس ۽ ٻين ڪلاسين کي بہ ڏيندو هوس. هڪ ڏينهن سائين محمد خان ڏسي ورتو. اسان سمجهو دڙڪا ڏيندو پر ان بدران هن تمام گهڻي همت افزائي ڪئي تہ اسڪول جا ڪتاب تہ پڙهڻ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪپن ئي ڪپن، پر انهن کان علاوه آڪاٽي جا ۽ معلومات جا ڪتاب به پڙهڻ ڪپن، اخبار به پڙهڻ ڪپي ۽ شام جي وقت رانديون پڻ کيڏڻ ڪپن.

”سائين ليوڊو راند کيڏون؟“ ڪنهن ڪلاسيءَ هڪ دفعي سوال ڪيو.

”پلي کيڏو پر اها راند فقط وقت کي Kill ڪرڻ لاءِ آهي. توهان ننڍي عمر جا آهيو. توهان کي گهٽيون آئوٽ ڊور رانديون کيڏڻ کپن. انڊور راندين ۾ Scrabble، شطرنج يا ڊرافٽ جهڙيون کيڏڻ کپن، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ذهن جي سٺي ورزش ٿئي ٿي.

اسان جي استاد محمد خان جي پڙهائي ۽ سٺيون ڳالهيون ۽ اعليٰ شخصيت اسان کي هميشه ياد رهي آهي. ان وقت ته اهو به هوش نه هو پر هاڻ ويجهڙائي ۾ ملاقات ٿيڻ تي ڪانئن خبرون چارون ڪندي معلوم ٿيو ته جن ڏينهن ۾ هو اسان کي پڙهائيندا هئا ـ يعني پاڻ هالا جي اسڪول ۾ ٽيچر هئا، ته سندن عمر فقط ويهه سال هئي. ان حساب سان ڏٺو وڃي ته منجهن ڪيترين ئي قابليتون خدا طرفان ڪين مليل ذات هئي، نه ته اڄڪلهه جا ڪيترا استاد ايم اي، ايم ايڊ ڪرڻ بعد پڙهائڻ جا ڪيترا ڪورس ڪن ٿا، ته به هو اهڙا اُتم ۽ Devoted ٽيچر ثابت نٿا ٿين.

هالا جو اسڪول ڇڏڻ بعد منهنجي سائين محمد خان سان وري ملاقات نه ٿي. جيتوڻيڪ پاڻ اسان جي ئي ڳوٺ هالا جا هئا، جتي آئون به ايندو رهندو هوس. گهڻن سالن بعد ـ تقريبا پنجٽيهن سالن بعد منهنجي سائينءَ سان اوچتي ملاقات ٿي، ڪراچيءَ جي ڊفينس سوسائٽيءَ جي مسجد ۾. ساڻن گڏ سندن وڏو پٽ عبدالقادر به هو. سندس پٽ کي چيم ته توهان جو والد صاحب، جڏهن توهان جيڏو هو ته اسان کي پڙهايو هئائين ۽ شڪل شبيهه بلڪل تو جهڙي هيس. ان ئي ڏينهن سندن گهر دعوت هئي، جنهن ۾ آيل مهمانن سان جڏهن اها ڳالهه ڪيم ته سائينءَ اسان کي پڙهايو آهي، بلڪ اسان جو فيورٽ ٽيچر ٿي رهيو آهي ته سڀني کي تعجب لڳو جو سائينءَ کي سڀ بئنڪ جي حوالي سان سڃاڻن ٿا ۽ مون کي به ان وقت خبر پئي ته محمد خان صاحب تمام ٿورو عرصو يعني به اڍائي سال ڪن مس پڙهايو ۽ منهنجي هالا ڇڏڻ بعد پاڻ به سگهوئي هالا ڇڏي ويا.

”پوءِ پلا توهان ٽيچنگ ۾ ڇو آيا ٿئو؟“ مون ڪانئن سوال ڪيو.

”غربت ڪري. آئون غريب هوس پر مون محنت ڪري اڳتي وڌڻ چاهيو ٿي. وڏيڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پڙهڻ لاءِ پئسن جي ضرورت هئي، ان ڪري مون مئٽرڪ ڪري، ٽيچر ٿي، نوڪري ڪئي. ساڳئي وقت هالا جي سروري ڪاليج مان انٽر ۽ بي اي ڪيم.“ پاڻ ٻڌايائون.

مزي جي ڳالهه اها ته ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ ڪجهه پاڪستاني مون کي ABL بئنڪ جي حوالي سان جڏهن ٻڌائيندا هئا ته ان جو سينيئر Executive ۽ ان بعد پريزيڊنٽ محمد خان صاحب هالا جو آهي ته مون کي اهو خواب خيال ۾ به نه ايندو هو ته پاڻ ٽيچنگ ڇڏي ويا آهن. سو هينئر پڇيو مان ته هو بئنڪنگ ۾ ڪيئن ويا.

”اسڪول ڇڏڻ بعد آئون سڌو بئنڪنگ ۾ نه آيس. 1959ع ۾ مون وليج ايڊ ۽ بئسڪ ڊيموڪريسي ڪاتو Join ڪيو ۽ بدين، ڊگري، هالا، ٽنڊوالهيار ۽ حيدرآباد ۾ 1966ع تائين نوڪري ڪندو رهيس. پوءِ آئون حبيب بئنڪ ۾ ڊيولپمينٽ آفيسر ٿي آيس ۽ لوئر سنڌ جو انچارج هوس.“

”توهان کي بئنڪنگ لاءِ ڪنهن اتهاس ڏياريو؟“ مون پڇيو مانس.

”ان جو ڪريڊٽ عباسي صاحب کي آهي جنهن منهنجي همت افزائي ڪئي، عبدالغفار عباسي صاحب. جيڪو هن وقت حبيب آمريڪن بئنڪ نيويارڪ آفيس جو صدر آهي.“

اسان جو سائين محمد خان صاحب بئنڪ جي نوڪري ۾ 1969ع ۾ ٽنڊوالهيار واري حبيب بئنڪ جو مئنيجر ٿيو. ان بعد آسٽريليشيا بئنڪ حيدرآباد زون جو زونل هيڊ ٿيو. بعد ۾ اها بئنڪ قومي ملڪيت ۾ ورتي وئي ۽ الائيڊ بئنڪ ٿي وئي، جنهن ۾ مختلف پوسٽن تي رهندي ۽ مختلف شهرن مان ٿيندا 1980ع ۾ اسلام آباد ۾ سرڪل ايگزيڪيوٽو ٿي رهيا. اسلام آباد ۾ پاڻ ڪافي عرصو رهيا. جنوري 1985ع ڌاري چيف آف پرسنل ڊويزن ايگزيڪيوٽو ٿيا ۽ پوءِ 1986ع ڌاري چيف آف پرسنل ڊويزن ايگزيڪيوٽو ٿيا ۽ پوءِ 1986ع ۾ ميمبر بورڊ ۽ پروونشل چيف NWPF ۽ آزاد ڪشمير ٿي رهيا. سندن هيڊ ڪواٽر پشاور رهيو. 1988ع ۾ ڪراچي بدلي ٿيا ۽ سنڌ جا پروونشل چيف ٿي رهيا. 1989ع ۾ پاڻ الائيڊ بئنڪ جا صدر ٿيا.

سيپٽمبر 1990ع ۾ سائين محمد خان صاحب جن پاڪستان بورڊ ائنڊ فائننشل سروسز ڪميشن جا ميمبر مقرر ڪيا ويا ۽ 1993ع ۾ مئنيجنگ ڊائريڪٽر انڊسٽريل

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڊولپمينٽ بئنڪ آف پاڪستان ٿي رهيا.

پاڻ 19 فيبروري 1934ع ۾ هالا ۾ ڄاوا ۽ سٺ سالن بعد 1994ع ۾ نوڪريءَ تان رٽائرڊ ٿيا. پاڻ هن وقت IDBP جا ايڪس آفيشو ڊائريڪٽر آهن.

هالا تواريخ جي حساب سان ڪو گهڻو پراڻو شهر ناهي- خاص ڪري هالا نوان. جتي جا گهڻي ڀاڱي رهاڪو سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر جي علائقن کان هتي اچي رهيا. اسان جي سائين محمد خان صاحب جن جو والد صاحب ۽ ان جا ٻيا مائٽ درياه جي ٻي پرتي گهوٽاٽا ڳوٺ کان لڏي آيا ۽ اچي هالا جا وڻ وسايائون. سندن مائٽن جا چار پنج گهر اسڪول ڏي ويندڙ گهٽيءَ ۾ هئا. جتي سندن وڏي ڀاءُ الهه رکئي جو سيڏي جو دڪان هوندو هو. سائينءَ جو وڏو ڀاءُ آڳي ڏنو PCS آفيسر هو. سندن هڪ ڀيڻ سنڌ جي مشهور ڊاڪٽر محمد ابراهيم جي گهر ۾ آهي، جيڪو سندن مائٽيءَ ۾ ڪزن ٿي آهي ۽ ٻي ڀيڻ ڊاڪٽر صاحب جي ڀاءُ محمد جمن جي گهر ۾ آهي، جنهن کي ڇهه پٽ بشير، مشتاق، اسرار، اشفاق، اشتياق ۽ آفتاب آهن ۽ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ بعد مختلف نوڪرين ۾ آهن. ڊاڪٽر ابراهيم جو ننڍو ڀاءُ نور محمد ميمڻ پڻ هالا جي هڪ اهم شخصيت آهي، جو هو ننڍپڻ کان سنو شاگرد ٿيو رهيو آهي ۽ جتي هالا جي ٻين شاگردن سول انجنيئرنگ يا ڊاڪٽري ڏي رُخ رکيو اتي هن ٽائون پلاننگ جهڙي سبجيڪٽ ۾ U.SA مان پوسٽ گرريجوئيشن ڪئي. اڄڪلهه پاڻ مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ۾ پڙهائين پيا سندس پٽ عتيق ويجهڙائي ۾ ڪمپيوٽر سائنس ۾ M.Sc ڪرڻ بعد هاڻ سعودي عرب ۾ نوڪري ڪري پيو.)

سائين محمد خان صاحب جن جي شادي 1966ع ۾ ٿي. کين پنج ٻار آهن. بلڪ نانو ۽ ڏاڏو به ٿي چڪو آهي. سندن وڏي ڌيءَ فرازا جي شادي اسلام آباد جي نوجوان وڪيل طارق محمود جهانگيري سان 1990ع ۾ ٿي ۽ کين به ٻار: فرزين۽ ماهرا آهن. سائينءَ جو ٻيو نمبر پٽ ڪسٽمس ۾آهي ۽ سندن زال فريده پڻ سي ايس پي آفيسر آهي ۽ اڄڪلهه ڪراچي ويسٽ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر آهي. ٻيو نمبر پٽ عبدالناصر پي آءِ اي ۾ آهي، سندن گذريل سال اسمه سان شادي ٿي ۽ شاهزيب نالي پٽ ڄائو اٿس. سندن ننڍا به ٻار محمد ياسر ۽ امبرينا گريجوئيشن ڪري چڪا آهن.

هالا ۽ ٽنڊوالهيار کان اسلام آباد ۽ پشاور تائين نوڪريون ڪرڻ وارو اسان جو سائين

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پاڻ ڪي هر شهر ۾ ماحول ۾ ڪمفرٽبل محسوس ڪري ٿو. پر رٽائرڊ ٿيڻ بعد هو في الحال ڪراچيءَ ۾ ڊفينس فيس فور ۾ رهي ٿو. پاڻ ننڍي هوندي کان سوشل رهيو آهي ۽ هينئر به سندن واندڪائيءَ جون گهڙيون دوستن يارن سان ملڻ، ايڪانامڪ ۽ فائنانس جا ڪتاب ۽ رسالا پڙهڻ ۾ گذرن ٿيون. پاڻ بئنڪنگ ۽ ڪامرس جا ڄاڻو مڃيا وڃن ٿا ۽ انهن سبجيڪٽن جو ڳوڙهو مطالعو ۽ نااليج اٿن. اسان وٽ ماڻهوءَ ۾ ان جي قابليت جو قدر نه آهي نه ته سائين محمد خان جهڙا ماڻهو اسان جهڙن ملڪن جي ڊيولپمينٽ ۽ پنتي پوندڙ ايڪانامي ۾ انقلاب آڻي سگهن ٿا. بهرحال مون جهڙن انيڪ ڪلاسين ڪي خوشي آهي ته سائين محمد خان سان اسان جو ويجهو تعلق رهيو گهٽ نه ڪٽي پر ٽڏهن به سال سوا وڏي ڳالهه آهي ۽ اسان کي فخر آهي ته پاڻ استاد جي حيثيت ۾ اسان کي تعليم سان گڏ تربيت پڻ ڏنائون ۽ اسان جي زندگي سنوارڻ ۾ سندن پڻ حصو آهي.

الطاف شيخ

10- جولاءِ 1998ع

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# شيشي جو ٻوچ

گهٽواڳ جي ڳالهه آهي تہ بئنڪاڪ شهر ۾ هڪ تمام وڏي نالي ۽ ساک وارو هيرن جو واپاري رهندو هو. سندس نالو ڦارا چمن هو. ڦارا چمن ڪنهن بہ قيمتي هيري يا پٿر کي ڏسڻ سان پهرين نظر ۾ ئي ان جو ملهہ ٻڌائي سگهندو هو. سندس مقابلي جو سچي بئنڪاڪ ۾ ٻيو ڪوبہ جواهري نہ هو. ملڪ جون راڻيون، شهزاديون ۽ امير ماڻهن جون زالون هيرن جي چونڊ ۽ خريداريءَ لاءِ هنجي دڪان تي ايندڻيون هيون.

بئنڪاڪ شهر ۾ انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ ٻيو ماڻهو "نائي ڪرو" نالي پڻ رهندو هو. نائي ڪرو غريب ۽ اڻ پڙهيل هو پر ڦارا چمن سان سندس عليڪ سليڪ هئي ۽ هن وٽ اڪثر گهمڻ ايندو رهندو هو.

هاڻ ڳالهہ هيئن ٿي تہ نائي ڪرو کي ڪٿان عطر جي خالي شيشي جو صوفي ٻير جيڏو گول ٻوچ مليو ويو جنهن جو جيتوڻيڪ تر پڳل هو پر اهو ڪرسٽل گلاس جو هجڻ ڪري هيري وانگر چمڪي رهيو هو. نائي ڪرو ان ٻوچ جي تري کي گهي گهي اهڙي نموني سان ڪنڊون ۽ پاسا ناهي ڇڏيا جو پري کان ڏسڻ سان ائين ٿي لڳو جڻ ڪنهن اعليٰ ڪاريگر هي وڏي سائيز جو هيرو ويهي گهڙيو هجي. پر ويجهو ڏسڻ سان ڪير بہ دوکو نٿي کائي سگهيو ۽ صاف صاف لڳو ٿي تہ شيشي جي ٻوڪڇي هيري وانگر گول ڪيو ويو آهي.

هڪ ڏينهن نائي ڪرو ان ٻوچ کي گلابي لغڙائي پني ۾ ويڙهي ڦارا چمن جي دڪان تي ڪٽي آيو"، "سائين مون تمام جهونو هيرو آندو آهي جيڪو ڪيترن ئي پيڙهين کان اسانجي خاندان وٽ حفاظت سان سانڍيو اچي. هاڻ منهنجي ماءُ جي مرڻ تي اهو هيرو مون کي ورثي ۾ مليو آهي، پر سچي ڳالهہ اها آهي تہ مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ان کي ڇا ڪريان. اهو سائز توڙي ملهہ ۾ ايڏو وڏو آهي جو پاڻڻ تي دل نٿي چوي ۽ ساڳي وقت ان کي تجوڙيءَ ۾ بندڪري رکڻ بہ ڪا عقلمندي نہ ٿيندي جو آئون هڪ غريب ماڻهو آهيان ۽ پيٽ گذر لاءِ مون کي خرچ ٿو کپي. ان ڪري اهو قيمتي پٿر اوهان وٽ ڪٽي آيو آهيان تہ اهو مون

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪي وڪڻائي ڏيو. آئون اهو نٿو چوان تہ ڪو توهان مون کان خريد ڪريو. پر جيئن تہ توهان ناليرا واپاري آهيو ان ڪري آئون اهو توهان وٽ ڇڏي وڃڻ ٿو چاهيان تہ جڏهن بہ توهان کي وجهہ لڳي تہ مهرباني ڪري مون لاءِ اهو سئي اگهہ ۾ نيڪال ڪري ڏيندا.“

اهو چئي هن ڏيرج سان گلابي پني ڪولي منجهائنس ”هيرو“ ڪڍي ڦارا چمن کي ڏسڻ لاءِ ڏنو. جنهن کي ڏسڻ سان ڦارا چمن کان ٿهڪ نڪري ويا ۽ نائي ڪرو ڏي گهوريندي وراڻيو:

”دماغ تہ جاءِ تي اٿئي نگ ڪٿي جا! شيشي جي ٻوچ کي املهہ ماڻڪ سڏي مون وٽ وڪڻڻ لاءِ ڪٿي آيو آهين؟“

اهو ٻڌي نائي ڪرو ائين ڪٿي شڪل ٺاهي جڻ هن تي ڪو ڪوڙو الزام هڻي رهيو هجي. ڏکويل دل سان هو اها حقيقت مڃڻ کان انڪار ڪرڻ لڳو. ويتر وڏا وڏا قسم کڻڻ لڳو تہ اهو سچ پچ هڪ جهونو قيمتي هيرو آهي. ”اهو منهنجي ڏاڏي کي سندس پڙڏاڏيءَ کان مليو هو ۽ ان وقت کان هيءَ قيمتي شيءِ اسانجي خاندان جي نشاني طور هلندي اچي ۽ وڏي سنڀال سڙيءَ سان اسان رکندا اچون. پر جيڪڏهن توهان کي مون تي يقين نٿو اچي تہ مهرباني ڪري هن کي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو ۽ ڪڏهن بہ ڪو گراهڪ اچي نڪري تہ ان کي مون پاران جوڳي قيمت ۾ وڪڻي ڇڏجو ۽ آئون توهان کي هرگز نٿو چوان تہ اهو توهان مون کان خريد ڪريو پر جڏهن بہ تي سگهي تہ ڪنهن ٻئي وٽ هلائي ڇڏجو.“

نائي ڪرو جي سنجيدگي کي ڏسي ڦارا چمن کي عجب لڳو ۽ سندس دل رکڻ لاءِ اهو پٿر پاڻ وٽ رکڻ جي حامي ڀري ۽ نائي ڪرو کان ان جو اگهہ پڇيو تہ ڀلا جيڪر وڪامي تہ هو ڪيستائين ان ”هيري“ کي وڪڻي ڇڏي. پر نائي ڪرو جڏهن ٻڌايو تہ هن کي هيري (ٻوچ) جا گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ هزار ٻاٽ ملڻ کپن تہ ڦارا چمن کان کل نڪري ويئي ۽ چيوِ: ”جيڪڏهن ڏهہ ٻاٽ چوين تہ شايد ڪو متين جو موڙهيل پنهنجي ٻليءَ کي ڳچيءَ ۾ وجهڻ لاءِ وٺي وڃي. بهرحال مڙيئي خير آهي. تون چاهين ٿو تہ ڀلي ڇڏي وڃ. آئون پڪ نٿو ڏيانءِ پر جيڪڏهن ڪنهن کي ان جي خريد ڪرڻ جو شوق ٿيو تہ ڏسندس من تولاءِ ڪجهہ ڪري سگهان.“

ان بعد نائي ڪرو اهو ”هيرو“ ڦارا چمن جواهريءَ جي حوالي ڪري سندس دڪان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مان نڪتو.

ٽي مهينا گذري ويا. ڦارا چمن جي دل تان ان پٿر جي ذري گهٽ ڳالهه ئي وسري ويئي ته هڪ ڏينهن ڪنهن محلاتي شهزادي جو خدمتگار ڦارا چمن جي دڪان ۾ گهڙيو ۽ عرض ڪيو ته هو پنهنجي رياست جي شهزادي جي چوڻ مطابق هڪ اعليٰ قسم جو هيرو خريد ڪرڻ لاءِ سندس دڪان ۾ آيو آهي. سندس شهزادي کي موتين جي مالها جي وچ ۾ اهو هيرو پوئي زال کي سوغات طور ڏيڻو آهي. جيئن ته سڄي بئنڪاڪ شهر ۾ ڦارا چمن جهڙو ڪو ٻيو هاڪارو هيرن جو واپاري نه آهي سو هي پهرين هن وٽ هليو آيو آهي.

ڦارا چمن ڪيس چانهه پاڻي پيئاري هڪ ڪان هڪ اعليٰ هيرا ڏيکارڻ شروع ڪيا. پر انهن مان ڪوبه شيشي جي ٻوچ جيڏو وڏو نه هو. خدمتگار وڏي چاهه ۽ خيال سان هڪ هڪ هيرو ڏسندو ويو انهن مان ڪن جي تعريف ڪئي ته ڪن جي نلهي واهه واهه. مثال طور ڪو هيرو قيمتي ٿي لڳس ته سندس سائيز مان مطمئن نه هو ۽ ڪنهن جي سائيز صحيح ٿي لڳس ته ان جي سونهن مان متاثر نه پئي ٿيو ۽ ڦارا چمن کي اجا به ٻيا هيرا ڏيکارڻ لاءِ چيو خاص ڪري وڏي ماپ وارا.

ڦارا چمن هيترا سارا هيرا ڏيکاري ڏيکاري هاڻ سخت بيزار ٿي پيو هو ۽ ساڳي وقت انهن کان علاوه ٻيو ڪوبه هيرو سندس دڪان ۾ نه بچيو هو جيڪو قيمتي هجي ۽ جيڪي قيمتي هئا تن مان گراهڪ کي هڪ به پسند نه هو. ايتري ۾ هن کي هڪدم شيشي جي ٻوچ جو خيال آيو جيڪو نائي ڪرو هن وٽ ڇڏي ويو هو. پهرين ته هن کي اهو ڏيکاريندي شرم ٿي آيو جو بئنڪاڪ جي هيڏي وڏي دڪاندار لاءِ اهو ڪوڙ ڳالهائڻ ڏکيو ڪم هو ته هڪ شيشي جي ٻوچ لاءِ گراهڪ کي چوي ته اهو سچو هيرو آهي. پر هڪ ته هن وٽ هاڻ ڪو ٻيو هيرو ڏيکارڻ لاءِ بچيو به نه هو ۽ ٻيو ته هي سمجهي ويو ته خدمتگار کي هيرن جي ڪابه سڃاڻپ يا سڌ سماءُ ناهي. سو بيزاري مان اهو شيشي جو ٻوچ ڪڍي چيو: "جيئن ته توکي منهنجن هيرن مان ڪوبه پسند نه آهي پر شايد هن کي ڏسڻ چاهين جيڪو منهنجو ته نه آهي ۽ نه ان جي گارنٽي ڏئي سگهندس. هي منهنجي هڪ دوست وڪڻڻ لاءِ هتي رکيو آهي. ٿي سگهي ٿو توکي پسند اچي وڃي."

شيشي جي ٻوچ ڏسڻ سان خدمتگار کي اهڙو ته وٽي ويو جو يڪدم ڦارا چمن کي چيو:

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”هڙوئي تہ هيرو مون کي ڪپي جنهن جي ڳولا ۾ هتي آيو آهيان. سائيز بہ بلڪل صحيح اٿس تہ سونهن سوڀيا ۾ بہ سندس ڪو مٽ نہ آهي، پر جيڪڏهن توهان ان جي قيمت واجبي رکو تہ سودو هينئر جو هينئر پڪو ٿي وڃي. مهرباني ڪري ٻڌايو تہ هن هيري جا مون کي گهڻا پئسا ڏيڻا پوندا؟“

ان تي جوهريءَ هڪدم دل ۾ سوچيو: ”نائي ڪرو تہ ان ٻوج لاءِ فقط ڏهہ هزار باٽ ٿي گهريا پر هن ماپ جي اصلي هيري لاءِ آئون فقط ڏهہ هزار گهرندس تہ ونڻ وارو گراهڪ ضرور شڪبو. ان ڪري ڏهہ هزار بدران اجا بہ ويهہ هزار باٽ چوانس تہ اهي اصلي قيمت جي ويجهو ٿي سگهن ٿا ۽ ايترا پئسا ملڻ تي ڏهہ هزار باٽ مون کي بہ نفعو ٿي ويندو. اڳلو صفا ڪو سادي مت جو ٿو لڳي ۽ جيترو بہ گهرندوسانس تہ خوشيءَ سان ڏيئي ڇڏيندو.

پوءِ ٿوري ئي سوچ ۽ ويچار ڪرڻ بعد هن خدمتگار کي مختصر جواب ڏنو. ”ها بابا هن هيري جي مالڪ ان لاءِ ويهہ هزار باٽ پئي گهريا.“

خدمتگار اهو ٻڌي وراڻيو تہ اها قيمت مناسب ئي لڳي ٿي ۽ هو اتي جو اتي خريد ڪرڻ لاءِ تيار آهي ”بدقسمتيءَ سان“ هن وڌيڪ چيو. ”هن وقت مون پاڻ سان ايترا پئسا نہ آندا آهن. مون وٽ هن وقت فقط پنج هزار باٽ آهن. پر آئون هڪ ڪم ڪندس. هي پنج هزار باٽ في الحال تو وٽ سوٽيءَ طور ڇڏي باقي پئسا هفتي اندر ڪٺي تو اچان. ان بعد ئي تون مون کي اهو هيرو ڏجانءِ. پر وچڻ کان اڳ بهتر ٿيندو تہ پاڻ هڪ ننڍڙو معاهدو لکت ۾ ڪريون. اهو هي تہ هفتي اندر جي آئون پئسا ڪٺي آيس ۽ انهيءَ وچ ۾ تو هي هيرو ڪنهن ٻئي کي وڪڻي ڇڏيو تہ منهنجي سوٽي وارن پئسن کان علاوه ٻيا بہ پنج هزار باٽ توکي ڏنڊ خاطر مون کي ڏيڻا پوندا. تو لاءِ هي ضمانت نامو ڪٽي اهم نہ هجي پر مون غريب لاءِ ان ڪري آهي جو آئون هي هيرو پاڻ لاءِ نہ پر پنهنجي رئيس لاءِ پيو وٺان.ان ڪري هي معاهدو پاڻ ٻنهي لاءِ فائديمند آهي.“

ڦارا چمن دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ خدمتگار کي آڇت ڏيندي چيو. ”توکي مون کان ڊڄڻ نہ کپي. آئون هڪ ساک وارو بئنڪاڪ شهر جو وڏو واپاري آهيان ۽ توسان زبان ڪرڻ کانپوءِ اهو هيرو ڪنهن ٻئي کي هرگز نہ وڪڻندس.“

”سائين اها ڳالهہ تہ آئون بہ سمجهان ٿو.“ خدمتگار چيو. ”پر وري بہ توهان کي جي

اعتراض هجي تہ معاهدو ڪرڻ بهتر آهي.“

سو نيٺ معاهدو تيار ڪيو ويو جن تي سندن صحيحن کان علاوه ٻن شاهدن جون بہ صحيحون ٿيون. ان بعد ڦارا چمن جي سلوڪ کان خوش ٿي خدمتگار موڪلائي چوڪلائي پنهنجي وطن سونگڪلا روانو ٿيو.

ٻن ڏينهن بعد ڦارا چمن پنهنجي دڪان ۾ ويٺ هو نائي ڪرو گهٽيءَ مان اچي لنگهيو. ڪيس واندو ڏسي هو دڪان ۾ گهڙي آيو ۽ ڪيڪار بعد چيو: ”ادا، اوچتو مونکي ياد آيو آهي تہ ڪجهہ مهينا اڳ مون توهان کي هڪ هيرو وڪڻڻ لاءِ ڏنو. جيڪڏهن اهو اجا نہ وڪاميو هجي تہ مهرباني ڪري هاڻ مونکي پلي واپس ڪجو جو مون ٻڌو آهي تہ شهر ۾ ڪنهن ڏارئين ملڪ جي شهزادي جو خدمتگار اوچي قسمن جا هيرا ڳولائي رهيو آهي. ٿي سگهي ٿو هن کي منهنجو هيرو وٽي وڃي ۽ خريد ڪري وٺي.

نائي ڪرو پنهنجي پر ۾ تہ تمام ننڍڙي ڳالهہ ڪري ويو پر ڦارا چمن وڏي فڪر ۾ پئجي ويو. هاڻ جيڪڏهن هو نائي ڪروکي ٻڌائي ٿو تہ ”هيرو“ هو اڳين ان خدمتگار کي وڪڻي چڪو آهي تہ ڦارا چمن ڪنهن نہ ڪنهن نموني سان معلوم ڪري وٺندو تہ ويهہ هزار باٽن ۾ سودو طئہ ٿيو آهي جنهن لاءِ ڦارا چمن تہ پئي چيو تہ اهو ”هيرو“ ڪنهن بہ ڪم جو نہ آهي ۽ جيڪڏهن هو ان جا سمورا پئسا نائي ڪرو کي نہ ڏيندو تہ هو سڄي بئنڪاڪ ۾ کيس بدنام ڪري ڇڏيندو ۽ سندس سالن جي ساک کي ڪاپاري ڌڪ رسندو ۽ پوءِ ماڻهو کائنس هيرا جواهر وٺڻ ڇڏي ڏيندا ۽ هڪ ٻي ڳالهہ تہ جيڪڏهن هو نائي ڪروکي سندس شيءِ واپس ڪندو تہ معاهدي مطابق خدمتگار کائنس پنج هزار باٽ ڏنڊ ڀرائي وٺندو جيڪو بہ هن هرگز نٿي چاهيو. نيٺ هو ان راءِ تي پهتو تہ ان مشڪل مان نڪرڻ جو فقط هڪ ئي گس آهي. هن نائي ڪرو ڏي منهن ڪري وراڻيو: ”تنهنجي ڏنل هيري کي بار بار چڪاس ڪرڻ بعد هاڻ ان راءِ تي پهتو آهيان تہ اهو چڱو خاصو قيمتي آهي ۽ جيڪڏهن تون چاهين تہ آئون اهو توکان خريد ڪريان؟“

”پر سائين توهان تہ چيو پئي تہ اهو ڏهہ پاٽن ۾ بہ نہ وٺندس.“

”ها، پر هاڻي مون ارادو بدلائي ڇڏيو آهي.“

”تہ پوءِ هاڻ توهان مون کي ان جا ڪيترا پئسا ڏينداڻو“. نائي ڪرو پڇيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جيترا ڏينهن ڏنا، تون پهرين گهري رهيو هئين اوترائي ڏيندس.“

”چڱو. پر پوءِ جنهن تنهن کي نہ چئجو تہ مون توهان کي معمولي پٿر ڏيئي ٺڳيو آهي.“

”نہ نہ.“ ٺارا چمن دلجاءِ ڏني، آئون ان هيري مان هاڻ تمام گهڻو مطمئن آهيان.“ اهو چئي جواهري ٺجوڙي مان ڏهہ هزار پاٽ ڪڍي ڳڻي نائي ڪرو جي هٿ تي رکيا جيڪو پئسا کيسي ۾ وجهي روانو ٿي ويو.

ٺارا چمن پوءِ دل ئي دل ۾ خوش ٿيو تہ هن تمام سستو سودو ڪيو. هاڻ هو خدمتگار جي اچڻ جو بي چينيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳو. آخرڪار ست ڏينهن گذري ويا پر خدمتگار جو نہ هي پتو تہ نہ هو پتو. ان بعد اٺون ڏينهن بہ گذري ويو. پوءِ نائون ۽ ڏهون ڏينهن بہ پر خدمتگار ڪي نہ اچڻو هو سو نہ آيو. هاڻ ٺارا چمن جي دل ٻڏڻ لڳي تہ هو هرگز نہ ايندو. جيتوڻيڪ خدمتگار جي نہ اچڻ ڪري هن جا سوٽيءَ وارا پنج هزار پاٽ کيس گهرويٺي ملي رهيا هئا پر نائي ڪرو کي هڪ معمولي شيشي جي ٽوڪر جا ڏهہ هزار باٽ ڏيئي کيس باهہ پئي ويئي. چو جو ان حساب سان ڏني نہ ورتي کيس سنئون سنڌو پنج هزار باٽ جو نقصان ٿي رهيو هو.

خدمتگار جو انتظار ڪندي ٺارا چمن کي پيا بہ ڪيترائي ڏينهن گذري ويا ۽ هاڻ آهستي آهستي هو ڳالهہ سمجهي ويو تہ اها سڄي بدمعاشي نائي ڪرو جي هئي جيڪو اٽڪل ڪري کائنس پئسا ٺڳي ويو. هاڻ جيڪڏهن پوليس کي دانهن ٿو ڏئي تہ سڄو جهان مٿانئس کلندو تہ بئنڪاڪ شهر جي هيڏي وڏي سياڻي واپاري کي هڪ ڳوناٺو ۽ اڻ پڙهيل بيوقوف بڻائي ويو. ان ڪري چپڙي ڪري اڄ ڏينهن تائين ويٺو انتظار ڪري تہ من ڪنهن ڏينهن اهو خدمتگار موٽي اچي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# اُستاد ڦڏو ۽ اُستاد ڇٻو

ڳالهه ٿا ڪن تہ ملايا جي ڪنهن شهر ۾ ٻہ ڄڻا: ڇٻو ۽ ڦڏو رهندا هئا. ڪو ڪم ڪار يا پورهيو ڪرڻ بدران ٻئي ڄڻا رڳو مفت جون مانيون ويٺا کائيندا هئا. نيٺ هڪ ڏينهن ڦڏي پنهنجي دوست ڇٻي کي چيو: ”استاد ڇبا اڄ تہ ڪنهن اٽڪل ذريعي ڪجهہ ناڻو ڪمايون.“ سو اهو سوچي هو ڀرواري ڳوٺ ڏي روانا ٿيا. اتي پهچي هنن واٽ ويندي ڍڳي کي جهلي هڪ هنڌ لڪائي ڇڏيو. مالڪ جڏهن ڳولي ڳولي ٿڪجي پيو تہ استاد ڦڏو هن وٽ پهتو ۽ چيو! منهنجو هڪ استاد، ڪرامتون ۽ اڳڪٿيون ٻڌائڻ وارو ”ڇٻو سائين“ هينئر هينئر هن ڳوٺ ۾ پهتو آهي ۽ کوهہ واري مسافر خاني ۾ ٽڪيل آهي ڇو نہ هلي ان کان تنهنجي چورايل ڍڳي جو ڏس پتو پڇجي؟“

اهو ٻڌي وڃايل ڍڳي جو مالڪ استاد ڇٻي وٽ پهتو جيڪو ٻہ چار پراڻا ۽ ٿلها ڪتاب اڳيان رکي ڊارا هڻي رهيو هو. سواليءَ جوڪم ٻڌي هن ڪتاب کوليا ۽ مکر سان انهن کي اٿلائي پٿلائي ڍڳي جي مالڪ کي چيو: ”هتان مسافر خاني کان ٻاهر نڪ سامهون هليو وڃ. کوهہ ڏيڍ جي پنڌ کانپوءِ هڪ ڪنل جو وڻ نظر ايندءِ، جتان ڦرين کاٻي مڙجان ۽ پوءِ ساڄي راهہ وٺي وڃانءِ. ويندو رهجانءِ ۽ ويندو رهجانءِ. تائين جو هڪ پراڻي شاخ وٽ گدامڙيءَ جي وڻ وٽ پهچين. اتان پوءِ اتر طرف لڙندين تہ سامهون هڪ پپر جي جهوني وڻ هيٺان توکي پنهنجو ڍاند ڏسڻ ۾ ايندو. جيڪڏهن نہ اچي تہ آئون ڪوڙو ۽ ڪوڙي جو پٽ. نذراني خاطر مونکي هڪڙو ٽڪو بہ نہ ڏجانءِ، پر جي ڍڳو ملي وڃئي تہ اجوري خاطر مون کي چانديءَ جا ڏهہ سڪا ڏجانءِ.“

ڍڳي جو مالڪ ٻڌايل واٽن تان ٿيندو جڏهن نشانيءَ واري هنڌ تي پهتو تہ واقعي پپرجي وڻ هيٺان سندس ڪاروڏاند سڪل ڪانا چٻاڙي رهيو هو. همراهہ هڪدم اچي استاد ڇٻي جا پير چميا ۽ ڏهہ چانديءَ جا نڪور سڪا ڪڍي اڳيان رکيا.

اهو ناڻو هٿ ڪري ٻہ چار ڏينهن سک جي زندگي گذارڻ لاءِ هاڻ ڇٻو ۽ ڦڏو پنهنجي

ڳوٺ ورڻ جي تيارين ۾ هئا تہ ڳوٺ جو وڏيرو اچي وارد ٿيو. ”ڪٿي آهي نجومي؟“ آئون ڪائنس ڪجهہ پڇڻ لاءِ هتي آيو آهيان. ”وڏيري چيو ”ڳوٺ ۾ هر هڪ جي وات تي وچايل ڏڳي جي ملڻ جو قصو آهي. منهنجي سوپارين واري سوني پيتي رات ڪو شاهينگ چورائي ويو آهي. هاڻ جهٽ پٽ اها ڳولرائي ڏي!“

اهو ٻڌي چبي جا ڪن اُيا ٿي ويا تہ هاٿي جا ڪجي. پر يڪدم سوچي وراڻيائين:“ سائين منهنجا هن وقت تہ هڙئي تارا ڪتيون اهڙي چڪر ۾ آهن جو توهان جي فائدي جي ڳالهہ ٻڌائي نہ سگهندا. ان ڪري رات جاچار پهر گذرڻ ڏيو. نئون سج ايرڻ سان هليا اچجو تہ حساب ڪري ٻڌائيندو سانوَ تہ توهان جي سوني صندوق ڪهڙي چور کنئي آهي.“

جيئن ئي وڏيري پٺ ڏني تہ چبو ۽ ڦڏو هڪ ٻئي ڏي سوالي نگاهن سان ڏسڻ لڳا تہ هاڻ ڇا ڪجي. چبي ٿڏو ساهہ کڻي چيو. ”هاڻ خيريت ان ۾ آهي تہ رات جي پيٽ ۾ ئي هتان پڇي نڪرجي.“ پر ڦڏي خبردار ڪندي چيو تہ ائين پڇڻ سان سڄي ڳوٺ جا ماڻهو پنيان پئجي ويندا. ”اڇو تہ صبح ٿيڻ تائين ڏسون تہ ڇا ٿو ٿئي.“ ڦڏي صلاح ڏني.

جڏهن رات جي اونداهي گهٽي گهاٽي ٿي تہ چبي چيو: ”اڇو تہ هاڻ نڪري هلون. اجا بہ وقت آهي.“ پر ڦڏي وراڻيو: ”چڱو پلا چنڊ اُيرڻ تائين تہ گهٽ ۾ گهٽ ترس.“

هاڻ ٿيو جو جنهن وقت هي ڳالهيون ڪري رهيا هئا تہ ان وقت سوپارين جي سوني صندوق جو چور جنهن جو نالو ”بخت“ هو رات جي اونداهي ۾ لڪندو لڪندو هنن جي مسافر خاني جي ٻاهران اهو معلوم ڪرڻ لاءِ اچي نڪتو تہ آيا نجومي کي تارن ذريعي چور جي خبرپئجي ويئي آهي يا نہ..

چبي ڦڏي کي چيو: ”استاد ڦڏا هي کيل ڪرائي پاڻ کي ڦاسائي وڌئي، هاڻ هتان ائين پڇٽو پوندو جڻ پاڻ ئي چور هجون!“

ڦڏي وراڻيس: استاد چبا! ان ۾ ڪنهن جو ڏوهہ ڪونهي. ڏوهہ پنهنجي بخت جو آهي، بخت جو.“

چور جيڪو رڙهي اچي هنن جي ڪمري جي در وٽ لڪيو هو تنهن رڳو ’چور‘ ۽ ’ڏوهہ بخت جو‘جهڙا لفظ ٻڌي سمجهي ويو تہ نجوميءَ کي جهڙا لفظ ٻڌي سمجهي ويو تہ نجوميءَ کي تارن کان اهو معلوم ٿي ويو آهي تہ سوني صندوق جو چور ’بخت‘ يعني آئون

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آهيان. تڏهن ته هي منهنجو نالو وٺي ڳالهه پيا ڪن. سو ڏڪندي ڏڪندي در جي اوٽ ڪان ٻاهر نڪري چوڻ لڳو: ”نجومي صاحب اهو بدنصيب ’بخت‘ آئون ئي آهيان. جنهن وڏيري جي چوري ڪئي آهي. اها مون سندس گهران چوري ڪري ڳوٺ جي پراڻي مقام ۾ هڪ ڊٻل قبر اندر لڪائي رکي آهي. جيڪي وٺڻو مونکي سيڪٽ ڏيو پر مهرباني ڪري وڏيري کي منهنجونالو نه ٻڌائجو.“

ڦڏوءِ ڇٻو اهو معلوم ڪري دل ئي دل ۾ خوش ٿيڻ لڳا ته چور ته گهر وينئي ئي ملي ويو. پر چور اڳيان اهڙيءَ خوشي جو اظهار ڪرڻ بدران نمونو رکيائو جڻ اڳهين خبر هئي ته پيتي ڪٿي لڪل آهي. ڇڙٻ ڏيندي چور کي چيائون: ”خبردار جو آئيندي چوري ڪئي اٿئي. وڏيري کي چئي شهر نيڪالي ڏياريندا سون.“

بخت هٿ ٻڌي معافي ورتي ۽ ڦڏي ۽ ڇٻي جا ٿورا مڃيندو روانو ٿي ويو. ٻنيان سج ايرڻ تي جڏهن وڏيرو آيو ته ڇٻي سندس شيءِ جو پورو پورو ڏس ڏنو ته اهاڪٿي پيئي آهي. وڏيرو ٻڌايل پار پٽن موجب ڊٻل قبر کوٽي کٽي ڏسي ته واقعي امانت صحيح سلامت پيئي آهي. خوش ٿي يڪدم نجومي استاد ڇٻي اڳيان چانديءَ جا پورا هڪ سؤ سڪا اچي رکيا ۽ ٻئي ڏينهن ٻنهي ڄڻن کي پنهنجي گهر نيرن جي دعوت ڏني.

نيرن بعد جيئن ئي ڦڏوءِ ڇٻو موڪلائي رهيا هئا ته بادشاهه جو قاصد وڏيري جي گهر پهتوءِ خبر ٻڌائي ته اڄ صبح جو هيرن جواهرن سان ٽٻ ستن جهازن جو هڪ قافلو بندرگاهه ٻاهران لنگر انداز اچي ٿيو آهي. جهازن جي سوداگرن وٽ هڪ لوهي پيتي آهي جنهن تي هن بادشاهه سان شرط رکي آهي ته ستن ڏينهن کان پوءِ بادشاهه جي راڄ جو ڪوبه نجومي جيڪڏهن ٻڌائي ويندو ته ان پيتي ۾ ڇا آهي ته هيرن جواهرن سان آندل ست ئي جهاز بادشاهه جا ٿيندا پرجيڪڏهن ڪوبه نجومي مقرر مدي اندر ٻڌائي نه سگهيو ته بادشاهه کي پنهنجو تخت ۽ تاج سوداگرجي حوالي ڪرڻو پوندو. قاصد وڌيڪ ٻڌايو:”بادشاهه سلامت اهو شرط منظور ڪري وينو آهي پر افسوس جو ڪورٽ جي خاص نجومين مان ڪو هڪ به ان جي لائق ناهي ته ٻڌائي سگهي ته ان پيتي ۾ ڇا آهي. ان ڪري بادشاهه سلامت ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ماڻهو موڪليا آهن ته وڃي ڪو سنو نجومي ڳولي اچو.

وڏيري قاصد جي سڄي ڳالهه ٻڌي خوشيءَ مان صلاح ڏنسِ: ”استاد ڇٻي کي ڇو نٿو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بادشاهہ وٽ وٺي وڃين. هي ضرور ٻڌائي ويندو تہ ان پيتي ۾ ڇا آهي.“

سو اهڙي طرح قاصد استاد چبي ۽ استاد ڦڏي کي ساڻ وٺي بادشاهہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. استاد چبي بادشاهہ کي دلجاءِ ڪرائي تہ هو فڪر هرگز نہ ڪري جو اجا تہ سچا سارا ست ڏينهن پيا آهن. مقرروقت اچڻ تي هو سوداگر کي ان پيتيءَ جو ڳجهہ منٽن ۾ ٻڌائي ويندو. بادشاهہ سلامت اهو ٻڌي تمام گهڻو خوش ٿيو ۽ چبي ۽ سندس چيلي ڦڏي کي رهڻ لاءِ هڪ عاليشان گهر ڏيئي ڇڏيائين ۽ ان سان گڏ ڪيترائي نوڪرچاڪر ۽ کان پيتا پڻ تہ جيئن موج ۾ وقت گذارين.

ٻنهي ڄڻن جي عيد ٿي ويئي ۽ مزي ۾ ڏينهن رات گذارڻ لڳا. پيتيءَ جي راز ٻڌائڻ واري ڏينهن کان هڪ رات اڳ ڦڏي چبي کي چيو: ”هيترا ڏينهن تہ پاڻ بہ خوب جاوا ڪيا. هاڻ هتان تہ ڀڄڻ جي ڪا واهہ بہ نظر نٿي اچي ۽ نہ وري ڳجهہ جي خبر پئجي سگهي جو سياڻي اهو راز ٻڌائي سگهون تہ پيتيءَ ۾ڇا آهي. بس هڪ ئي ڪم ڪري سگهون ٿا. ماڙيءَ جي دري جيڪا سمنڊ پاسي کلي ٿي اچو تہ ان مان ٽپ ڏيئي پاڻ کي سمنڊ ۾ ڦٽو ڪريون جيئن سمنڊ جي ڇولين ۾ ٻڏي وڃون.“

”ٻڏي ڇو مرون. پاڻ کي ترڻ تہ اچي ئي ٿو“ چبي چيو. هن کي خودڪشي ڪرڻ جي رٿ بنهہ پسند نہ آئي.

”چڱو ڀلا“ ڦڏي ٻي رٿ پيش ڪئي، هيئن ڪنداسين جو ترندا ويندا سين، ترندا ويندا سين تان جو ان حد تي پهچون جڏهن ساٿا ٿي ٻڏي وڃون.“

پوءِ ٻنهي ڪٽي سمنڊ ۾ ٽپ ڏنو. ترندي ترندي هو انهن ستن جهازن جي ويجهو وڃي پهتا جنهن جي سوداگر بادشاهہ سان شرط رکي هئي. انهن جهازن جي قافلي مان جهڙو هڪ جهاز جي پرسان لنگهيا تہ سندن ڪنن تي ڪنهن بار جي ڳالهائڻ جو آواز پيو جيڪو پنهنجي ڏاڏي سان ضد ڪري رهيو هو: ”ڏاڏا ڏاڏا، توهان جهاز جي سوداگر جا خاص بورچي آهيون. توهان کي ضرور ان راز جي خبر هوندي تہ ان پيتي ۾ ڇا آهي.“

”پر جنهن ڳالهہ سان تنهنجو واسطو ناهي ان جي پڇڻ مان ڪهڙو فائدو؟“ بورچيءَ پنهنجي پوٽي کي ڇڙٻ ڏيندي چيو.

”نہ آئون ڄاڻڻ ٿو چاهيان. مونکي ٻڌاءِ. مون کي ٻڌاءِ.“ بار ضد ڪيو ”نہ تہ آئون هرگز

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

نہ سمهندس.“

”ڇو ايڏو ضدي نينگر ٿيو آهين.“ ڏاڏي چيس. پر ڇوڪرو پنهنجيءَ تان اصل لهڻ جي نہ ڪئي. ”ڏاڏا مون کي هرويرو ٻڌايو. ڇا بہ ٿي پوي تہ ٻڌايو.“

آخر ڪار ڏاڏي کي مِٺڙو پيو. ”ڇڱو پلا ٻڌ.“ هن چيو ”اُن لوهي پيٽي جي اندر پتل جي پيٽي آهي. پتل جي پيٽيءَ اندر چانديءَ جي پيٽي آهي ۽ چانديءَ جي پيٽيءَ اندر سوني پيٽي آهي ۽ سوني پيٽيءَ ۾ دنيا جي قيمتي عطر جو هڪ دڪو رکيل آهي. بس هاڻ هلي سمهي رهہ.“

ڇبو ۽ ڦڏو جيڪي ٻئي اها گفتگو ٻڌي رهيا هئا. تن هڪ ٻئي ڏي نهاري مرڪيو ۽ واپس ڪناري ڏي ترڻ لڳا. ٻئي ڏينهن صبح جو اهو ٻڌائڻ اجايو آهي تہ استاد ڇبو پنهنجا ڪوڙا سچا ڪتاب اٿلائي سڀ ڪجهہ صحيح ٻڌائي ويو تہ ان پيٽيءَ ۾ڇا آهي ۽ سوداگر کي پنهنجي سمورا جهاز بادشاهہ کي ڏيڻا پيا. بادشاهہ ان ئي وقت استاد ڇبي کي ڪورٽ جو وڏو نجومي مقرر ڪيو ۽ ڪچهريءَ لاءِ پاڻ سان گڏ محلات ڏي وٺي ويو.

ان وقت جڏهن ڇبو بادشاهہ سلامت سان محلات ۾ ڪچهري ڪري رهيو هو تہ پنيان ڦڏي گهر کي ڪٽي باهہ ڏني. هن ڇاٽي ٻجهي ٿورا پنهنجا هٿ بہ ان مان ساڙيا ۽ سڌو محلات ۾ پهتو جتي ڇبو بادشاهہ سان خبرون ۽ چارون ڪري رهيو هو. ڦڏي پنهنجو پاڻ ڇبي اڳيان اچلائي چيو: ”استاد سائين ڇا عرض ڪريان تہ گهر کي باهہ لڳڻ ڪري توهان جي علم نجوم جا هڙئي ڪتاب سڙي راک ٿي ويا آهن.مون گهڻو ئي انهن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي پر افسوس جو توهان جي قيمتي ڪتابن کي بچائي نہ سگهيس.“

ڇبو اها خبر ٻڌي منهن مٿو پٽڻ ۽ ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو: ”هاءِ هاءِ! هاڻ ڇا ٿيندو. هاڻ آئون تارن جو علم ۽ اڳڪٿيون ڪيئن ٻڌائي سگهندس.“ بادشاهہ استاد ڇبي کي غمگين ڏسي يڪدم آٿت ڏني ۽ نئين عهدي طور رياست جو وزير ڪري رکيو. ان بعد ڦڏي جي سڙيل هٿن ڏي نهاري چيو: شاباس هجي تو جهڙي وفادار کي جنهن مالڪ جي ڪتابن لاءِ باهہ جي سيڪ جي بہ پرواهہ نہ ڪئي. مون کي تو جهڙن بهادر ماڻهن جي ضرورت آهي.“ ۽ پوءِ ڦڏي کي پنهنجي آرميءَ جو ڪمانڊر مقرر ڪري رکيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڀاڳ واري ڪٿلي

هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جن ڏينهن ۾ جپان ۾ ماڻهو فيوجي جبل کي اجا ديوتا ڪري پوڄيندا هئا. هڪ صبح جو هڪ ڪلمڪ نوريئڙو نچندو ڪڏندو جهنگل مان واٽ وٺي وڃي رهيو هو. رستي تي ڪٿي ڪٿي سنهو گاهه آيو ٿي ته ان تي گول ليٽڙيون پاتائين ٿي ۽ وري ڪٿي ڪنڊن وارا ٻوٽا آيا ٿي ته انهن کان پاڻ بچائيندو يا مٿن بل ڏيندو اڳيان وڌيو ٿي.

اهڙيءَ طرح هڪ هنڌ خوشيءَ مان هيڏانهن هوڏانهن جي پرواهه نه ڪندي جهڙي ڊوڙ پاتائين ته هڪ ماريءَ جي ڪوڙڪي ۾ وڃي وچڙيو. پوءِ جيئن جيئن ان مان پاڻ کي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيائين تيئن ان ڪوڙڪي جي ڳنڍ سوگهي ٿي وئي. ۽ هي ان ۾ اهڙو سڪ ٿي ويو جو هيڏانهن هوڏانهن ڦٿڪڻ جي ڪيائين ٿي ته ساهه ٿي گهٽيس.

”الاڙي الاڙي“ هو سنهيون ڪيڪون ڪرڻ لڳو. ”الاڙي“ سندس رڙيون هڪ واٿهڙو ڪنپار جي ڪن تي پيون جيڪو ٿانوَ ٺاهي هاڻ پنهنجي گهر وڃي رهيو هو. دانهن جا آواز ٻڌي هن پنهنجي. چبڙي ڪلهي تان لاهي پٽ تي رکي ۽ جان بچائڻ لاءِ نوريئڙي ڏي ڀڳو.

”مار ته سهي! هڪ غريب ننڍڙو نوريئڙو ڪوڙڪي ۾ ڦاٿو پيو آهي!“ ڪنپار تعجب مان چيو ۽ هڪدم نوريئڙي جي جان آجي ڪرائي.

”هاڻ پيارا نوريئڙا جهٽ ڪري پنهنجي گهرجو رخ اختيار ڪر جيئن ڪو ٻيو واٿ تي توکي نقصان نه رسائي.“ ڪنپار پيار ۽ پاٻوهه مان نوريئڙي کي نصيحت ڪئي. هن نوريئڙي جي پٺيءَ تي ٻه چار دفعا هٿڙا گهمائي وري چيوِ: ”چڱو دوست هاڻ سڌو گهرڏي روانو ٿجانءِ.“

”هن احسان جو بدلو مان توکي ڪيئن ڏيئي سگهان ٿو؟“ نوريئڙي اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندي پڇيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”بس تون پنهنجي گهر تائين سلامتيءَ سان پهچي ويندين ته مون لاءِ اهوئي گهڻو آهي.“ ڪنيار سندس پنيءَ کي ٿپريندي چيو ۽ ان بعد پاڻ به پنهنجي واٽ وٺي پنهنجي گهر ڏي روانو ٿيو. نوريئڙو ڪا دير ڪنيار کي ويندو ڏسي سوچڻ لڳو ته هو ڪهڙي طرح هن غريب ڪنيار جي ڪم اچي سگهي ٿو جنهن هن جي جان بچائي. اهو سوچيندي اوچتو هن جي دماغ ۾ هڪ رٿ آئي ۽ پنهنجي هڪ جادوئي رهل جي زور تي پنهنجو پاڻ کي هڪ سهڻي چٽن گلن واري ڪٽلي ۾ بدلائڻ شروع ڪيو. سندس جسم گول ۽ ٿلهو ٿي بلڪل چانهن جي ڪٽليءَ جهڙو ٿي پيو. پڇ مڙي ڪٽليءَ جو ڳن ٿي پيو ۽ پير ڪٽليءَ جا ترا ٿي پيا. سندس نڪ ٻاهر نڪري ڪٽلي جي اڳيان تن وانگر ٿي بيٺو. هاڻ هو بلڪل ڪٽلي ٿي پيو هو ۽ پوءِ ڪا دير هيءَ نوريئڙي نما ڪٽلي ڪنيار جي پنيان پنيان هلندي رهي. هڪ هنڌ جهڙوئي کيس وجهه لڳو ته ٽپ ڏيئي ڪنيار جي ڇٻڙي ۾ لڪي وڃي ويٺي. ڪنيار کي خبر به ڪانه پيئي ۽ پنهنجي ئي موج ۾ گهر ڏي رمندو رهيو.

”منهنجي زال! آئون اچي ويو آهيان.“ گهر پهچي ڪنيار رڙ ڪئي. مڙس جو آواز ٻڌي زال ڊوڙي اچي در کوليو ۽ جهڪي سندس آڌر ڀاءُ ڪيو. ڪنيار پنهنجي ڪلهي مان شيءِ شڪل جي ڇٻڙي هيٺ لاهي پنهنجي غريباڻي جهوپڙيءَ جي ٽڏي تي رکي ۽ پاڻ اجا ڪکن جو ڇمپل لاهي پاسائتو رکي رهيو هو ته سندس زال جي نظر ڇٻڙيءَ ۾ پيل ڪٽليءَ تي پيئي.

”اڙي اڙي! هي ڇا آهي؟“ هن رڙ ڪئي ۽ پاڻ ۽ سندس مڙس ان ڪٽليءَ کي حيرت منجهان ڏسڻ لڳا.

ان بعد هو ڪٽلي کي حفاظت سان کڻي اندر ڪمري ۾ آيا ۽ پٽ تي رکي متائنس جهڪي خاموشيءَ سان ان ڪٽليءَ جا چٽ گل ۽ ڪاشيءَ جهڙي چلڪ غور سان ڏسڻ لڳا.

”اهو واقعي هڪ ڪرشمو ٿيو ”ڪرشمو!“ ڪنيار ڇپن ۾ پڙڪيو.

”هن جهڙي سهڻي ڪٽلي سڄي جپان ۾ نه هوندي.“ جواب ۾ سندس زال پڻ پڻ ڪئي، ”اها توکي ملي ڪٿان؟“

”مونکي پاڻ خبر ناهي ته اها آئي ڪٿان.“ ڪنيار وراڻيو ”هتي پهچڻ کان اڳ رستي تي ته ڪٽي به مون کي اهڙي سهڻي شيءِ نظر نه آئي.“

ٻئي ڄڻا وري اچرج مان ان ڪٽليءَ کي ڏسڻ لڳا. سندن اکين اڳيان هاڻ ڪٽليءَ کان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

علاوه ٻي ڪابہ شيءِ نہ هئي.

”اها اهڙي تہ سهڻي آهي جو جيڪر مورين مندر تي نذراني طور هلي ڏجي.“ ڪنيار سوچيو ۽ پوءِ زور سان چيو: ”ڪر خبر منهنجي زال، ان کي مورين مندر ۾ هلي ڏئي اچون.

”ها، پاڻ جهڙن لاءِ هيءَ تمام اوچي شيءِ آهي.مون کي پڪ آهي تہ ٻائو اهڙي املهہ شيءِ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو.“ سندس زال وراڻيو.

ڪنيار وڏي خبرداري سان پٽ تان ڪٽلي کي کنيو ۽ ڪپڙي جي پوش ۾ ويڙهي مندر ڏي روانو ٿيو. ٻائو ان ڪٽليءَ کي ڏسي حيران ٿي ويو جو پهرين ئي نظر سان ٻائي تاڙي ورتو تہ اها اهڙي تهڙي شيءِ نہ آهي ۽ سوچڻ لڳو تہ ڪنيار جهڙي غريب ماڻهو وٽ اها آئي ڪٿان. ڪنيار جڏهن سچي حقيقت ڪري ٻڌائي تہ ٻائو ويتر تپرس ۾ پئجي ويو ۽ جيئن تہ ان جي اصل مالڪ جي ڪابہ خبر نہ هئي. ان ڪري ٻائي ان کي مندر لاءِ وٺڻ قبول ڪيو. جيئن مندر ۾ ٿيندڙ چانهہ پارٽي واري ڪاج ۾ استعمال ٿيندي رهي.

جڏهن ڪنيار هليو ويو تہ ٻائي ڪٽليءَکي هڪ دفعو وري غور سان ڏٺو. ”واهہ جي خوبصورت شيءِ آهي. اٽليپ شين مان هيءَ هڪ ٿي ڏسجي. پنهنجي يارن دوستن کي هينئر ئي نيئڊ ڏيئي مون کي اها ڏيکارڻ کپي.“

مندر کي مليل ان قيمتي سوغات جي ڏسڻ جي شوق ۾ سندس دوست اچي سهڙيا ۽ پٽن تي وڇايل گاديلن تي گول چڪري ۾ ٿي ويٺا. سائي چانهہ جو آڌر پاءُ وارو دور ختم ٿيڻ کانپوءِ ٻائو اٿيو ۽ ريشم جي ڪپڙي جي هڪ هڙ اچي وچ تي رکي. پوءِ منجهائنس اها قيمتي ڪٽلي مهمانن کي ڏيکاري. مهمان ههڙي اوچي ڪٽلي کي غور سان ڏسڻ لڳا. سندس رنگ روپ ۽ بيهڪ جي واکاڻ ڪرڻ لڳا. هو سڀ اهو ٻڌڻ لاءِ آتان هئا تہ ٻائي کي اها ڪٿان هٿ آئي ۽ ڪنيار جو سڄو قصو غور سان ٻڌڻ لڳا.

”واقعي تمام اعليٰ شيءِ آهي ۽ مندر جي چانهہ پارٽيءَ واري رسم ۾ استعمال ڪرڻ جي قابل آهي.“

”بلڪل. بلڪل.“ ٻائي وراڻيو. ”اڄ ئي شام جو ٿيندڙ چانهہ جي رسم ۾ آئون هن کي استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏيندس. يارو اڄ شام جو توهان بہ اچجو. سج لهڻ کان ٻہ ڪلاڪ اڳ چانهہ پارٽيءَ لاءِ اچي گڏ ٿجو.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ان شام جو سج لهڻ کان ٻه ڪلاڪ اڳ چانهه جي دعوت تي همراهه اچي ٻاهر باغيچي ۾ گڏ ٿيا. ٻائي ڪٽليءَ پاڻي سان پري ڪوئلن جي سنهي ڪر تي رکي. اجا هو ڪوپ ساسرون ٺاهي رهيو هو ته ڪنهن جي دانهن پڌڻ ۾ آيس: ”سڙان ٿو سڙان ٿو.“ ۽ انهن لفظن کان پوءِ سيني مهمانن ڏٺو ته ڪٽلي ٽپ ڏيئي چلهه تان پاڻهي ئي هيٺ لٿي. ڪجهه پاڻي فرش تي هارجي پيو ۽ ڪٽليءَ منجهان آهستي آهستي ٿي نوريئڙي جو نڪ، پوءِ پڇ ۽ تنهن بعد پير ظاهر ٿيا. پوءِ اها نوريئڙي جهڙي ڪٽلي هيڏانهن هوڏانهن ٽپ ڏيڻ سان گڏ ”سڙان ٿو سڙان ٿو“ چئي پاڻي هاري وڌو.

ٻائو اهو لقاءَ ڏسي ڊڄي ويو. ”هي ته پڪ ڪو جن ڀوت آهي يا جادوءَ جي ڪٽلي.“ هو مهمانن سميت ٻئي ڪمري ۾ وڃي لڪيو. ۽ ڀنيان در تي ڪنڍو ڏيئي ڇڏيو. مندر جا سيڪڙات چيلا ۽ ختابي رڙيون ٻڌي بچاءَ لاءِ ٻهارن لٺين سميت اندر ڊوڪي آيا: ”ڪٿي آهي جن؟ سائين بچي ته ويائو؟“

ڏڪندي ڏڪندي ٻائي ۽ سندس مهمانن در جي سير مان پنهنجا منهن ڪڍي ڊپ مان نوريئڙي جهڙي ڪٽلي ڏي نهاريو. جيڪا هاڻ وري نوريئڙي مان ڦري واپس ڪٽلي ٿي پيئي هئي ۽ معصوميت سان ڪنڊ ۾پيئي هئي. ڏڪندڙ آڱر سان ڪٽليءَ ڏي ٻائي اشارو ڪندي چيو: ”مون اها ڪٽلي پاڻي سان پري جيئن ئي باهه تي رکي ته ”سڙان ٿو سڙان ٿو“ چئي اها ڪٽلي چلهه تان ٽپ ڏيئي هيٺ لٿي ۽ نوريئڙي جي شڪل اختيار ڪري ڪمري ۾ ڊوڙندي رهي.“

ڪجهه دير لاءِ سيئي ان ڪرشمي تي بحث ڪندا رهيا پوءِ ڪپڙي ۾ لڪڻ سان ڪري ان ڪٽليءَ کي هيڏانهن هوڏانهن چوري ڏٺائون پر ڪٽلي خاموش هڪ ئي هنڌ ڏٺ هٽي پيئي هئي.

بهرحال ٻائي جي دل تي اهڙو خوف ۽ هراس اچي ويئو جو هن اهوئي بهتر سمجهيو ته هاڻ ڪٽليءَ کي ڪنيار جي حوالي واپس ڪجي. سو ماڻهو اماڻي هن ڪنيار کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ کيس سجو احوال ٻڌائي پوءِ عرض ڪيو ته هو پنهنجي ڪٽلي واپس ڪٽي وڃي.

”واهه واهه تنهنجي معنيٰ ته هيءَ ڪٽلي اهڙي تهڙي عام شيءِ نه پر تمام گهڻي اهميت واري آهي.“ ڪنيار چيو ۽ ڪٽليءَ کي وڏي خيال ۽ خبرداريءَ سان ڪپڙي ۾ ويڙهي گهر ڏي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

روانو ٿيو.

رات ٿي تہ سندس زال سمهڻ جا پٽ تي تڏا وڇايل ۽ سمهڻ کان اڳ ڪنيار ان ڪٽليءَ کي پنهنجي وهاڻي پرسان رکيو. آڌي رات جو ڪنيار جي اک کلي تہ ڪنهن جو آواز ڪن تي پيس.

”ڪنيار سان (سائين)، ڪنيار سان (سائين)، منهنجي ڳالهہ ٻڌ!“ ڪنيار ننڊاکڙين اکين کي مهٽيندي ڪٽليءَ ڏي ڏٺو تہ اها ڦري سندس دوست نوريئڙي جهڙي ٿي پئي هئي.

”ڪنيار سائين منهنجي وقتائي بچاءَ لاءِ آئون توهان جو ٿورائتو ٿيس.“ ننڍڙي جيتامڙي چيو. ”جو مون تنهنجي ڪنهن نموني سان مدد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان ڪري پنهنجو روپ بدلائي چانهہ جي ڪٽلي ٿي تنهنجي ڇپيءَ ۾ اچي لڪيس. مون اهو ئي سوچيو تہ تون مون کي وڪڻي چار ڏوڪڙ ڪمائي سگهندين. پر تون ايڏي تہ وڏي دل وارو سخي مڙس آهين جو مون کي وڪڻڻ بدران مندر ۾ ٻائي جي حوالي ڪٽي ڪيو. پر مون اهو چاهيو تہ آئون تنهنجي ڪم اچان. انڪري مون اها اٽڪل سوچي تہ ٻائي کي ڏيڇاريان تہ جيئن هو مونکي توڏي وري واپس ڪري.“

نوريئڙي جهڙي ڪٽليءَ ڪلهن کي لوڏيندي چيو: ”آخري ڏينهن سڪون سان گذارڻ لاءِ مون بہ مندر وسائڻ جو سوچيو آهي پر تيستائين پهچڻ کان اڳ پاڻ ٻئي گڏجي گهڻو ڪي ڪجهہ ڪري سگهون ٿا. تون منهنجي ڳالهہ مڃي هڪ جادوئي ڪرتب گهر ڪول جنهن ۾ منهنجا کيل تماشا ماڻهن کي ڏيکاري گهڻو ڪي ڪجهہ ڪمائي سگهين ٿو. يقين ڪر مون ۾ تمام گهڻو هنر آهي.“

ان بعد نوريئڙي ڪٽلي ٿي اهڙا تہ وني نينگ ٽپاءِ ڪرتب شروع ڪيا جو ڪنيار سوچڻ لڳو تہ ’واقعي نوريئڙي جي ڳالهہ صحيح آهي تہ آئون هن ڪٽليءَ ذريعي چڱو خاصو ڪمائي سگهان ٿو.‘

پوءِ تہ ٻئي ڏينهن کان ئي ڪنيار ماڻهن کي تماشا ڏيکارڻ لاءِ هڪ تنبو ۽ اسٽيج جو بندوبست ڪيو جنهن تي هو چڙهي ڪٽليءَ کي تماشا ڪرڻ لاءِ چئي سگهيو ٿي. تنبوءَ جي ٻاهران اشتهار خاطر وڏن اکرن ۾ لکرايو.

••• ’جيئري جاڳندي ڪٽلي‘

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

دنيا جي بهترين ڪٺلي جيڪا نچي ڏيکاري ٿي ۽ رسيءَ تي اٽرپٽر هلي سگهي ٿي.‘

اها ڳالهه هوا جي جهوٽي وانگر جهرجهنگ ۾ اوسي پاسي جي ڳوٺاڻن تائين پهچي ويئي ۽ اهڙي عجيب شيءِ ڏسڻ لاءِ ماڻهن جا ميڙ، ميلن جا ميل ڪهي، ٽڪيٽ وٺي ڏسڻ لڳا. ڪٺلي هرروز اهڙا تہ ڪرتب ۽ تماشا ڪندي هئي جو ماڻهو واٽڙا ۽ حيران ٿي ويندا هئا. ماڻهن جي گپا گيهہ ڪي منهن ڏيڻ لاءِ ڪنيار هڪ دفعي بدران ڏينهن ۾ بہ دفعا ڪٺليءَ جو کيل ڪرڻ لڳو. ڏسندي ئي ڏسندي جڏهن ڪنيار وٽ گهڻي دولت گڏ ٿي ويئي تہ هن هڪ ڏينهن پنهنجي ساٿيءَ کي چيو: ”منهنجا ننڍڙا دوست! تو اسان لاءِ ايترو گهڻو ڪيو آهي جو اسان سوچي بہ نٿي سگهياسين. روزانو کيل تماشا ڏيکاري هاڻ تو ۾ بہ اها طاقت نہ رهي آهي ۽ جيتوڻيڪ تنهنجي جدائيءَ ڪري اسان کي بيحد ڏک ٿيندو پر اسان جي دل ٿي چوي تہ هاڻ تون وري موٽي پنهنجي ساڳي روپ ۾ آزاد ٿي پنهنجي زندگي گذار.

ڪنيار ان بعد پنهنجو جادوئي گهر بند ڪري ڇڏيو ۽ ماڻهن لاءِ کيل تماشا هميشہ لاءِ بند ٿي ويا. نوريئڙي نما ڪٺلي جيڪا سچ پچ ٿڪجي پئي هئي سا هاڻ پنهنجي اصل روپ ۾ اچي نوريئڙو ٿي پيو ۽ ڪنيار کان موڪلايو. نوريئڙو پنهنجي رت تي ڏاڍو خوش هو تہ هن ڪنيار جي احسان جو بدلو چڪايو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# واڱڻائي گدڙ

ملائيشيا جي جهنگلن ۾ رهندڙ هڪ گدڙ هڪ ڏينهن ڪوالالمپور شهر ڏي رُخ رکيو. پر شهرجي ٻاهران ئي همراهہ ڪنهن رنگريز جي چاڙهيل واڱڻائي رنگ سان ڀريل ٽب ۾ڪري پيو. ٻاهر نڪرڻ جي گهڻي ئي ڪوشش ڪيائين پر ڪجهہ نہ وريو. نيٺ دٽ ماري رنگ جي ٽب ۾ ئي مئلن وانگر سمهي رهيو. صبح جو دڪاندار اچي ٽب ۾ ڏٺو تہ ڪو گدڙ مئو پيو آهي. سو ڪيس ٽب مان ڇڪي ڪڍي ڪجهہ پري وڃي ڦٽو ڪيو. پوءِ جهڙو ئي دڪاندار پٺ ڏني تہ گدڙ ڪڙين تي زور رکي سڌو جهنگل ڏي وٺي ڀڳو جتان آيو هو. رستي تي گدڙ پاڻ کي سڄو واڱڻائي ڏسي سوچيو: هاڻ تہ آئون نسروئي سهڻي رنگ جو ٿي پيو آهيان. ڇو نہ آئون ڪا اهڙي چال هلان جو منهنجي رهڻي ڪهڻي ڀيرين کان آسودي ۽ خوشحال گذري سگهي. اهو سوچي اوسي پاسي جي گدڙن کي گڏ ڪري هن تقرير شروع ڪئي:

”منهنجا ساٿيو! منهنجي جسم جي رنگ کي غور سان ڏسو. جهنگل جي ديويءَ پنهنجن هٿن سان مون کي هي سهڻو رنگ بخشيو آهي جيئن آئون توهان تي حڪومت ڪريان. ان ڪري اڄ ڏينهن کانپوءِ هن جهنگل ۾ڪابہ شيءِ منهنجي موڪل بنا نہ ٿيڻ گهرجي.“

باقي گدڙن ڏٺو تہ واقعي هي گدڙ هنن ۾ بلڪل نرالو لڳي رهيو آهي. سو خوف ۽ هراس وچان سڀ باادب ٿي هيٺ ايترو جهڪيا جو سندن ڪن وڃي زمين تي لڳا. سڀ چوڻ لڳا: ”حاضر سرڪار. جيڪو حڪم ڪندائو اهو مڃينداسين.“

اهڙي طرح، هي گدڙ نہ فقط گدڙن مٿان پر جهنگل جي سيني جانورن تي راڄ ڪرڻ لڳو ۽ سڀ جانور هن جو برابر خيال ڪرڻ لڳا. اهو ڏسي هي پاڻ کي واقعي وڏي وٺ سمجهڻ لڳو ۽ هر وقت پاڻ کي وڏن جانورن جهڙوڪ: شينهن، چيتن جهڙن کي ساڻ وٺي گهمڻ لڳو. پنهنجي ذات ڀائي گدڙن ۽ ٻين ڪمزور جانورن کي ماڳهين هينانهون ۽ ڌڪار جي نگاهہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سان ڏسڻ لڳو. ايندي ويندي مٿن پيو ٺٺوليون ڪندو هو.

سڀ گدڙ حيرت ۾ فڪر ۾ پئجي ويا ته هيءَ چڱي جٺ ٿي. هاڻ ڪجي سو ڪجي ڇا. نيٺ هڪ پوڙهي گدڙ دلداري ڏيندي چين: ”منهنجي ڳالهه مڃيو ۽ غم بلڪل نه ڪريو. هي اسانجو پنهنجو نالائق گدڙ جيتوڻيڪ پاڻ کي وڏي ڳالهه سمجهي اسانجي بيعزتي ڪندو وتي پر اسان کي به هن جي ڪمزورين جي پوري پروڙ آهي. آئون هڪ اهڙو سانگ ٺوڪريان جو هن جي اصليت سيني اڳيان ظاهر ٿي ويندي.

سيني گدڙن خوش ٿي پوڙهي کان اهو راز پڇيو ۽ پوڙهي گدڙ تيار ٿي ڳالهه ڪئي:

”ته منهنجا ٻچڙو“ پوڙهي گدڙ چيو ”جهنگل جا خوفائتا جانور شينهن چيتا واگهو وغيره هن ڪميڻي گدڙ جو نرالو رنگ ڏسي سمجهن ٿا ته هي ڪو گدڙ نه پر ٻيو ڪو جانور آهي جنهن کان ڊڄڻ کپي. هاڻ انهن جانورن کي- جن جي زور تي اسان واري گدڙ کي ڪڏ آهي حقيقت کان آگاهه ڪرڻ جو مون وٽ هڪ سولو طريقو آهي. اهو هي ته جيئن ئي شام ٿئي ته اچو ته گڏجي زور سان اونايون ڏيون. اونائڻ جو آواز ٻڌي اسان وارو بيوقوف پاءُ واڱٽائي گدڙ به اونائڻ شروع ڪندو جو گدڙ ڪٿي پاڻ تي سونا رنگ چاڙهي يا سونا ڳهه ڳنا پائي پر اصل ۾ رهندو ساڳيو ئي گدڙ. ۽ گدڙ اهڙي ذات آهي جو مري پوي پر اونائيءَ جو جواب ضرور ڏئي. ڇوجوڪو به پنهنجي اصلي عادت ڇڏي نٿو سگهي. ڪتو ڪٿي بادشاهه تي پوي ته به بک لڳڻ تي ہئي جا پير چٽيندو. وتندو.“

مڙني گدڙن کي اها ڳالهه بيحد وڻي ۽ رات ٿيڻ تي سيني وٺي زوز سان اونايو اونائيءَ جو آواز ٻڌائي واڱٽائي گدڙ- جيڪو شينهن، هاٿين ۽ چيتن جهڙن جانورن جي وچ ۾ پڌڻ ٿيو وينو هو، مجبور ٿي ويو ۽ موٺ ۾ پاڻ به وٺي اونائڻ لڳو. اهو لقاءَ ڏسي چوڏاري ويٺل جانور سمجهي ويا ته ماجرا ڇا آهي. پر ۾ بيٺل چيتي ته نڪا ڪئي هم نڪا تم. واڱٽائي گدڙ کي به ٽي چنبا هٽي يڪدم چيري ڦاڙي رکيو.

انهيءَ ڪري سياڻا چوندا آهن ته اهي بيوقوف جيڪي پنهنجن جو ساٿ ڇڏي دشمنن سان وڃي ٿا ملن، انهن جي اڄها اها پڇاڙي ٿي ٿئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# گنوءِ ڪويو جو ڪوهه ڪوٽڻ

ڪنهن زماني جي ڳالهه آهي ته انڊونيشيا ۾ گنو ۽ ڪويو نالي به همراهه رهندا هئا. ٻئي ڏاڍا محنت ڪري پئسو ڪمائڻ جي ڪوشش ته گهڻيئي ڪندا هئا پر ويچارا ڪڏهن به ڪامياب نٿي ٿيا.

هڪ ڏينهن گنوءَ ۽ ڪويوءَ هڪ کوهه کوٽڻ جوسوچيو جيئن هو پنهنجي فصل لاءِ گهربل پاڻي حاصل ڪري سگهن. ان خيال کان هنن هيڏانهن هوڏانهن کوهه کوٽڻ لاءِ بهتر جاءِ جي ڳولا شروع ڪئي ۽ آخرڪار ڪويو ۽ سارين جي واري پوک وٽ هنن کوهه لاءِ کوٽائي شروع ڪئي.

ٻئي ڄڻا سڄو ڏينهن کوهه جي کوٽائي ڪندا هئا. پهرين گنو هيٺ کڏ ۾ لهي مٽيءَ سان تغارين ڀري مٿي ڪويو کي ڏيڻ لڳو. ان بعد ڪويو هيٺ لهي وارو وترايو. سج لٿي تائين هيٺ چڱو وڏو کڏو ٻنهي ڄڻن گڏجي کوٽي ورتو ۽ هڪ ٻئي جي ڪم تي خوش ٿيڻ لڳا.

”پاڻ ٻنهي ڄڻن گڏجي ڪم جو چڱو اُڪلاءُ ڪري ورتو.“ گنوءَ خوشي منجهان مرڪندي چيو ”سياٽي پنهنجي گهرج کان به وڌيڪ پاڻي هوندو.“

”ها، اها ڳالهه آهي،“ ڪويو وراڻيو ”پر هاڻ هلو ته گهر هلون جو انداهه ٿي رهي آهي. ٿڪ ۽ بک ڪري حالت خراب ٿي پيئي آهي.“

اهو سوچي هو جهڙو ئي کوٽيل کوهه کان ٿورو پري ٿيا ته سندن نظر مٽيءَ جي دڙي تي پيئي جيڪو کوهه جي کوٽائيءَ ڪري ٿي پيو هو.

”هي وري ڇا؟“ ڪويو چيو. ”منهنجي سارين جي پوک ۾ هيڏو وڏو مٽيءَ جو دڙو!“

”پرواهه نه ڪر.“ گنوءَ دلداريءَ ڏيندي چيس، ”پاڻ ان جو به ڪو گس ڪريون ٿا.“

”پر ڪهڙو؟“ ڪويوءَ پڇيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

گنو کي في الحال ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو پر هن ان بابت سوچڻ جو واعدو ڪيو. ”مون کي پڪ آهي ته انجو ڪونه ڪو گس ڳولي وٺنداسين.“ هن چيو. ”هن وقت تون پنهنجي دماغ کي تڪليف نه ڏي. ڪوبو اهو ڪم مون تي ڇڏي ڏي.“

پر ڪوبو سڄي رات فڪرمند رهيو ۽ ٻئي ڏينهن گنوءَ سان ملڻ تائين هن کي ڪا واهه نظر نه پئي آئي. پر گنو خوش ۽ بي فڪر نظر اچي رهيو هو.

”گهبرائڻ جي ڪا ڳالهه ناهي، ڪوبو.“ گنوءَ چيو. ”آئون سڄي رات ان مسئلي تي سوچيندو رهيس ۽ ان مٽيءَ جي دڙي کي تنهنجي ٻني مان ڪيڏڻ جي راهه سوچي ورتي اٿم. ان مٽيءَ مان جند ڇڏائڻ لاءِ پاڻ کي هڪ ٻيو کوهه کوٽڻ کپي جيئن کوهه واري مٽي ان ۾ وجهي ليول ڪري ڇڏجي.“

”واهه جي ڳالهه ڪيئي.“ ڪوبو رڙ ڪري چيو. ”ڏس ته سهي! ائين ڪرڻ جو ته مون کي ڪو خيال به نه آيو.“

اهڙي طرح کوهه کي وڏيڪ کوٽڻ بدران ٻئي ڄڻا ان جي نڪتل مٽيءَ جي بندوبست لاءِ ٻيو کڏو کوٽڻ ۾ لڳي ويا. هو سڄو ڏينهن واري وٽيءَ تي اهو ٻيو کڏو کوٽيندا رهيا ۽ مٽي ڪيڏي پري اڇلائيندا ويا. منجهند ڌاري هو ايڏو وڏو کڏو ڪري ويا جيڏو کوهه لاءِ پهرين ڏينهن کوٽيون هئائون.

ڪجهه دير فرحت وٺڻ ڪانپوءِ کوهه جي پر ۾ گڏ ٿيل مٽيءَ جو ڍڳ ڪٽي نئين کڏي ۾ وجهڻ لڳا. آخرڪار نئون کوٽيل کڏو مٽيءَ سان پرجي ويو ۽ هاڻ کوهه واري کوٽيل مٽيءَ جو ذرو به ٻاهر نه بچيو هو. ٻنهي ڄڻن پٺ ڏي نهاريو ۽ ان کي سڌائيءَ ۾ ڏسي خوش ٿيڻ لڳا. ته هنن واهه جو وڏو ڪارنامو ڪري ورتو.

”ته چئبو ته اڄوڪو ڏينهن ته سڦل گذريو.“ گنوءَ چيو.

”ها“ ڪوبو وراڻيس. ”پاڻ سچ پچ وڏو مسئلو حل ڪري ورتو. پر اڃا به هڪ ڪم رهجي وڃي ٿو. هن مٽيءَ جي ڍير کي ڪيڏانهن ڪريون؟“ ڪوبو نئين کوٽيل کڏي مان نڪتل مٽيءَ جي ٻي دڙي ڏي اشارو ڪندي پڇيو.

گنو ان کي ڏسي اونهي سوچ ۾ پئجي ويو. ”تنهنجي ڳالهه سمجهيم.“ هن پنهنجي ٺڪڻ کنهندي چيو. ”چئبو ته هڪ ٻيو دلچسپ مسئلو پيدا ٿي پيو آهي. بهرحال، ڪوبو! مون

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪي اچوڪي رات سوچڻ ڏي. سڀاڻي صبح جوملي وري ان جو به ڪو گس ڪنداسين."

ٻئي ڏينهن جڏهن ٻئي يار مليا ته گنوءَ چيو: "آئون رات ان بابت سوچيندو رهيس."

"۽ آئون پڻ." ڪويو چيو.

"اهو ڪم تمام سولو آهي،" گنوءَ چيو "پاڻ هڪ ٻيو ڪڏو کوٽينداسين جنهن ۾ ڪالهه واري ڪڏي جي مٽي پوري ڇڏينداسين."

"واهه يار واهه! واقعي قابل ماڻهو آهين. مجيبو ماڻهءَ. ڏس ته سهي سڄي رات سوچيندو رهيس پر اهڙي صلاح منهنجي ڌيان ۾ نه آئي." ڪويوءَ گنوءَ کي شاباس ڏيندي چيو.

هاڻ ٻنهي ڄڻن وري ٽيون ڪڏو کوٽڻ شروع ڪيو ۽ ڪجهه ڪلاڪن بعد جڏهن ڪڏو چڱو اونهو ٿي ويو ته ٿوري دير فرحت ڪرڻ ڪانپوءِ ٻئي ڪڏي مان نڪتل مٽيءَ کي تغارين سان ڀري ٽئي ڪڏي ۾ وجهڻ لڳا. ڏسندي ئي ڏسندي ٻي ڪڏي مان نڪتل مٽيءَ جو دڙو گهٽجي ختم ٿي ويو ۽ ان هنڌ واري زمين سڌائي جي ليول ٿي وئي.

پر اهو ڪم ڪرڻ دوران ڪويو هر وقت حيرانيءَ مان ٽئي کوٽيل ڪڏي مان نڪتل مٽيءَ جي ڍير ڏي ڏسندو رهيو ته ان جو وري ڇا ٿيندو."

"دلبر گنو" هن چيو "هيڏانهن نهار ۽ ٻڌاءِ ته ان نئين پيدا ٿيل دڙي کي ڪيئن منهن ڏيون."

گنوءَ ڪويو ٻئي نئين ٺهيل مٽيءَ جي ڍير کي گهورڻ لڳا.

"بس يار ان جو به ڪو علاج ضرور هوندو." گنوءَ چيو "في الحال ته هلي گهر ننڊون ڪيون. اوجاڳن هٽي ماري رکيو آهي."

پر هو ٻئي گهر پهتا پر سڄي رات فڪر ۾ وري چڱيءَ طرح ننڊ نه ڪري سگهيا. سڄي رات هنڌ تي پاسا ورائي سوچيندا رهيا ته نئين پيدا ٿيل دڙي کي ڪيڏانهن ڪجي.

ٻئي ڏينهن صبح جو گنووري مرڪندي نظر آيو. "هاڻ مون سمجهيو ته پاڻ ڪهڙي غلطي ڀئي ڪئي. پاڻ دراصل ننڍاڪڏا پئي کوٽيا. هن دفعي پاڻ پهرين ڪڏن کان ٻيڻو وڏو ڪڏو کوٽينداسين. پوءِ ٻنهي ڪڏنجي مٽي پورڻ لاءِ چڱي خاصي جاءِ ملي ويندي."

ڪويو گهڙي ساعت لاءِ سوچي، پوءِ گنوءَ جو هٿ جهلي چيو: "واهه واهه منهنجا يار گنوا ڇا ته تنهنجو دماغ آهي. منهنجي مغز ۾ ته اهڙي رٿ هرگز نه اچي ها."

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

۽ پوءِ ٻئي ڄڻا هڪ وڏو ڪڏو ڪوٽڻ ۾ اهڙو ته جنبي ويا جو جڻ سندن زندگي ۽ موت جو سوال هجي. هن دفعي هنن کي پڪ هئي ته سندن پريشاني ختم ٿي ويندي.

ڪڏو وڏو ٿيندو ويو. ٿيندوويو تان جو پهرين ڪڏن کان ٻيڻو ٿي ويو. هنن هاڻ سک جوساهه کڻي سوچيو ته هاڻ اهو ايڏو آهي جو ٻنهي ڪڏن جي مٽي منجهس وجهي سگهبي. پوءِ تغاريون کڻي ٻنهي ڏڙن جي مٽي ڍوئيندا رهيا ۽ خوشيءَ وچان چرچا ڀوڳ به ڪندا رهيا.

ڪجهه دير بعد کڻي ڏسن ته نئون کوٽيل ڪڏو ته ڀرجي ويو پر مٽيءَ جو اجا تائين چڱو ڍير پنيان رهجي ويو.

ٿڪجي ٽٽجي ٻئي ڄڻا ويهي رهيا ۽ بنا ڪجهه ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي ڪا دير سوچيندا رهيا ته ڪانئن کهڙي چڪ ٿي ويئي آهي آخرڪار ڪويو ٽڏو ساهه کڻي چيو: ”لڳي ٿوته پاڳ پنهنجي پاسي ناهي. هن سڄي مشڪل جي مون کي هڪ ئي واٽ نظر اچي ٿي ته ٻچيل مٽي کڻي کوهه واري پهرين کڏي ۾ وجهون. ان بعد ڪوبه مٽي جو دڙو نه بچندو جنهن بابت فڪر ڪريون.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# گنو، ڪويو ۽ چانديءَ جو خنجر

هڪ ڏينهن گنو ۽ ڪويو ٻئي دوست پنهنجي ڳوٺ ڪان جڪارتا وڃي رهيا هئا تہ رستي تي هڪ هنڌ ڌڌڙ ۾ ڪين ڪا شيءِ چمڪندي نظر آئي. ان کي ڪڍڻ لاءِ ٻئي اڳيان وڌيا ۽ ڏٺائون تہ اهو هڪ چانديءَ جو خنجر هو.

”چا تہ سهڻو خنجر آهي.“ گنوءَ چيو ”هن کي شهر ۾ وڪڻي آءٌ شاهوڪار ٿي سگهان ٿو.“

”تنهنجو مطلب چا آهي تہ اهو تون وڪڻندين؟ ڪويو چيو. ”اهو آئون ئي هوس جنهن پهرين ان کي ڏٺو.“ نہ حقيقت ۾ ان تي پهرين منهنجي نظر پيئي هئي.“ گنوءَ چيو.

ڪجهہ دير ان تي بحث ڪرڻ بعد ٻئي ان فيصلي تي پهتا تہ ان لڏل ملڪيت جا ٻئي ڄڻا هڪ جيترا ڀاڱي ڀائيوار آهن. ان کي جڪارتا ۾ وڪڻي جيڪي پئسا حاصل ڪندا اهي اڌو اڌ ڪري ڪڻندا. هلندي هلندي رستي تي جڏهن رات ٿي تہ هنن سمنڊ جي ڪناري تي هڪ جاءِ ڳولي سمهڻ جون تياريون ڪيون ۽ خنجر کي پنهنجي وچ ۾ رکي ٻئي ڄڻا بالم تي سمهي رهيا.

پهر اڌ گذرڻ بعد گنوءَ جي اک کلي تہ ڏٺائين تہ ڪويو گهاٽي ننڊ ۾ کونگهرا هڻي رهيو هو. هن کي خيال آيو: ’چو نہ ان خنجر کي لڪائي ڇڏيان ۽ پوءِ وڪڻي سڀ پئسا آئون ئي ڪڻان. آخر آئون ئي هوس جنهن اهو خنجر پهرين ڏٺو.‘ اهو سوچي هن آهستي آهستي خنجر کنيو ۽ لڪائڻ لاءِ جاءِ ڳولڻ لڳو. پهرين هن انکي هڪ وڏي پٿر هيٺان لڪائڻ چاهيو پر پوءِ اهو هنڌ کيس نہ وڻيو. ’اها اهڙي جاءِ آهي جيڪا اُٿڻ سان ڪويو ڏسندو.‘ هن سوچيو. پوءِ سمنڊ ۾ لڪائڻ جو سوچي پاڻي ۾ گهڙي ويو. چاتي جيتري اونهي پاڻي ۾ پهچي پير جي آڱرين سان خنجر کي جهلي سمنڊ جي تري ۾ پيل ريتي ۾ اڌ گابرو کوڙي ڇڏيو. اهو ڪم ڪرڻ بعد يڪدم اچي سڪون سان سمهي رهيو.

پر ڪويو کي بہ ڪا اندر ۾ آنڌ مانڌ هئي سو ٿوري دير بعد اٿي سوچڻ لڳو: ’دراصل

خنجر تہ مونئي لڌو آهي. گنو ان ۾مون سان ڇو پائيور ٿئي؟' ۽ جهڙو پاسو ورائي خنجر ٿي ڪنيائين تہ اهو اتان اڳهين غائب هو. 'واهہ ڙي گنو واهہ!' هن دل ۾ سوچيو 'مون کان اڳئي ڪرتب ڏيکاري ڇڏيئي."

ان بعد هي اٿي بيٺو ۽ هيڏانهن هوڏانهن پهٽن هيٺان خنجر کي ڳولڻ لڳو. پر هن کي ڪٿي بہ نظر نہ آيو. نراس ٿي واپس موٽيو. ڪڪرن پويان هاڻ چنڊ نڪري آيو هو ۽ جيئن ئي هن ان جي چانڊوڪيءَ ۾ گنوءَ کي ڏٺو تہ سندس جسم تي پاڻيءَ جا ڦڙا چمڪي رهيا هئا.

'ڇئبو تہ گنو سمنڊ مان ٿي آيو آهي. هاڻ سمجهيم تہ گنو خنجر ڪٿي لڪايو هوندو.'

هن هٿن پر جهڪي گنوءَ جي مرين کي ٿورو ڇٽيو جيڪي ڪارا هئا. 'تنهنجي معنيٰ تہ هو سمنڊ جي ڪاري پاڻي ۾ مرين تائين تہ ويو ئي ويو آهي.' ان بعد هن گوڏا ڇٽيا، اهي بہ ڪارا هئا. پوءِ ڇيلهہ اتي بہ ڪاري پاڻيءَ جا آثار هئا. پوءِ جڏهن سيني تي پهتو تہ اتي لوٽاٽي پاڻي جوسواد نہ هو. سو ڪويو سمجهي ويو تہ گنو ايستائن سمنڊ ۾ وڃي خنجر لڪايو آهي. سو هي هڪدم سمنڊ ۾ گهڙيو ۽ جڏهن سندس ڇاتيءَ تائين پاڻي آيوتہ پيرن سان ڪري هيڏانهن هوڏانهن سمنڊ جي تري ۾ جانچ ڪرڻ لڳو. سگهوئي خنجر ڳولڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. خنجر ڪڍي موٽڻ تي سوچڻ لڳو تہ ان کي هاڻ هو ڪٿي لڪائي.

سامهون بنيءَ ۾ ڪانن جاڪيترائي بنڊل ٻڌا رکيا هئا. هي مونڙين پل هلي ڪانن جي هڪ بنڊل ۾ خنجر سوڙو وڃي لڪيو ۽ اتي ئي سمهي رهيو.

صبح ٿيڻ تي جڏهن گنوءَ جي اک کلي تہ ڪويو غائب هو. هو ٻڙ پائي سمنڊ ۾ خنجر ڪڍڻ لاءِ ويو تہ اهو بہ غائب هو. ايتري ۾ هن جي نگاهہ سامهون بني ۾ رکيل ڪانن جي لڏن تي پيئي ۽ سمجهي ويو تہ ڪويو پڪ انهن ۾ لڪل هوندو. بنڊل جي اوسي پاسي ۾ مينهون گاهہ چري رهيون هيون. گنوءَ هڪ مينهن جي ڳچيءَ مان گهنڊڙي ڇوڙي پنهنجي ڳچي ۾ ٻڌي ۽ هٿن تي گڪو ٿي ڪانن جي هڪ هڪ لڏ ڏي وڃڻ لڳو. هر هڪ لڏ وٽ پهچي هن پنهنجو مٿو ان کي اٽين ٿي هنيو جڻ مينهن ٿونا هڻي ۽ ان سان گڏ گهنڊڙي جو آواز ٿي ڪيو. آخرڪار هو ان بنڊل وٽ پهتو جنهن ۾ ڪويو لڪل هو. ڪانن جي بنڊلن کي ٿيلهو اچڻ تي ۽ ساڳي وقت گهنڊڙي جي آواز ٿيڻ تي ڪويو سمجهيو تہ ڪا مينهن چرندي چرندي سندس

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪانن واري لڏ ۾ اچي منهن وڌو آهي سو چڙ مان رڙ ڪري چيائين ”پڇي وچ پٽاري. وچي ٻئي هنڌان نيرن پاڻي ڪر. هتان نہ ويندين تہ شينهن ڪائي ويندءِ.“

اهو ٻڌي، گنوڻ ان بنبل مان بہ چار ڪانا چڪي ڪڍيا تہ سندس دوست نظر اچي ويو. ڪويو خنجر سوڌو ٻاهر نڪري آيو ۽ ٻئي ڄڻا باقي سفر پورو ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌڻ لڳا. رستي تي هنن هاڻ هن ريت فيصلو ڪيو تہ پهرين هنن ٻنهي ان خنجر کي لڌو. پوءِ ڪويو اتان ڳولي آيو جتي گنوءَ لڪايو هو. پوءِ گنوءَ اتان ڳوليوجتي ڪويو لڪايو. ان ڪري ان حالت ۾ خنجر تي ٻنهي جو حق حصو برابر جو ٿيو. سو جڏهن جڪارتا ۾ پهتا تہ خنجر کي وڪڻي مليل پئسن جو پورو اڌواڌ ڪري ورهائي ڪنيائون.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکک وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# وتايو فقير، نصير الدين هوجا ۽ سي - ڪبايان

هن پاسي ’سي ڪبايان‘ جا قصا ائين مشهور آهن جيئن پاڻ وٽ سنڌ ۾ وتائي فقير جا يا ترڪي پاسي نصيرالدين هوجي جا. فرق فقط اهو آهي تہ وتائي فقيرڪي هر وقت پنهنجي رب سان شڪايت هئي. نصير الدين هوجي کي پنهنجي سس سان، پر سي ڪبايان کي پنهنجي سهري سان- جيڪو پاڻ وري پنهنجي ناٺي (سي ڪبايان) مان بيزار هو.

مثال مشهور آهي تہ وتايو فقير پنڌ ڪري جڏهن ٿڪجي پيو تہ پنهنجي اپائٽهار کي پاڏائين تہ منهنجا مولا هن جهنگل ۾ ڪا سواري ڏياري تہ ان تي چڙهي ڳوٺ تائين پهچان.

ٿوري دير اڳتي هليو تہ ڏٺائين تہ هڪ پوليس واري جي گڏهہ ڪنهن ڪوتي کي وچ رستي تي ڄڻيو بيٺي هئي ۽ پوليس وارو ڪنهن واٽهڙو جي ڳولا ۾ هو جيڪو سندس مدد ڪري. وتائي کي ڏسي هڪل ڪيائين: ”اڙي هيڏانهن اچ. هي ڪوتو تہ ڳوٺ تائين کڻائي هل.“

وتائي ڪوتي کي ڪلهي تي رکي چپن ۾ ٻڙڪيو: ”منهنجا مولا سڻين ٿو پر سمجهين نہ ٿو. مون چيو ماڻ ۽ تہ مونکي پنهنجي لاءِ سواري ڪپي جنهن تي آئون چڙهي هلان يا سوريا منهنجي مٿان چڙهي هلي.“

نصيرالدين هوجا جا بہ وتائي فقير ۽ سي ڪبايان وانگر چرچا مشهور آهن. پر انهن مان لڳي ٿو تہ هن غريب جي سس تمام ڏنگي طبيعت جي هئي ۽ ڪيس چڱو چتو ڪيو هئائين جو ايتري قدر جو هوءَ جڏهن دريا ۾ ٻڏي ويئي تہ سندس لاش کي نصير الدين درياهہ جي وهڪ ڏي نہ پر ابتي طرف ڳولڻ لڳو. واٽ ويندڙن ڪيس سمجهائيندي چيو: ”بابا جنهن پاسي درياهہ جولاهہ آهي لاش کي ان پاسي ڳولڻ کپي. مٿي ڪوهہ پيو وڃين؟“

نصيرالدين معصوم صورت ٺاهي چيو: ”يارو توهان کي منهنجي سسُ جي خبر ناهي تہ هو ڪهڙي ڦريل دماغ جي عورت هئي.“

بهرحال اهڙي طرح سي ڪبايان جا قصا مشهور آهن پر هي همراهہ وري پنهنجي سهري مان بيزار هو. جنهن کي پنهنجي ناٺيءَ کان هر وقت اها دانهن هئي تہ هو سست آهي،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٿوٿي آهي، ڪو ڪم نٿو پڄيس وغيره. ان ڪري سهرو ڪبايان سان جنيون ڪندو وتندو هو پر ڪڏهن ڪڏهن آخر ۾ نقصان ڪبايان بدران سهري کي ئي رسندو هو. جيئن هنن کهاڻين مان لڳي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڪبايان ۽ چونئرا

هڪ ڏينهن ڪبايان پنهنجي سهري سان گڏ باغ مان چونئرا چونڊڻ لاءِ تيار ٿيو. سندس سهري پڇيس: ”هي بہ وڏا ٻورا چونئرن سان ڀري پوءِ مارڪيٽ ۾ وڪڻڻا آهن.“

ڪبايان ٻورن جي وچ ۾ ڏڳهي ڪاٺي ڪاواٽيءَ وانگر لنگهائي ڪلهن تي رکي هلڻ لڳو. اهو ڏينهن خاصو تتل هو ۽ باغ جبل تي چڱو مٿانهون هو. مس مس مٿي پهتو پر تمام گهڻو ٿڪل ۽ اجايل محسوس ڪيائين. سندس سهرو تہ پهچڻ سان ڪم ۾ جنبي ويو ۽ پنهنجي ٻوري ۾ چونئرا چونڊي وجهڻ لڳو. باقي ٻورو ڪبايان جي حوالي ڪري ڪيس پارت ڪئي هئائين: ”ڪبايان بابا، متان ويهڻ جي ڪئي اٿئي. جهٽ ڪري ڪم ڪي اڪلائي وٺ جو سج لهندي ويرم نہ لڳنديءَ.“

ڪبايان بيزاريءَ منجهان هڪ هڪ چونئرو چونڊي ڳوڻ جيڏي ڏڳهي ٻوري ۾ وجهڻ لڳو. اجا تہ ٿاڪ منجهند هئي ۽ اونهاري جي سج ساڙيو ٿي. ڪبايان پنهنجي سهري کي باغ جي هڪ ڪنڊ ۾ چونئرا چونڊي ڇڏي پاڻ ٻئي پاسي وڃي ميڙڻ شروع ڪيا جتي ڪجهہ وڻن جي ڪري ٿڏڪار هئي ۽ گاهہ ۽ وليون ايڏيون تہ وڏيون هيون جو جهڙو هيٺ جهڪيو ٿي تہ گاهہ ۾ سڄو لڪي ٿي ويو. ان جو فائدو وٺي هي چونڊو ڪرڻ بدران هڪ ڏڳهي ٻوٽي جي پاسي فرحت وٺڻ لڳو. رکي رکي سندس سهري رڙ ٿي ڪئي: ”ڪبايان! تنهنجو ٻورو ڀرجڻ تي آهي يا نہ؟“

۽ موٽ ۾ ڪبايان ورندي ٿي ڏنس: ”بس آيو ڪي آيو. چاڙهہ تہ ڀريو.“ پر حقيقت ۾ ڪبايان جو ٻورو اڃا ٽيون حصو ڪو مس ٿيو هو. ايتري ۾ ڪبايان جي مغز ۾ هڪ رٿ آئي: ”چاچا! مون کي اڃ لڳي آهي،“ هن رڙ ڪري پنهنجي سهري کي چيو ”آئون پاڻي پيئڻ لاءِ هيٺ ٿو وڃان. ڪا گهڻي دير نہ لڳائيندس.“

”چڱو جهٽ ڪر. موٽڻ ۾ دير نہ ڪجانءِ.“ سندس سهري باغ جي ٻي ڪنڊ مان چونئرا چونڊيندي تاڪيد ڪيس.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪبايان هيٺ پاٽي پيئڻ لاءِ وڃڻ بدران ٻوري ۾ اندر گهڙي ويو ۽ پٽيل چونئرا پنهنجا مٿان ورائي ڇڏيائين. جيئن ٻاهر واري کي هو نظر نہ اچي سگهي. ٻوري اندر چڱي ٽڏڪار هئي ۽ ڪبايان کي ڏسندي ڏسندي ننڊ ڪٽي ويئي.

هوڏانهن ڪبايان جوسهرو لڳاتار ڪم ڪندو رهيو تان جو سندس سڄو ٻورو چونئرن سان ڀرجي ويو. هن ڪبايان لاءِ هيڏانهن هوڏانهن نهاريو ۽ سڏ ڪيا پر ڪبايان جو ڪو اتو پتو نہ پئجي سگهيو. هن ڪجهہ ٻي دير لاءِ اوسيئڙو ڪيو پر ڪبايان نہ موٽيو. نيٺ پنهنجو ٻورو کڻي اتي آيو جتي ڪبايان جو ٻورو رکيو هو. ڪبايان جي سهري کي اهو پڙ پريل ڏسي خوشي ٿي تہ ڪبايان جهڙي سست همراهہ هن دفعي جلدي ڪري ڏيڪاري. ” آئون ٻئي ٻورا اڪيلي سر هيٺ گهر تائين کڻي هلان ٿو. ڪبايان پاڻهي پنيان پيواڻيندو.“ اهو سوچي هن ٻئي ٻورا ڪاواڻيءَ ذريعي ڪنيا ۽ آهستي آهستي ڪري هيٺ لهڻ لڳو. هڪ ئي وقت پريل ٻہ ٻورا کڻي هيٺ لهڻ چڱو ڏکيو ڪم هو. سو رکي رکي ساهہ ٿي پٽيائين. ڪبايان جو تہ خاص ڪري هيڪاندو ڳرو ٻورو هو ۽ پوڙهي دل ئي دل ۾ چيو: ”ڪبايان شايد لٽ ڏيئي ٻورو ڀريو آهي. بهرحال چورو اهڙو ڪو سست نٿو لڳي جهڙو مون سمجهيو ٿي.“

ڳوٺ تائين پهچندي ڪبايان جو سهرو گهڻي بار ۽ گرمي ڪري ٽڪجي پيو هو سندس منهن سڄو ڳاڙهو ٿي ويو هو ۽ پگهر ڪڙين ڪان پئي نڪتس. پر دل ئي دل ۾ خوش هو تہ هن چڱو مال گڏ ڪري ورتو جنهن کي وڪڻڻ سان هو دل گهريا پئسا ڪمائي سگهندو. پر گهرپهچي جهڙا ٻورا لاٿائين تہ سندس سڄي خوشي ختم ٿي ويئي ڇو جو ڪبايان جي ٻوري مان ڪبايان ٽپ ڏيئي ٻاهر نڪري آيو.

”سواريءَ لاءِ مهرباني، چاچا.“ ڪبايان مرڪندي چيو. ”ڏاڍي ٻک لڳي اٿم منهنجي خيال ۾ مون کي ماني لاءِ وڃڻ کپي.“ اهو چئي وٺي پنهنجي گهر ڏي ڀڳو. ڪبايان جي سهري کي ڏاڍي باهہ وٺي ويئي ۽ دل ئي دل ۾ سوچيو: ”هڪ ڏينهن ترس تہ ڪبايان سان ان جي بدلي ۾ اهڙي تہ جٺ ٿو ڪريان جو هميشہ لاءِ ياد ڪندو.“

ٻہ هفتا کن گذرڻ بعد ڪبايان ۽ سندس سهرو چونئرا چونڊڻ لاءِ وري باغ ڏي روانا ٿيا. هن دفعي هنن پاڻ سان تمام وڏيون ڳوٽيون کنيون هيون. باغ ۾ پهچي ٻنهي ڄڻن چونئرا چونڊڻ شروع ڪيا. ٿوري دير بعد ڪبايان جي سهري ساڳي رٿ تي عمل ڪندي ڪبايان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪي هڪل ڪئي: ”ابا ڪم ۾ لڳو پيو هججان. آئون چاڻ تہ پاڻي ڍڪ پي آيس.“

ڪبايان ڪنڌ هيٺ ڪري چونئرن چونبڙ ۾ محو رهيو. سهرس جيئن ئي محسوس ڪيو تہ ڪبايان هن طرف نہ پيو ڏسي تيئن ئي ٽپ ڏيئي ڳوڻ اندر گهڙي ويو ۽ پنهنجي چوڏاري چونئرا پکيڙي پاڻ کي ان ۾ لڪائي ڇڏيو. ڪبايان لڳاتار اهڙو نمونو ڪندو رهيو جڻ هن کي ڪا خبر ئي نہ آهي.

ڪلاڪ کن پيو بہ ڪم ڪندو رهيو ان بعد هٿ چنبڙي اُٿي بيٺو ۽ جتي سندس سهري چونبڙو پئي ڪيو اتي چونئري سان ڀريل ڳوڻ ڏسي زور سان چيو: ”مارا! ڳوڻ تہ سڄي ڀري پيئي آهي خبر ناهي پوڙهو پاڻي پيئڻ لاءِ ڪيڏانهن هليو ويو. بهرحال هاڻ وڏيڪ ترسڻ اجايو آهي. سندس چونئرا بہ آئون ٿو کڻي هلان. پنيان هو پاڻهي پيو ايندو.

ان بعد ڪبايان ڳوڻ جو منهن رسيءَ سان چڱيءَ طرح ٻڌي بہ ٽي دفعا مٿي تي کڻڻ جو مکر ڪيو: ”اڙي! ڏاڍي ڳري آهي. هھڙي چپ جهڙي ڳوٺ کي بازار تائين مٿي تي کڻي هلڻ مون اڪيلي جي وس جي تہ ڳالهہ ناهي، ها البت هينئن ٿو ڪريان تہ ان کي ڇڪي ڇڪي ڳوٺ تائين رسايان.“

ان بعد ڪبايان ڳوڻ کي ڇڪڻ لڳو جيڪا هن جي پنيان پٿرن ۽ ٻنڊن مٿان، دڙن ۽ کڏن تان سادا کائيندي آئي. واٽ تي ڳوڻ مان ايندڙ عجيب آوازن ڏي ڪبايان ڪجهہ بہ ڌيان نہ ڏريو ۽ سڌو اچي شهر جي ڀاڄي مارڪيٽ ۾ نڪتو. ڀاڄين جي دڪان وٽ بيهي هن ڳوڻ جو منهن کولي جهڙو ليٽايو تہ چونئرن سان گڏ سندس سهرو بہ نڪري آيو. سندس سڄو جسم رهڙن ۽ سنڌن سان ڀرجي ويو هو.

”هيلو!منهنجا پيارا سهرا!“ ڪبايان معصوميت مان پڇيو. ”ڳوڻ اندر توهان ڇا وينئي ڪيو؟ مون سمجهيو تہ توهان ڪٿي پاڻي پيئڻ ويا آهيو.“

جواب ڏيڻ بدران ڪبايان جو سهرو ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ پاسي ۾ پيل ٻاٺو کڻي ڪيس مارڻ لاءِ ڊوڙيون پر ڪبايان گوهي ڪائي ڪانئس ڇڏايوويو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# حاجي سڳوري لاءِ دعوت

گهڻي وقت کان ڪبايان کي سٺيو طعام نصيب نہ ٿيو هو ۽ لڳاتار هفتن جا هفتا سندس گذر 'پاڻيءَ پسئي خشڪي پت' ۽ دال تي ٿي رهيو هو. هن ڪنهن ريت چڱو کائڻ چاهيو ٿي. "پر ٻوڙ پلاءُ ڪيئن حاصل ٿي سگهي ٿو"" هن سوچيو.

ڪبايان کي اها خبر هئي تہ سندس سهرو حاجين مان متاثر آهي ۽ جڏهن بہ ڪو حاجي گس پنڌ مليس ٿو تہ ان کي ماني کارائڻ بنا ڇڏي نٿو. ان لاءِ ماني بہ جهڙي تهڙي نٿو ڪرائي پر پت ۽ پاڃيءَ کان علاوه مڇي، ڪڪڙ ۽ ريڍو يا ٻاڪرو گوشت پڻ پچرائي ٿو. انهن طعامن جو سوچي ڪبايان جو وات پاڻي ٿيڻ لڳو. سندس سهري کي اجا حج نصيب نہ ٿيو هو پر پلي پاڪ کان جيڪو بہ آيو ٿي تہ ان کان اتي جون خبرون چارون پڇي پنهنجي دل خوش ٿي ڪئي.

ڪبايان کي اها رٿ واهہ جي وڻي تہ حاجين وارا ڪپڙا پائي حاجي ٿي سهري اڳيان اچجي ۽ سهرو کيس سچو حاجي سمجهي ضرور دعوت ڪندو. اهو سوچي هن آر جي اچي ٽوپي ۽ اڇو ڪوٽ هٿ ڪيو جيڪي اڪثر حاجي پائي ايندا هئا. هيٺان هڪ صاف سٿرو سارونگ (گوڏ) ٻڌي. ڳچيءَ ۾ ڏگهي تسبيح ۽ پيرن ۾ تازا پالش ٿيل چڪمنڊڙ بوٽ پاتا ۽ پوءِ اکين هڪ پراڻي فئشن جي هڪ عينڪ چاڙهي. چپن مٿان ڪونئر هٽي هن ٻڪريءَ جا ڪجهہ ڪارا وار ان تي چنبڙيا تہ بلڪل مڇون ٿي پيس.

ڪبايان کي خبر هئي تہ سندس سهرو روز ان وقت ڪافي پيئڻ لاءِ هڪ هوٽل ۾ اچي ٿو. سو ڪبايان حاجيءَ جوروپ ڌاري ان هوٽل ۾ پهتو. اندر گهڙي ڏنائين تہ سندس سهرو هڪ ٽيبل وٽ اڪيلي سر ڪافي پي رهيو آهي. ڪبايان بہ ساڳي ٽيبل تي وڃي ويٺو. ويهڻ وقت سندس سهري ڪنڌ مٿي ڪٽي ڪبايان ڏي نهاريو. ڪبايان موٺ ۾ مرڪيو ۽ سمجهي ويو تہ سندس سهري کيس ٻنهہ نہ سڃاتو.

"اسلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاتة" ڪبايان جهيڻي آواز ۾ سلام ڪيو.

”وعليڪم سلام ورحمة الله وبرڪاتة“ سندس سهري عزت سان جواب ڏنو.

ڪبايان ان بعد هٿ جي اشاري سان ٻئري کي سڏ ڪيو. پر سندس سهري يڪدم ڪائنس پڇيو: ”سائين منهنجا توهان چا پيئڻ پسند ڪندائو. چا مون طرفان ڪافيءَ جو ڪوپ پيئڻ قبول ڪندائو؟“

”اکين تي. توهان جي مهرباني.“

ان بعد سندس سهري ٻئري کي ڪبايان لاءِ ڪافي آڻڻ لاءِ چيو. جڏهن اها آئي تہ ڪبايان ڊُڪ پري پنهنجي سهري کي چيو: ”سائين توهان جا لک لائق. وڏي مسافري ڪري صبح کان آئون هلي هلي ٿڪجي پيو آهيان. هيءَ ڪافي پيئڻ سان ضرور فرحت اچي ويندم. شام جو وري مون کي پنهنجو سفر جاري رکڻو آهي.“

”حاجي صاحب اها ڪا وڏي ڳالهہ ناهي. آئون تہ هر وقت توهان جهڙن نيڪ ماڻهن جي خدمت جو انتظار ڪندو رهان ٿو. آئون پاڻ تہ اجا حج ڪري نہ سگهيو آهيان. ٿي سگهي ٿو توهان جهڙن جي دعائن رسڻ سان هڪ ڏينهن مون کي بہ اتان جو سڏ اچي وڃي.“

”ضرور ضرور. انشاءَ الله.“ ڪبايان چيو.

پوءِ سندس سهري چيو: ”حاجي صاحب توهان کي شام جو وري ڊگهي سفر تي نڪرڻو آهي هينئر ٿڪل بہ آهيو. منهنجي گهر چو نٿا هلي ماني بہ کائوءِ آرام ڪريو.“

ڪبايان ٿوري دير لاءِ ماٺ ڪئي ڇڻ سوچي رهيو هجي تہ آيا هن کي ترسڻ بہ کپي يا نہ.“ منهنجي خيال............ ۾........“

”سائين مڙيئي خير آهي. ٿوري دير لاءِ فرحت ڪري پوءِ ڪٽي سفر تي نڪرجو.“

”چڱو ڀلا. توهان زور ٿا ڪريو تہ مونکي قبول آهي. توهان جي مهرباني.“

ڪبايان جو سهرو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ حاجي (يعني ڪبايا) کي وٺي پنهنجي گهر آيو. گهر پهچي زال کي چيو: ”مون سان گڏ مهمان بہ آهي ۽ منجهند هتي ڪري پوءِ ويندو. سو وارو ڪر. هڪ بہ ڪڪڙيون ڪهائي وٺ ۽ پت پاڃيون ۽ ٻيون شيون تيار ڪري وٺ. ڪافي لاءِ کنڊ بہ ولايتي وٺي اچ.“

بهرحال ڪبايان پيٽ ڀري ماني کاڌي. اهڙو مزيدار ٻوڙ پلاءُ کاڌي هن کي ڏينهن ٿي ويا هئا. مانيءَ بعد هن يڪا ٽي چار ڪوپ ڪافيءَ جا بہ چٽ ڪيا. پر بدقسمتي سان ڪافيءَ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جي گرمائش ۾ ٻاڦ هن جي مڇن جي ڪونئر ڪي ونڙائي رکيو ۾ ٻڪريءَ جا وار جيڪي هن مڇن خاطر استعمال ڪيا هئا سي پنهنجي اصل جاءِ تان رڙهي اچي هيٺين چپ وٽ پيا. سندس سهرو جيڪو پير ۾ ٺي وينو هو تنهن هيءَ لقاءُ ڏسي سمجهي ورتو تہ هي حاجي ڪو پيو نہ پر سندس ٺي نائي ڪبايان آهي. چڙ تہ ڏاڍي ويس. هيڪر دل ۾ آيس تہ پِٽ جو پريل پيالو منهن ۾ وهائي ڪڍيس پر بهتري ان ۾ سمجهي ماٺ ٿي ويو تہ ان جو پلاند ٻئي ڪنهن ڏينهن لاءِ رکجي. سو هن ڪبايان کي اهوڏيک نہ ڏنو تہ هن سڃاڻي ورتو آهي. ان ڪانپوءِ سگهوئي ڪبايان هٿ چندي اٿي کڙو ٿيو. "ماني ٽڪيءَ لاءِ وڏي مهرباني. سائين." ڪبايان چيو. "شل سدا سکي رهو."

"توهان بہ سدا سلامت رهو. هيڏانهن ڪڏهن وري اچڻ ٿيانوَ تہ پيا منهن ڏيکارجو." سندس سهري پنهنجي ڪاوڙ کي اندر ٺي دٻائي ٻاهران خوشيءَ جو اظهار ڪيو. ڪيس خارون تہ ڏاڍيون پٽي آيون تہ هن پنهنجي نڪمي نائيءَ کي ڏني نہ ورتي ويهي هيڏي ماني کارائي ۾ هاڻ ڪنهن ريت پنهنجي نائيءَ مان پڻ ايڏي وڏي دعوت ڪيڻ لاءِ سٽل سٽڻ لڳو.

ان ڳالهہ کي مهينو بہ ٿي ويو پر ڪبايان جي سهري ان بابت گهر ۾ ڪوبہ ذڪر نہ چوريو. هڪ ڏينهن ڪبايان جيئن گهر ۾ ليٽيو پيو هو تہ درتي ڪنهن اچي تاڙي هنئين. اٿي در کوليائين تہ سامهون هڪ حاجي نظر آيس." "سائين اسلام عليڪم." حاجي چيو.

"وعليڪم سلام سائين." ڪبايان وراڻيو.

آئون آگوس نواريءَ نالي هڪ همراهہ کي ڳولي رهيو آهيان مون سمجهيو تہ هو هن ڳوٺ ۾ رهي ٿو پر افسوس جو هتي نظر نہ آيو."

"مون کي پڻ اهڙي نالي وارو ڪو همراهہ نٿو سجهي." ڪبايان جواب ڏنو.

"ڀائوا!" حاجيءَ چيو "سندس ڳولا ۾ سڄي شهر ۾ ڦرڻ ڪري ٿڪجي پيو آهيان."

ڪبايان ايتري ۾سمجهي ويو تہ حاجي حقيقت ۾ سندس سهروئي آهي پر هن نمونو اهو ڪيو جڻ هن پنهنجي سهري کي نہ سڃاتو آهي.

"حاجي صاحب! ڀلا اندر اچي ڪجهہ دير لاءِ آرام ڪيو."

"هائو بابا. مهرباني. مون کي ٿوري دير آرام ڪرڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي."

ڪبايان جو سهرو اهو چئي اندر آيو ۽ کٽ تي پٽل ماري وينو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”توهان جي منهن مان ئي لڳي ٿو تہ توهان تمام گهڻو ٿڪل آهيو ۽ ماني بہ شايد نہ کاڌي اٿوَ. توهان ويهو تہ آئون پنهنجي زال کي چئي ٿو اچان توهان لاءِ ڪا ماني ٺاهي وٺي.“

”وڏي مهرباني. واقعي مونکي ڏاڍي بک آهي.“

ڪبايان پاسي وارو در ٽپي پنيان آيو جتي سندس زال ڪڪڙين کي ان ڏيئي رهي هئي. هن چاٽي واٽي زال سان وڏي واڪي ڳالهايو جيئن سندس سهرو بہ ٻڌي سگهي: ”عجيم! پاڻ وٽ هڪ معزز مهمان آيو آهي.“

ڪبايان اهو ڪير آهي؟“ سندس زال پڇيو.

”ڪو حاجي آهي. پلين جاين جي زيارت ڪري موٽيو آهي. پاڻ کي هن لاءِ عاليشان ماني تيار ڪرڻ کپي. هو تمام گهڻو بکايل آهي. هڪدم چانور ۽ ڀاڄي چلهہ تي چاڙهي پوءِ وڃي ڪو وڏي ٻانگ وارو متارو ڪڪڙ ڪهائي اچ.“

”پر- پر، ڪابيان، پاڻ وٽ.....“ سندس زال ڪجهہ چوڻ چاهيو ٿي پر ان کان اڳ ڪبايان رڙي ڪري چيس:

”نہ نہ. ڪڪڙ نہ. ههڙي پلاري حاجي لاءِ ڪڪڙ رڌڻ صحيح نہ ٿيندو. پاڻ کي ڪا ٻڪري يا رڍ حلال ڪرڻ کپي. هيئن ڪر جو ڪا ٿلهي سگهاري رڍ ڪٽي وڃي ڪاسائي کان ڪهائي اچ.“

”پر ڪبايان، توکي تہ خبر آهي تہ پاڻ وٽ ڪابہ ٿلهي متاري رڍ ناهي.“ عجيم چيو.“

”ها. اها تہ مونکي بہ خبر آهي. پر تنهنجي پيءُ وٽ تہ آهي سندس گهر جي پويان هڪ گهيٽو ٻڌو پيو اٿئي. ان کي چوڙي ڪهائي اچ. تنهنجو پيءُ بلڪل رنج نہ ٿيندو. پاڻ خوش ٿيندو تہ پاڻ حاجيءَ جي مزماني ڪئي. هو پاڻ بہ تہ چوندو رهندو آهي تہ حاجين کي سني ماني کارائڻ ثواب جو ڪم آهي. مهينو ڏيڍ اڳ بہ هن هڪ اڻ ڄاڻ حاجيءَ کي عاليشان ماني کارائي هئي. چڱو هاڻ گهڻي دير نہ ڪر. جلدي ائين وڃي ڪر جيئن ٻڌايو مانءِ.“

هوڏانهن جڏهن ڪبايان جي سهري اهو ٻڌو تہ سندس ئي نقصان ٿو ٿئي تہ اچي پريشان ٿيو. هن کي پنهنجي ٿلهي متاري گهيٽي جو فڪر ٿيو تہ ماڳهين ٿو ڪسي. سو ماٺ ڪري ويهڻ بدران ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ سڌو رڌڻي ڏي ڀڳو جتي ڪبايان ۽ سندس زال بيٺي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هئي. ”سائين مون چيو منهنجي ڳالهہ تہ ٻڌجو. مهرباني ڪري مون لاءِ ماني نہ ڪجو. مون کي هينئر هينئر هڪ ضروري ڪم ياد آيو آهي. ان لاءِ مونکي هينئر جو هينئر پير واري ڳوٺ ۾ پهچڻو آهي. ان ڪري آئون تہ هلان پيو خدا حافظ.“

اهو چئي هو ائين وٺي ڀڳو جو ڪبايان کي جواب ڏيڻ جو بہ موقعو نہ مليو.

عجيم وائڙن وانگر ڪبايان ڏي نهاريندي چيو: ”تنهنجي مهمان حاجي صاحب کي ڇيو ڇا جو وٺي ڀڳو؟“

ڪبايان مرڪندي وراڻيو: مون کي پاڻ خبر ناهي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# گھوڙي تي گھٽ بار

هڪ ڏينهن ڪبايان کي سندس سهري گاهه ڪرڻ لاءِ ٻنيءَ تي موڪليو. ٿوري دير بعد جڏهن ٻه وڏيون ڀريون گاهه جون ٿي ويون ته هو گهر ڏي موٽڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. گاهه جون ڀريون چڱيون ڳريون هيون ۽ هن کي پنهنجي سهري جي گهر تائين انهن ڀرين سان گڏ پنڌ موٽڻو هو. بهرحال هڪ ڏگهي ڪاٺي ڪٽي هڪ هڪ ڀري ڪنڌ کان ٻڌي ڪاواٽيءَ وانگرڪاٺيءَ جو وچ ڪلهي تي رکي هلڻ لڳو. گاهه جي گهٽي وزن ڪري ڪاٺي هن جي ڪلهي تي وڏ وجهي رهي هئي ۽ ڪيس رکي رکي ساهي پٽڻي ٿي پيئي.

ڪجهه دير هلڻ بعد اوچتو هن کي پري کان هڪ گهوڙو نظر آيو. اهو سندس سهري جو گهوڙو هو جيڪو هتان هُتان چرندو واپس گهر ڏي وڃي رهيو هو. سندس ڳچي ۾ لغام به پيل هو. ڪبايان گاهه جون ڀريون رکي گهوڙي ڏي ويو ۽ لغام کان ڇڪي گاهه وٽ وٺي آيس. پوءِ گاهه جون ٻئي ڀريون مٿائنس رکيائين ۽پاڻ گهوڙي پنيان آهستي آهستي هلڻ لڳو. گهرپهچڻ کان اڳ رستي تي هڪ ٽڪري آئي ٿي. اها چڱي خاصي اتاهين هئي ۽ ڪبايان پنهنجو پاڻ ۾ مٿي چڙهڻ جو سَتُ نه پئي ساريو. سو گهوڙي کي بيهاري پاڻ به ان جي پٺيءَ تي گاهه جي پويان ٿي وينو.

گهوڙو آهستي آهستي ٽڪريءَ تي چڙهڻ لڳو. ٿورو مٿي چڙهڻ بعد گهوڙي جي رفتار اجا به گهٽجڻ لڳي. ڪبايان کي خيال آيو: ”گهوڙو شايد ٿڪجي پيو آهي. اهو منهنجي سهري جو گهوڙو آهي ۽ جي هو ٿڪل ٽڪل گهر پهچندو ته سهرو مون تي ڪاوڙبو. ٿي سگهي ٿو هن کي هن وقت گهوڙي تي چڙهي ڪيڏانهن وڃڻو هجي ۽ غريب گهوڙي تي واقعي گهڻو بار آهي۔ گاهه جي ٻن ڀرين ڪانسواءِ منهنجو پڻ.“

ڪجهه دير سوچڻ بعد ڪبايان کي دماغ ۾ هڪ رٿ آئي سو ٻئي گاهه جون ڀريون گهوڙي جي پٺيءَ تان ڪٽي ڪاواٽيءَ ذريعي وري پنهنجن ڪلهن تي ڪٽي رکيون. آهستي آهستي ٿي گهوڙو نيٺ سهري جي گهر تائين پهتو. سهري گهوڙي مٿان ڪبايان ۽ ان مٿان

گاهہ جون پريون ڏسي تعجب مان پڇيو: ”اڙي ڪبايان هي ڇا تماشوڪيو اٿئي؟ گهوڙي مٿان چڙهي گاهہ وري پاڻ تي رکيو پيو اچين!“

ڪبايان معصوميت مان وراڻيو: ”چاچا ڳالهہ آهي تہ مون کي خبر آهي تہ توهان جي گهوڙي کي گهڻو بار کڻائيندس تہ توهان جو گهوڙو ٿڪجي پوندو ۽ توهان مون تي ڪاوڙ ڪندائو. ان ڪري مون سوچيو تہ گاهہ آئون ٿوکڻي هلان ۽ گهوڙو فقط مون کي کڻي هلي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# هرڻ جو شڪار

هڪ ڏينهن ڪبايان پنهنجي سهري کي هرڻ ڦاسائڻ لاءِ ڪوڙڪو ناهڻ لاءِ چيو: ”سارين جي پوک پوڻان گذريل هفتي، مونکي ڪيترائي هرڻ گهمندي نظر آيا آهن. اچو ته ڪوڙڪو ناهي وڻن جي وچ ۾ رکي اچون.“

”ڪبايان وقلين ته نه پيو“ سهري ٺوڪيندي چيس، ”ڪوڙڪو ۽ تون ناهيندين!“

”ها. ها. بلڪل سچ ٿوچوان،“ ڪبايان پڪي ارادي سان چيو. هرڻ جي ڦاسي ويو ته پاڻ ٻئي چڱا ان جا حصا ڪري هفتوڪن مزي سان کائي سگهنداسين.“

”مون کي ته سمجهه ۾ نه پيو اچي ڪبايان ته تون ڪهڙيون ڳالهيون پيو ڪرين. هن کان اڳ ته ڪڏهن به ڪم جي ڳالهه تنهنجي واتان نه ٻڌي اٿم. هي اڄ توکي ڇيوڇا آهي. ڪا بيماري ته نه لڳي ويئي اٿئي؟“

”نه، آئون بيمار بلڪل نه آهيان ۽ سنجيدگيءَ سان ٻڌائي رهيو آهيان ته اچو ته ڪوڙڪو گڏجي ناهيون ۽ جي هرڻ ڦاٿو ته اڌو اڌ ڪري ڪٽنداسين.“

”بهرحال ڳالهه هي آهي ته اڄ مون کان ڪم بلڪل نٿو پڄي.“ سهري وراڻيو.

”چڱو توهان پلي مونکي همراهي نه ڪرايو پر جي آئون هرڻ جهلي ٿو وٺان ته پوءِ مون کان حصو پڻي هرگز نه گهرجو.“ ڪبايان چيو.

ڪبايان جي سهري ٿورو سوچيو. هن هرڻ جو گوشت کائڻ به چاهيو ٿي پر ڪانئس هن وقت ڪا محنت به نٿي پڄي جو ڪٽي هرڻ لاءِ ڪوڙڪو ناهي. هڪ ته سج جي تپش ساڙي رهي هئي ۽ ٻيو ته ٿڪل به ڏاڍو هو. هن ڪبايان کي چيو: ”چڱو هينئن ٿو ڪريان جو هرڻ لاءِ ڪوڙڪو ناهڻ جي ته مون ۾ هن وقت همت ناهي، باقي پکين جو ڪوڙڪو ڪٽي ٿو ناهيان. پر اهو ٻڌي ڇڏجانءِ ته منهنجي ڪوڙڪي ۾ ڪو پکي ڦاٿو ته ان مان توکي ڪوبه حصو نه ڏيندس ۽ سڄوئي پاڻ وٽ رکندس. سمجهئه.“

نيٺ ڪبايان اڪيلي سر هرڻ کي ڦاسائڻ لاءِ ڪوڙڪو ويهي ناهيو. ٻن ٽن ڪلاڪن جي لڳاتار محنت بعد اهو نهي تيار ٿي ويو. سندس سهري ته منٽن ۾ پکي ڦاسائڻ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جو ننڍڙو ڪوڙڪو ناهي ورتو.

”هاڻ مون کي ٻڌايو تہ ڪير سست آهي،“ ڪبايان پنهنجي سهري کي چيو. ”اميد تہ اڄ رات منهنجي ڪوڙڪي ۾ هڪ ٿلهو متارو هرڻ اچي ڦاسندو. پوءِ پاڻهي توهان کي پڇتاءُ ٿيندو تہ منهنجي مدد ڇونہ ڪيانوَ.“

سندس سهري ٺهڪ ڏيندي چيو: ”بلي! ڏسنداسون تہ ڪهڙو نياڻو هرڻ تنهنجي ڪوڙڪي ۾ ٿو ڦاسي. مونکي پڪ آهي تہ منهنجي ڪوڙي ۾ بہ چار ٿلها متارا پکي ضرور ڦاسندا.“

ان رات ڪبايان تہ ڏاڍو ٿڪل هو سو سمهڻ سان ننڊ ڪٽي ويس سندس سهرو صبح جو سوير ئي اٿيو ۽ جتي ڪبايان ستو پيو هو اتان پبن تي آهستي آهستي هلي ڏنائين تہ ڪبايان اڃا گهاٽيءَ ننڊ ۾ هو. سو ڪنهن کي ٻڌائڻ بنا هي سڌو پنهنجي ڪوڙڪي وٽ آيو جتي هڪ بہ پکي ڦاٿل نہ هو. ان بعد هي سارين جي پوک پويان جهنگل ۾ويو جتي ڪبايان پنهنجو ڪوڙڪو منڊيو هو. ڇا ڪٽي ڏسي تہ ڪبايان جي ڪوڙڪي ۾ هڪ ٿلهو متارو هرڻ ڦاٿو پيو آهي.

”واهہ سائين واهہ،“ هن دل ئي دل ۾ چيو ”لئہ ٿي ويئي ڪبايان جي. ڇئبو تہ هاڻ ڪبايان سڄو هفتو هرڻ جي گوشت مان وارا ڪندو ۽ مونکي هڪڙي ٻوٽي بہ نہ ملندي، مون کي ضرور ڪجهہ ڪرڻ کپي.“ پوءِ هن کي هڪ اٽڪل آئي. ”هڪ ڪم ڪري سگهجي ٿو تہ هن هرڻ کي اتان ڪڍي پنهنجي ڪوڙڪي وٽ اچي ٽنگيانس. اهو ضرور آهي تہ منهنجو پکين جو ڪوڙڪو آهي جنهن۾ڪو جانور ڪيئن ٿو ڦاسي سگهي، پر ڪبايان ڇٽ کي ڪهڙي خبر ان فرق جي.“

سو ڪبايان جي سهري اُن ٿلهي متاري هرڻ کي ڪبايان جي ڪوڙڪي مان ڪڍي اچي پنهنجي پکين واري ڪوڙڪي جي پير ۾ هڪ ٽاريءَ سان ٻڌو. ان بعد ٽڪوٽڪو پنهنجي گهر موٽي آيو. ڪبايان اڃا تائين ننڊ ۾ هو. پاڻ بہ چادر تاڻي وري سمهي رهيو ۽ ڪبايان جي اٿڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

جڏهن سج چڱو متي چڙهي آيو تہ ڪبايان ننڊ مان اٿيو. ان کي اٿيل ڏسي هي بہ هنڌ تان اٿيو ۽ اکيون مهٽي ڪبايان اڳيان ائين هلڻ لڳو ڄڻ هاڻ ننڊ مان اٿيو هجي.

”رات اهڙي ننڊ ڪٽي ويئي جو مس مس هاڻ اک کلي آهي. ڪبايان تون ڪر خبر رات ننڊ سٺي ڪيئي يا نه؟“

”ها مونکي ته سٺي ننڊ اچي ويئي هئي.“ ڪبايان وراڻيو.

”مونکي به اهڙي گهاٽي ننڊ اچي ويئي هئي.“ جو هاڻ تنهنجي هلڻ جي آواز تي اک کلي آهي. بهرحال ڪر خبر چار چاجي تياري آهي؟“

”پنهنجي ڪوڙڪي جي سار لهڻ ٿو وڃان ته ڪو هرڻ ڦاٿو يا نه رات جو خواب ۾ ڏٺو اٿم ته هڪ ٿلهو متارو هرڻ منهنجي ڪوڙڪي ۾ اچي ڦاٿو آهي.“ ڪبايان چيو.

”چڱو هل ته آئون به ٿو هلان.“ ڪابيان جي سهري چيو.

”هل پلي پر اها اميد هرگز نه رکجانءِ ته ڪو آئون هرڻ جي گوشت جو حصو توکي ڏيندس.“ ڪبايان چيو.

ٻئي چٽا گهران نڪتا، سارين جي فصل جو ٻنو ڏيئي جهنگ ڏي روانا ٿيا. جڏهن ڪوڙڪي جي ويجهو پهتا ته ڪبايان جو سهرو ڇاٽي واٽي ٿورو ٿورو پٺيان هلڻ لڳو جيئن ڪبايان پلي اڳيان وڃي پنهنجو ڪوڙڪو پهرين جانچي..

”ڪر خبر ڪجهه نظر اچي پيو؟“ سهري پڇيو

”نه، اجا ته ڪجهه به نه.“ ڪبايان وراڻيو.

”آئون نٿو سمجهان ته ڪوڙڪي ۾ ڪي ڪجهه آهي.“

پوءِ جڏهن بلڪل ويجهو پيهي ڏٺائون ته منجهس ڪاريءَ وارا ڪک هئا. ڪبايان کي ڏاڍو ڏک ٿيو.

”نهيو. هاڻ هرڻ ئي نه ڦاٿو آهي ته مونکي ان جو حصو نه ملڻ لاءِ جيڪو ڏک هو سو هرگز ڪرڻ نه کپي،“ سهري چيو ”ڏسان ته منهنجي پکين واري ڪوڙڪي ۾ڪو پکي ڦاٿو آهي يا نه. تون به گڏ هلندين.“

ڪبايان کي جيتوڻيڪ هاڻ ڪا دلچسپي نه رهي هئي پر پنهنجي سهري جي پٺيان هلڻ لڳو. جڏهن ڪوڙڪي جي ويجهو پهتا ته سهرو تکيون تکيون برانگون پرڻ لڳو.

”منهنجي خيال ۾مون واري ڪوڙڪي ۾ ڪا شيءِ ڦاٿي پيئي آهي.“ اهو چئي هو پنهنجي ڪوڙڪي ڏي ڊوڙڻ لڳو. ”واهه ڙي واهه. ڪجهه ته ڦاٿوآهي. ڪبايان وارو ڪر ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اڇي ڏس تہ سهي ڪهڙو نہ سنو هرڻ ڦاٿو پيو آهي.“

ڪبايان هرڻ ڏي نهاريو. اهو واقعي هڪ ٿلهو متارو هرڻ هو جيڪو ڪوڙڪي سان گڏ وڻ جي ٽاريءَ ۾ ٽنگيو پيو هو. ڪبايان جي سهري ان کي هيٺ لاٿو. واهہ واهہ! ڇا تہ متارو هرڻ آهي. هي سڄو هفتو مون لاءِ عيش ٿي ويو. ڪبايان تو لاءِ افسوس اٿم تہ تون بکايل ئي رهندين. مڇين ٿو نہ تہ آئون ڀاڳن وارو آهيان.“

ڪبايان ڪجهہ بہ نہ ڪڇيو. سندس سهرو هرڻ کي ڪلهن تي رکي گهر ڏي روانو ٿيو. ڪبايان پٺ وانگر اتي ئي بيٺو رهيو ۽ ڪا دير پنهنجي سهري کي ويندو ڏسندو رهيو.

جڏهن سهري گهر اچي هرڻ کي لاٿو تہ ان کي ڏسي سڀ خوش ٿيا. سندس زال ۽ ڌيءَ تعريف ڪرڻ لڳيون ۽ سڄو هفتو هرڻ جو گوشت پيٽ ڀري کائڻ جو سوچي خوش ٿيون. ٻپهري تائين گهر جا سڀئي ڀاتي هرڻ جي گوشت کي وڍيندا ۽ صاف ڪندا رهيا ۽ پوءِ جڏهن نيرن ڪرڻ لڳا تہ ڌيٽس پڇيو. ”بابا منهنجو مڙس ڪبايان نظر نہ پيو اچي؟“

”خبر ناهي، توکي تہ هن جي افعالن جي خبر آهي. پڪ ڪٿي ويني ويٺي ننڊ ڪٽي ويئي هونديس.“ سهري کين ٻڌايو. ان بعد ڪنهن بہ ڪبايان جو نہ سوچيو ۽ هر هڪ پنهنجي ئي ڪچهري ۾ لڳي ويو. شام تائين جڏهن ڪبايان نہ موٽيو تہ سندس سس رڙ ڪري چيو: ”ڪبايان جو اڃا تائين ڪو پتو نہ پيو آهي. اڄهو تہ هاٽي رات بہ ٿي.“

”واقعي ڪبايان ڪيڏانهن گم تہ نہ ٿي ويو آهي؟“

”ڪڏهن ڪڏهن پڪو ٻاهر هليو ويندو آهي پر هينئن ڪڏهن بہ نہ ٿيو آهي. مانيءَ لاءِ تہ هو ضرور موٽي ايندو آهي، اڄ تہ سڄو ڏينهن نظر نہ آيو آهي.“

”مون کيس صبح جو ڏٺو هو“ سندس سهري چيو. ”ان وقت تہ هو بلڪل چاق چڱو ڀلو هو. منهنجي خيال ۾ هن کي هرڻ نہ ڦاسڻ جو ڏک هوندو. چاڻ تہ اڃي نڪتو.“

ٿوري دير پي گذري پر هو گهر نہ آيو. ڪبايان جي زال ۽ سس کي ايترو اچي فڪر ٿيو جو نيٺ ڪبايان جي ڳولا لاءِ تيار ٿيون. هنن کي اهوئي ڊپ هو تہ شايد ڪبايان کي ڪو حادثو درپيش آيو هوندو. پهرين سارين جي فصل پوٺان جتي هن هرڻ لاءِ ڪوڙڪو لڳايو هو اتي ڪبايان کي سيني ڳوليو پر اتي بہ نہ مليو. ڪڏهن ڪڏهن منجهند جو ڪبايان هڪ وڻ هيٺان وڃي سمهندو هو. سو هاڻ هي سڀئي ڪبايان جي ان دلپسند جڳهہ تي آيا پر اتي بہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هن جو ڪو پتو نہ پيو.

”مون کي لڳي ٿو تہ منهنجو پيارو ڪتي درياهہ ۾ تہ نہ ٻڏي ويو.“ ڪبايان جي زال روئندي چيو. ۽ پوءِ ٽيئي ڄڻا ڪبايان کي ڳولڻ لاءِ درياهہ ڏي وڌيا.

درياهہ جي ڪناري تي ڏسن تہ ڪبايان پٿل ماري مٽي کي هٿ ڏيئي درياهہ جي وهندڙ پاڻي کي بہ ڏسي رهيو آهي تہ ڪجهہ سوچي بہ رهيو آهي.

”ڪبايان! ڪبايان! تو ڇا پيو ڪرين؟“ پر ڪبايان ڪو جواب نہ ڏنو ۽ سندس نظرون درياهہ جي وهندڙ پاڻيءَ ۾ ئي کتيون رهيون.

”ڪبايان ڇا ڳالهہ آهي.“ سندس سهري پڇيو. ”چاق تہ آهين؟“

ان تي ڪبايان ورندي ڏني، آئون هڪ عجيب شيءِ ڏسي رهيو آهيان.“ ۽ پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪرڻ بدران پاڻيءَ ۾ ئي گهوريندو رهيو.

”عجيب شيءِ؟ اها ڪهڙي عجيب شيءِ آهي جيڪا تون ڏسين پيو پر اسان کي نظر نٿي اچي.“

”ڇا توهان کي نظر نہ پئي اچي؟ چڱو وري پاڻي ڏي ڇتائي ڏسو.“

ان تي وري سيني پاڻيءَ ڏي ڇتائي ڏٺو پر کين ڪجهہ بہ نظر نہ آيو. سيني هڪ ٻئي ڏي تعجب مان ڏٺو. ڪبايان جي سهري اڳيان وڌي ڪبايان جي نبض تپاس ڪئي تہ ڪٿي تپ دماغ تي اثر تہ نہ وجهي ڪيو اٿس. ”لڳي ٿو تہ ڪبايان کي ڏينهن لڳي ويو آهي.“ ڪبايان جي زال ۽ سس هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيون.

”وري ڇتائي ڏسو. ڇا توهان کي ڪجهہ نظر نٿو اچي؟ ڪبايان پڇيو.

”ڇتائي ڇا ڏسون؟“ سهري وائڙن وانگر پڇيو. عجيب حرڪت جيڪا پاڻي ڪري رهيو آهي.“

”ڪهڙي عجيب حرڪت؟“

”اها تہ هو ٽڪريءَ تان هيٺ واديءَ ڏي وهي رهيو آهي.“ ”ان ۾ ڪهڙي عجب جهڙي ڳالهہ آهي؟“ سهري پڇيو. هن جي زال ۽ سس وري هڪ ٻئي ڏي تعجب ۽ فڪر مان ڏسڻ لڳيون.

”منهنجو مطلب آهي تہ اهو ائين ڇو پيو وهي. واديءَ کان مٿي جبل ڏي ابتو ڇو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

نٿووهي؟“ ڪبايان پڇيو.

”اهو ان ڪري ڇٽ، جو اهو پاڻيءَ لاءِ ناممڪن آهي. پاڻي هميشہ مٿاهين کان هيٺ وهندو آهي.“

”چئبو تہ اهو پاڻيءَ لاءِ ناممڪن آهي. باقي هرڻ لاءِ ممڪن آهي تہ جانورن جي وڏي ڪوڙڪي ۾ ڦاسڻ بدران وڻ ۾ ٽنگيل پکين جي ننڍڙي ڪوڙڪي ۾ ڦاسي پوي. جيڪڏهن هرڻ لاءِ ممڪن آهي تہ پوءِ پاڻيءَ لاءِ بہ ممڪن ٿي سگهي ٿو.“

ڪبايان اهو چئي سهري ڏي منهن ڪيو. سندس زال ۽ سس بہ شڪي نگاهن سان سهري ڏي نهاريو ۽ سمجهي ويون تہ اصل ڳالهہ ڇا آهي ۽ هرڻ سهري نہ پر ڪبايان ڦاسايو آهي. اهو حال ڏسي سهرو ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ ماٺ مٺوڙي ۾ اتان کسڪي ويو.

ان بعد ڪبايان هرڻ جو سڀ گوشت پاڻ رکيو ۽ سڄو هفتو پاڻ، سندس زال ۽ سس کائيندي رهي. جڏهن گوشت ختم ٿيو تہ ڪبايان پنهنجي سهري وٽ آيو ۽ چيو ”آئون ايترو ڪمينو نٿو ٿيڻ چاهيان. ان ڪري ڏسو مون توهان لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هرڻ جا هڏا بچائي رکيا آهن.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڏاهو ڪيڪڙو

برما جي شهر رنگون ڀرسان هڪ مٺي پاڻيءَ جي ڍنڍ هئي. هن ڍنڍ ۾ ننڍيون وڏيون هزاريون مڇيون رهيون ٿي. جيئن ته اها بادشاهه سلامت جي ڍنڍ هئي سو سڀ مڇيون ان ڍنڍ ۾ خوش ٻاش هيون. بادشاهه سلامت سڄي شهر ۾ پڙهو گهمرائي ڇڏيو هو ته ڪوبه سندس ڍنڍ مان مڇي نه ڦاسائيندو. ان ڪري روزانو شهر جا ماڻهو مڇيون مارڻ لاءِ شهر کان ٻاهر درياءَ تي ويندا هئا. هنن ڪڏهن پلجي به بادشاهه جي هن ڍنڍ ڏي رُخ نٿي ڪيو. ان ڪري ڍنڍ جون مڙيئي مڇيون خوش ۽ حفاظت ۾ زندگيءَ جا ڏينهن گذاري رهيون هيون.

هن ڍنڍ جي ڪناري تي هڪ ڪيڪڙو ۽ ٻگهه پکي پڻ رهندو هو. اهي پاڻ ۾ تمام گهاٽا يار هئا. ڍنڍ جون مڙيئي مڇيون هنن کي پنهنجو مددگار ۽ دوست سمجهنديون هيون. ٻگهه پکي ڪڏهن به ان ڍنڍ مان مڇي نه ڦاسائيندو هو. کاڌي خوراڪ لاءِ هو هميشه اڏامي درياهه تي ويندو هو يا ڪنهن ڏورانهين ڍنڍ ڍوري تي. شام جو واپسيءَ تي پنهنجي سڄي ڏينهن جي سفر جا تجربا پنهنجي دوست ڪيڪڙي کي ٻڌائيندو هو ته هو ڪهڙي ڪهڙي هنڌ ويو. ٻڪ لڳڻ تي مڇيون ڪٿان ڪٿان ڦاسائي کاڌائين.

بادشاهه سلامت جي ڍنڍ جي مڇين کي جيتوڻيڪ اها ڄاڻ هئي ته ٻگهه پکيءَ جو پيٽ گذر مڇيءَ تي آهي پر اها پڪ هين ته هو سندن نالو هرگز نه وٺندو. هنن جو ٻگهه پکيءَ تي پڪو ڀروسو هو. ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن ٻاهرنڪري ٻگهه پکي سان خبرچار به اچي ڪنديون هيون.

جيئن جيئن وقت گذرندو ويو ٻگهه پکي پوڙهو ٿيندو ويو ۽ هاڻ هو ايترو سست ۽ ٿڪل محسوس ڪرڻ لڳو جو روزانو ڏورانهين ڍنڍ تي اڏامي وڃي مڇيون ڦاسائڻ هن لاءِ ڏکيو ڪم ٿي پيو. پر جيئڻ لاءِ مڇيون ڦاسائي کائڻ پڻ ضروري هو.

”هن بادشاهه سلامت واري ڍنڍ جون مڇيون ڦاسائي ڇو نه کائجن؟“ ٻگهه پکيءَ دل ئي دل ۾ سوچيو. ”هن ڍنڍ جون مڇيون جيتوڻيڪ منهنجيون دوست آهن پر سڀ به ته نه آهن.“ ان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بعد هن هڪ اٽڪل سوچي.

ٻئي ڏينهن ٻگهه پکي هڪ ٻي ڍنڍ ڏي هليوويو ۽ سڄو ڏينهن اتي ئي گهاري ڇڏيو. جڏهن موٽيو تہ ڪافي دير ٿي چڪي هئي. ڪيڪڙو پنهنجي ٻر ۾ گهڙي ويو هو ۽ مڇيون سڀ سمهي رهيون هيون.

ٻئي ڏينهن صبح جو سير شڪار تي وڃڻ بدران ٻگهه پکي ڍنڍ جي وچ تي اڇي هڪ ٽنگ تي بيهي اکيون بند ڪري سوچڻ لڳو. ٿوري دير بعد ڪيڪڙو پنهنجي ٻر مان ٻاهر نڪتو. پنهنجي جهوني دوست ٻگهه پکيءَ کي ان حال ۾ ڏسي حيران ٿي ويو.

”خير تہ آهي، ٻاٿو ٻگهه پکي؟“ ڪيڪڙي ٻگهه پکي کان پڇيو.

ٻگهه پکيءَ آهستي آهستي پنهنجون اکيون پٽيون. مٿي ڪيل ٽنگ کي هيٺ لاٿو. پوءِ غمگين شڪل ٺاهي ڪيڪڙي کي خبر ٻڌائي تہ هن مهاڻن جي واتان ٻڌو آهي تہ هڪ ڏينهن هن ڍنڍ جون مڙيئي مڇيون مري وينديون. هو ڪالهہ کان ان ڳڻتي ۾ آهي تہ هاڻ مڇين جو ڇا ٿيندو. هن ڍنڍ جون غريب مڇيون جن سان هن جي تمام گهڻي دوستي آهي انهن جو ڇا ٿيندو.

ڪجهہ مڇيون، جيڪي ان وقت ٻگهہ پکيءَ اڳيان لنگهي رهيون هيون، اهي ٻگهہ پکيءَ جي اها ڳالهہ ٻڌي ڊڄي ويون. پوءِ انهن مان هڪ مڙني جي طرفان ٻگهہ پکيءَ کي اچي منٿ ميڙ ڪئي تہ هوڪين ان اوچتي ايندڙ موت کان بچائي. ٻگهہ پکيءَ خوشي سان سندن مدد لاءِ هائوڪار ڪئي.

”هتان تمام ويجهو هڪ ٻي ڍنڍ آهي،“ هن پريشان مڇيءَ کي آٿت ڏيندي ٻڌايو.

”پر اسين سڀ اُتي ڪيئن پهچي سگهنديونسين.“ مڇيءَ پڇيو.

”ان لاءِ فقط هڪ ئي طريقو آهي،“ ٻگهه پکيءَ کين چيو. آئون روزانو ٻہ چار مڇيون پنهنجي وڏي چهنب ۾ جهلي اوڏانهن اڏامي ان ڍنڍ ۾ اڇلي وري ٻين جي مدد لاءِ موٽي سگهان ٿو.“

ان صلاح تي سيني مڇين رضامندي ڏيکاري. پوءِ ٻگهہ پکي جهٽ پٽ ڪجهہ مڇين کي پنهنجي ڊگهي چهنب ۾ گڏ ڪري ٻي ڍنڍ ڏي اڏامڻ لاءِ تياري ڪئي.

شام جو هو ٿڪل مهاندو ڪٽي موٽيو. ڇڻ وڏو ڪم سرانجام ڏيئي آيو هجي. ٻئي

ڏينهن هن ٻين مڇين کي ڇهنب ۾ جهلي نئين ڍنڍ ڏي روانو ٿيو. ائين ڪيترن ڏينهن تائين اهو سلسلو هلندو رهيو.

ٻگهه پڪي هاڻ ڀرين ڪان متارو ۽ تازو توانو نظر اچڻ لڳو. آخرڪار سياڻي ڪيڪڙي هن کي تاڙي ورتو. ”ڪٿي سندس دوست پنهنجو پيٽ قوت هن بادشاهه واري ڍنڍ جي مڇين تي ته نه ڪري رهيو آهي. پر سندس دوست اهڙو ذليل ڪم ڪڏهن به نه ڪندو.“ ان سوچ، ڪيڪڙي جي پڇر نه ڇڏي ۽ هن معلوم ڪرڻ چاهيو ته روزانو صبح جو ٻگهه پڪي مڇين کي ڪيڏانهن ڪٽيو وڃي ٿو.

هڪ ڏينهن ڪيڪڙي ٻگهه پڪي کي ان ڍنڍ تي هلڻ لاءِ چيو جتي ٻگهه روزانو مڇين کي ڪٽي ويو ٿي. ٻگهه پڪي ڪجهه دير سوچ ۾ پئجي ويو. ان بعد نيٺ هائوڪار ڪئي. شايد اهو سوچي ته متان انڪار ڪرڻ سان ڪيڪڙو شڪ ۾ پئجي وڃي. ڇو جو ٻگهه پڪيءَ تي فرض هو ته پنهنجي دوست ڪيڪڙي جو به ڪم ڪري.

ٻگهه پڪي ڪيڪڙي کي چيو ته اڏامڻ مهل هو سندس ڳچيءَ کي سوگهو جهلي. ڪيڪڙي ائين ئي ڪيو ۽ ٻگهه پڪي پنهنجا ڪنپ ڇنڊي اڏامڻ شروع ڪيو. رستي تي هو جبل، ماڙيون، باغ ٻنيون لتاڙيندا هليا. ڀريون دفعو اهڙا سهڻا نظارا ڏسي ڪيڪڙو ڏاڍو خوش ٿيو. سڄي ڄمار هو فقط گپ ۾ ليٽڙيون پائيندو رهيو.

رستي تي ڪيڪڙي کي هڪ ٽڪريءَ پنيان مڇين جا ڪيترائي ڪنڊا ۽ چلر نظر آيا. اهو ڏسي ڪيڪڙو اچرج ۾ پئجي ويو ۽ سندس شڪ پڪ ۾ بدلجي ويو ته هي ٻگهه پڪي پنهنجي گهر جون ئي مڇيون کائي ٿلهو ٿي رهيو آهي. ڍنڍ سڪڻ جو فقط بهانو آهي.

ڪوبه ائين مرڻ نٿو چاهي. ڪيڪڙي هاڻ ٻگهه پڪيءَ جي ڳچي کي وٺي زور سان ڇيپاٽيو. ٻگهه پڪيءَ جڏهن ان جو سبب پڇيس ته وراڻيائين ته هيڏي بلنديءَ تي اڏامندي ڊپ ٿو لڳيم. ۽ پوءِ آهستي آهستي ڪيڪڙي ٻگهه پڪيءَ جي ڳچي تي ايڏو زور ڏنو جو هن لاءِ ساهه کڻڻ ڏکيو ٿي پيو. وڏيڪ اڏامڻ بدران اتي ئي لهي پيو جتي هو مڇيون کائي ڪنڊا ۽ چلر ڇڏيندو هو. پٽ تي لهڻ بعد به ڪيڪڙي ٻگهه پڪيءَ جي ڳچي کي نه ڇڏيو ۽ ايڏو زور ڏنو جو آخر ساهه نڪري ويس. ان بعد ڪيڪڙو آهستي آهستي پنهنجي منزل ڏي روانو ٿي ويو جتان آيو هو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڍنڍ تي پهچي هن باقي بچيل مڇين کي ان ظالم ٻگهه پکيءَ جي موت جي خبر ٻڌائي. مڇين کي ڪيڪڙي جي موت جو ٻڌي پهرين ڏک ٿيو پر پوءِ ڪيڪڙي کين سچو احوال ٻڌايو تہ ڪيئن ٻگهه پکي بهانو ٺاهي روزانو مڇين کي کائي رهيو جن جا ڪنڊا ۾ چلر هو پنهنجي اکين سان ڏسي آيو آهي. اهو ٻڌي مڇيون ڏاڍيون خوش ٿيون ۽ ڪيڪڙي جا ٿورا مڃيائون جنهن سندن جان بچائي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ظالم جو موت

ڪنهن نديءَ جي ڪناري تي هڪ تمام وڏو ٻڙ جو وڻ هو. هن وڻ جون ڪيتريون ئي شاخون هيون جن مان هڪ تي هڪڙو ڪارو ڪانگ پنهنجي زال سميت رهندو هو. هن، رهڻ لاءِ، وڻ جي ٿڙ پرسان مضبوط ڪکن جو آکيرو جوڙيو هو جيڪو وڏي عرصي کان قائم هو.

ساڳئي وڻ جي پوري ٿڙ ۾، هنن ڪانگن جي آکيري جي بلڪل هيٺان هڪ نانگ پڻ پنهنجي زال سميت رهندو هو. هڪ ئي وڻ تي هڪ ٻئي ويجهو رهڻ ڪري نانگ ۽ ڪانگ هڪ ٻئي جا سٺا دوست ۽ پاڙيسري ٿي ويا.

هڪ ڏينهن سخت جهڪ ۾ واچوڙو اچي لڳو. ان وقت نانگ جي زال ڪاڏي جي لاءِ ٻاهر ويل هئي ۽ جهڙو موٽي پئي تہ رستي تي هڪ جهوني پپر جي وڻ جو ڏار سندس مٿان ڪري پيو. نانگ جي زال ڳري ڏار هيٺان اچڻ ڪري ان ئي مهل چيپاٽجي مري ويئي. پريان ٻڙ جي وڻ تي ويٺل ڪانگن اهو حادثو ڏسي رڙيون ڪوڪون ڪري نانگ کي سندس زال جي مدد لاءِ اطلاع ڪيو. نانگ پوراٽيل ڏار جي ٻرڙ مان ٻاهر نڪري ڪريل ڏار جي هيٺان ليٽڙيون پائي رستي ناهڻ جي ڪوشش ڪئي پر ان کان اڳ سندس زال جو ساهہ نڪري چڪو هو. نيٺ نانگ ماٺ منوڙي ۾ موٽي پنهنجي ٻرڙ ۾ آيو. زال جي هن اوچتي موت ڪري کيس بيحد گهڻو ڏک ۽ ڪاوڙ لڳي. هن جي سٺن دوستن ۽ پاڙيسري ڪانگن هن ڏکئي وقت ۾ نانگ جي دل وٺڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي.

ٻئي ڏينهن طوفان جهڪو ٿيو. ڪڪر ترڙيا پکڙيا ۽ آسمان ڀهرين وانگر نيرو ۽ صاف ٿي ويو. ندي واري پاسي کان رکي رکي ٿڌي هير لڳڻ شروع ٿي جنهن ۾ ساوڻ پنن سان ڀريل ٽاريون لڏڻ لمڻ لڳيون. پکي پنهنجن آکيرن مان نڪري هوا ۾ ڦيريون پائڻ ۽ لاٽيون لنوڻ لڳا. ان ٻيلي جا رهاڪو جانور پڻ پنهنجن چرن مان ٻاهرنڪري خوشيءَ جو ساهہ پٽڻ لڳا. هي زال مڙس ڪانگ ۽ ڪانگڻ پنهنجي آکيري مان نڪري پنهنجن دوستن سان ملڻ لاءِ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٻيلي جي ٻئي حصي ڏي اڏامي ويا. خاص ڪري پاڻ جهڙي ڏاهي همراهہ لومڙي ڏي- جيڪو سندن سڀ ۾ سٺو دوست هو. هنن لومڙ سان ملي ڪيس نانگ جي زال بابت ٻڌايو تہ ڪيئن وڻ جي ڏار هيٺان ويچاري اچي مري ويئي.

واپسيءَ تي رستي تان پنهنجن ننڍن ٻچن لاءِ ڪانگ پنهنجي چهنب ۾ ڪجهہ کيٽئان کنيا جيڪي پنهنجي گهر پهچي هو پنهنجن بکايل ٻچن کي کارائيندا هئا. هن ڀيري جڏهن هو پنهنجي آکيري ۾ پهتا تہ اهو ڏسي وائڙا ٿي ويا تہ سندن آکيرو ٻچن کان خالي هو. کين يقين ئي نہ پئي آيو تہ ائين بہ ٿي سگهي ٿو.

هنن گهڻو ئي هيڏانهن هوڏانهن پنهنجن ٻچن جي ڳولا ڪئي جن کي اڏامڻ لاءِ اجا کنڀ بہ نہ آيا هئا. پر چوڌاري ڪجهہ بہ نہ هو. مايوس ٿي هو پنهنجي پاڙيسري دوست نانگ وٽ پهتا. ساڻس سجو احوال سربستو ڪري پنهنجن ٻچن جو پڇيو. نانگ هڪدم کهرائيءَ سان جواب ڏنو تہ هو ڪو سندن ٻچن جو چوڪيدار نہ هو جنهن کان پڇڻ آيا هئا. جيڪڏهن کين ٻچا اهڙا پرايا هئا تہ کين ائين اڪيلو ڇڏي نہ وڃن ها.

ڪانگن کي نانگ جي اهڙين ڳالهين تي بيحد گهڻو ڏک ٿيو. وقت سان گڏ آهستي آهستي نيٺ ڪانگ صبر ڪري ويهي رهيا. ڪجهہ مهينن بعد آنن جو ڦوٽاڙو ٿيو ۽ سندن آکيرو ننڍن ننڍن ٻچن سان وري پرجي ويو. اهوڏسي کين تمام گهڻي خوشي ٿي ۽ ان خوشي ۾ کانئن پراڻو صدمو بنهہ وسري ويو. ٻارن جي سار سنڀال لاءِ هو هاڻ بيحد خبردار رهڻ لڳا. ٻنهي مان جڏهن هڪڙو کاڌي جي ڳولا لاءِ نڪرندو هو تہ ٻيو ٻچن جي سنڀال لاءِ آکيري ۾ ئي ترسي پوندو هو.

پر هڪ دفعي اهڙو اتفاق ٿيو جو ٻنهي ڪانگن کي هڪ ئي وقت پنهنجن مائٽن سان ملڻ نڪرڻو پيو جيڪي نديءَ جي ٻئي پاسي رهيل هئا. شام جو جڏهن هو پنهنجي گهر موٽيا تہ هڪ دفعو وري سندن آکيرو خالي خالي هو. سندن سڀ ٻچا غائب ٿي چڪا هئا. سجو اوسو پاسو ڳولڻ تي بہ سندن پتو پئجي نہ سگهيو. ٻچا نہ ملڻ ڪري ماءُ واڪا ڪري روئڻ لڳي.

ٻئي ڏينهن هن پنهنجي مڙس ڪانگ کي چيو تہ ٻارن جي سلامتي لاءِ هاڻ کين هتان لڏڻو پوندو. ان وڻ مان لڏو پتي ڪنهن ٻئي وڻ ۾ آکيرو ٺاهڻو پوندو. جتي حفاظت سان ٻارن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

کي نپائي وڏو ڪري سگهجي. هنن کي پڪ ٿي ويئي ته سندن غير حاضريءَ ۾ نانگ ئي سندن ٻچا ڳڙڪائي چڏيا هئا. پر پيءُ ڪانگ خطري کان پڄڻ بدران ان سان مقابلو ڪرڻ چاهيو ٿي. هو ڪيترن ئي سالن کان ان وڻ ۾ رهندا اچن. هن اتي رهي نانگ کي سبق ڏيڻ چاهيو. ان لاءِ هو پنهنجي پراڻي دوست لومڙ وٽ ويا. لومڙ ڪانگن جي ڏک ڀري ڳالهه ٻڌي ڪجهه دير سوچ ۾ پئجي ويو. آخرڪار هن جي دماغ ۾ هڪ رٿ آئي. هن پنهنجن دوستن کي ويجهو سڏي چيو: ”هن گهاٽي ٻيلي جي ڏورانهين ڪنڊ وٽ هڪ وڏي محل ۾ بادشاهه سلامت رهي ٿو. هن کي هڪ ڌيءَ آهي، جنهن سان هن کي بيحد گهڻو پيار آهي. اها شهزادي وهنجڻ لاءِ روزانو پير واري ڍنڍ تي ويندي آهي. هاڻ توهان ائين ڪريو جيئن سمجهايانوَ ٿو. اميد ته ان ظالم نانگ کي پنهنجي ڪئي جي سزا ملي ويندي.“

لومڙ سڄي رٿ ڪانگن کي سمجهائي ته ڪيئن ٻئي ڏينهن شهزادي جڏهن وهنجڻ لاءِ اچي ته هو ڇا ڪن. ڪانگ پنهنجي دوست لومڙ جا ٿورا مڃي روانا ٿيا.

ٻئي ڏينهن ٻئي ڪانگ ڍنڍ جي ڪناري تي پهتا. ٿوري دير بعد شهزادي پنهنجن ساهيڙين سان گڏ وهنجڻ لاءِ ڍنڍ تي پهتي. هن ڪپڙا لاٿا ۽ سوني تند وارو هيرن جو هار لاهي ڪپڙن جي ڍير مٿان رکيو. پوءِ هن وهنجڻ لاءِ جيئن ئي ڍنڍ ۾ ٽپو ڏنو ته ڪانگڻ پنهنجي چهنب ۾ هار کڻي پنهنجي آکيري ڏي وٺي اڏاڻي. پيءُ ڪانگ اتي ترسي شهزاديءَ جي نوڪرياڻين ۽ چوڪيدارن جا تاثر ڏسڻ لڳو.

هڪ چوڪيدار ڪانگڻ کي شهزاديءَ جو هار کڻي ويندو ڏسي ورتو ۽ رڙيون ڪري هڪدم ٻين کي به ٻڌايو. اهڙيءَ طرح سڀ لٺيون کڻي ڪانگڻ پٺيان ڊوڙڻ لڳا، جيڪا هار چهنب ۾جهلي سڀ کان اڳيان مٿان مٿان اڏامندي ويئي. پيءُ ڪانگ زور زور سان ڪان ڪان ڪري چوڪيدارن جو ڌيان ڪانگڻ ڏي ڇڪائيندو رهيو.

چوڪيدار ڍنڍ جي ڪناري کان وٺي ٻيلي تائين ڪانگڻ پويان ڊوڙندا آيا. رستي تي ڪيترائي دفعا هو ٿڙيا ٿاٻڙيا پر اک ڪانگڻ ۾رهئين، جيڪا چهنب ۾ هار کڻيو پئي ويئي.

آخرڪار ماءُ ڪانگڻ پنهنجي آکيري وٽ اچي پهتي. هيٺان چوڪيدار به اچي گڏ ٿيا. ڪانگڻ وڏي چالاڪيءَ سان هار کي ان سوراخ ۾ ڪٽي ڪيرايو جنهن ۾ نانگ رهيل هو. تيستائين پيءُ ڪانگ به اچي پهتو ۽ ٻئي ڄڻا پري کان ويهي تماشو ڏسڻ لڳا ته چوڪيدار

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪيئن نانگ جي ٻر مان هيرن جو هار ڪڍين ٿا.

جنهن وقت نانگ جي ٻر ۾ ڪانگڻ هار ڪيرايو ان وقت نانگ گهاٽي ننڊ ۾ ستل هو. هار سندس پرسان اچي ڪريو. چوڪيدار وڻ اڳيان پهچي ويا تڏهن بہ نانگ بي خبر ستو رهيو. هڪ چوڪيدار لڪڻ سان هار کي ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي. لڪڻ هار کي لڳڻ بدران جهڙو نانگ کي لڳو تہ هو ڪاوڙ مان ٻاهرنڪري آيو. چوڪيدارن جي نانگ تي جيئن ئي نظر پيئي تہ لٺين ۽ ڀالن سان ڪيس اُتي جو اتي ڍيري ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ شهزادي جو هار کڻي روانا ٿي ويا.

اهڙيءَ طرح ظالم نانگ جو موت ٿيو ۽ ڪانگ هاڻي بي فڪر ٿي زندگي جا باقي ڏينهن پنهنجي ئي پراڻي آکيري ۾ گذارڻ لڳا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سانگ ڪنچل جون گهمتاريون

سانگ ڪنچل هڪ ننڍڙي هرڻ جو قسم آهي جيڪو ملائيشيا جي جهنگلن ۾ رهي ٿو. هي جانور جيتوڻيڪ قد ۾ ننڍو ـ فٽ کن ڪو مس ٿئي ٿو. پر عقل ۾ تمام اڪابر، بهادر ۽ چالاڪ آهي. پاڻ کان وڏن جانورن کي کن پل ۾ بيوقوف بنايو رکي.

هڪ ڏينهن سانگ ڪنچل درياهه جي ٻئي پار سنهن ڪچڙن پنن وارو گاهه ڏٺو.

"اڄ مون کي انهن ڪچڙن پنن واري گاهه جو مزو ماڻڻ کپي." هن دل ئي دل ۾ سوچيو. "پر درياهه ڪيئن پار ڪجي؟"

درياهه جي ڪناري تي پهچي ٻي پر وچڻ جي ڪا واهه ڳولڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن واجهايو. ايتري ۾ هن جي نظر مانگر مڇن جي سردار تي پئي جيڪو ان وقت اُس ۾ پٺي سيڪي رهيو هو.

"مانگر مڇ" هن رڙ ڪري چيو. "توکي خبر آهي تہ اسان هرڻن جو ڪٽنب توهان مانگر مڇن کان تمام گهڻو وڏو آهي؟"

"ڪنچل چا پيو بڪين،" مانگر مڇ ڪاوڙ مان جواب ڏنو اسانجي خاندان ۾ پنجاسي تہ فقط وڏا مانگر مڇ آهن. ان کان علاوه ڪيترائي ننڍا ننڍا پڻ توهان جو سڄو ڪٽنب ڏهن هرڻ جو بہ ناهي."

"آءٌ جيسين سيني کي ڳڻيان نہ تيسين ڪيئن اعتبار ڪريان." سانگ ڪنچل چيو. "تون هيئن چو نٿو ڪرين جو ڪين قطار ۾ بيهار جيئن آئون ڪين ڳڻي وٺان."

"ائين بہ صحيح آهي." مانگر مڇ مڃيو.

مانگر مڇ جي سڏ تي هڪدم سندس مٽ مائٽ دوست احباب اچي گڏ ٿيا.

"مانگر مڇ" سانگ ڪنچل چيو "جيئن تہ تون سردار آهين سو پنهنجي قبيلي جي مانگر مڇن کي چئہ تہ درياهه جي هن ڪناري کان وٺي ٻئي تائين سڌي قطار ڪري بيهن جيئن آئون ڪين جلدي ڳڻي وٺان."

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مانگر مڇن جي اڳواڻ حڪم ڏنو ۽ سڀ مانگر مڇ درياهه جي اورئين ڪپ کان پرئين تائين سڌي قطار ناهي بيٺا. ان بعد سانگ ڪنچل هڪ هڪ مانگر مڇ جي پٺيءَ تي ٽپ ڏيندو "ساتو دوعا، تيگا، امپت... (هڪ، ٻه، ٽي، چار...) ڳڻيندو وڃي ٻي پر کان نڪتو.
"ها. ها. ها!" هن ٻي پرتي بيهي ٺهڪ ڏنو "بيوقوف مانگر مڇو مون توهان کي چريو ٺاهيو. مون ته فقط درياهه پار ڪرڻ ٿي چاهيو."

ڪجهه ڏينهن بعد، سانگ ڪنچل ڏٺو ته مانگر مڇن جو اڳواڻ ڪکن پنن ۽ وڻن جي سڪل شاخن سان ندي جي ڪناري تي هڪ لڪل گهر ٺاهي رهيو آهي.

سانگ ڪنچل سمجهي ويو ته مانگر مڇ لڪڻ لاءِ جاءِ ٺاهي رهيو آهي ته جيئن ئي هي پاڻي پيئڻ لاءِ درياهه جي ڪناري تي اچي ته مٿس حملو ڪري.

سانگ ڪنچل ان ڪري اتان ڀڄي جهنگل ڏي هليوويو جتي هن جي چيتي سان ملاقات ٿي.

"چيتا" سانگ ڪنچل چيو: "جيڪڏهن توکي کائڻ لاءِ ٿلهو متارو مرون کپي ته منهنجي پٺيان پٺيان اچ."

"ٿلهو متارو مرون!" چيتو چپ چٽڻ لڳو. "اهڙي مزمانيءَ جي ڳولا ۾ ته آئون ڪيترن ئي ڏينهن کان آهيان. جهٽ پٽ مون کي اوڏانهن وٺي هل."

سانگ ڪنچل چيتي کي گهمائيندو گهمائيندو درياهه جي ڪپ تي ان هنڌ وٺي آيو جتي مانگر مڇ گهر ٺاهي سانگ ڪنچل جي انتظار ۾ لڪل هو.

"شش!" سانگ ڪنچل پڙڪيو اهو ٿلهو متارومرون ان کي گهر ۾ ستل اٿئي. ان کان اڳ جو هو ننڊ مان اٿي پئي تون جهٽ پٽ کائي وڃينس."

ٿورو وڌيڪ اڳيان ٿي چيتي زور سان ان مٿان ٽپ ڏنو. مانگر مڇ جو ٺهيل ڪمزور گهر چيتون چيتون ٿي ويو ۽ چيتي مانگر مڇ جي پٺيءَ تي اچي ڦهڪو ڪيو.

اهو ته چئي نٿو سگهجي ته هڪ ٻئي کي ڏسڻ سان ڪنهن کي گهڻو تعجب لڳو- چيتي کي يا مانگر مڇ کي، ڪجهه سيڪنڊن لاءِ ٻئي هڪ ٻئي کي گهوريندا رهيا ۽ پوءِ ٻئي ڄڻا هڪبئي کي ٻکين پئجي ويا. ڪڏهن مانگر مڇ هيٺان ته چيتو مٿان ۽ ڪڏهن چيتو هيٺان ته مانگر مڇ مٿان.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اهڙيءَ طرح هنن جي لڙائي آڌي رات تائين هلندي رهي تان جو ٻئي ڄڻا ڍيري ٿي ڪري پيا.

توهان پاڻ سوچي سگهو ٿا تہ ان ڳالهہ تي چينين کي ڪيتري ڪاوڙ لڳي هوندي تہ هو هڪ سانگ ڪنچل جهڙي ننڍي جانور جي هٿان بيوقوف بڻجي ويو. هن سانگ ڪنچل کي سيڪت ڏيڻ جو پڪو پهہ ڪيو.

ٻئي ڏينهن سانگ ڪنچل هڪ وڻ هيٺان نرم ۽ منو گاهہ ٻاڙيندي نظر آيو. چڻ ڪا ڳالهہ ئي نہ ٿي هجي. هو بيحد خوش هو تہ هن چيتي کي بيوقوف بڻايو ۽ اهو سوچي هو مرڪندو رهيو.

اوچتو هڪ وڏي گجگوڙ ٿي جنهن جي آواز تي سجو وايو منڊل ڏڏي ويو. هيڏي وڏي رڙ کان سانگ ڪنچل بہ ڏڪي ويو.

”ها! ها! اڄ تون مون کان ڀڄي ڪيڏانهن وڃي سگهندين؟“

پر سانگ ڪنچل هن کان گهڻو گهڻو چالاڪ هو. هن هڪدم وڏي ٽپ ڏيئي چيتي جي چنبي کان پاڻ بچائي ورتو. پنيان چيتو ڪاوڙمان وڻن جون ٽاريون ۽ ٻوڙها ڀڃندو رهيو.

ساهہ بچائڻ جي ڊوڙ ۾ سانگ ڪنچل هڪ اونهي کڏ ۾وڃي ڪريو جنهن مٿان سڪل پن ۽ ٽاريون هجڻ ڪري ڪيس ڊوڙڻ مهل نظر ئي نہ آئي. خوش قسمتي سان هن کي ڪا رهنڊ رانپوٽو نہ رسيو. هاڻ هو چيتي کان تہ پاڻ بچائي آيو پر هن کڏ مان پاڻ کي ڪيئن ٻاهر ڪڍي؟

هن ٻاهر نڪرڻ لاءِ کڏ جي اونهي پٽ تي چڙهڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي پر اها ايتري لسي ۽ ڊگهي هئي جو ٻاهر نڪري نہ سگهيو. آخر ٿڪجي ٽنجي پٽ تي ويهي مٿي نيري آسمان ڏي ڏسڻ لڳو. نهاريندي نهاريندي هن کي اوچتو هڪ جهنگلي ڪتو نظر آيو جيڪو پڻ غور ۽ عجب مان هن کي مٿان ڏسڻ لڳو.

”هيلو!“ جهنگلي ڪتي رڙ ڪري ڪنچل کي ڪيڪاريو. ”تون اهو هيٺ ڪرين ڇا پيو؟“

”ڇا آسمان ڪرڻ جي افسوس ناڪ خبر اجا تو نہ ٻڌي آهي.“ سانگ ڪنچل ڊيڄاريندي چيس، ”سڄي جهنگل ۾ هيءَ ئي هڪ حفاظت واري جڳهہ آهي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جهنگلي ڪتي ٻپ وڇان آسمان ڏي ڏٺو. پوءِ هن سانگ ڪنچل کي التجا ڪئي. ”مهرباني ڪري مون کي به پاڻ وٽ لڪاءِ جيئن آئون به ان آفت کان بچي سگهان.

”چڱو“ سانگ ڪنچل وراڻيو ”جيئن ته تون هڪڙو ڇڙو آهين سو تو اڪيلي لاءِ آئون ايتري جاءِ ناهي سگهان ٿو. هليو اچ يار.“

جهنگلي ڪتي مٿان ٽپ ڏنو ۽ هيٺ ڪڏ ۾ ماٺ ڪري آسمان ڪرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

ڪجهه دير ڪانپوءِ هن سانگ ڪنچل کي آهستي چيو. ”ڪيڏي دير ٿي وئي آهي پر آسمان تي اجا ڪرڻ جو نالو به نٿو وٺي.“

”ها واقعي. آسمان ڏاڍي دير ڪئي آهي.“ ڪنچل وراڻيو ”آئون پلا مٿي وڃي معلوم ڪري ٿو اچان ته ڪهڙي ڳالهه تي آهي. اچ. مونکي ڊيڊبلي ڏي ته مٿي چڙهان.“

جهنگلي ڪتي سانگ ڪنچل کي پنهنجن ڪلهن تي کنيو. جتان هو ٽپ ڏيئي کڏ کان ٻاهر نڪري آيو ۽ پوءِ پنهنجي راهه وٺي روانو ٿي ويو. پويان هن غريب جهنگلي ڪتي جو ذرو به نه سوچيائين.

جهنگلي ڪتو انتظار ۾ ڪندو رهيو. پوءِ سمجهي ويو ته سانگ ڪنچل هن سان هڪ ذليل چرچو ڪيو آهي ۽ پوءِ مدد لاءِ ڪا دير پؤنڪندو رهيو. خوش قسمتيءَ سان هن جو هڪ ياءُ اتان لنگهي رهيو هو جنهن پنهنجي جهنگلي ڪتي ياءُ جي پؤنڪار سڃاڻي کيس ان کڏ مان ٻاهر ڪڍي ورتو.

هڪ شام جو سانگ ڪنچل ٻيلي ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمي رهيو هو. اوچتو هن جي ڪنن تي وڻ جي ٽارين ٽٽڻ جو آواز پيو. هن هڪدم پنيان مڙي ڏٺو. ڪو گهٽو پري به نه، اهو ساڳيو چيتو صاحب سندس پنيان اچي رهيو هو.

سانگ ڪنچل وٺي زور سان ڊوڙ پاتي، پر چيتو به سندس پنيان لڳو آيو.

ڪجهه گهڙين ڪانپوءِ سانگ ڪنچل ٿڪجي ساٽو ٿي پيو. ”مون کي هن چيتي مان جان بچائڻ جو سوچڻ کپي.“ هن دل ئي دل ۾ چيو.

ايتري ۾ هن جي نظر سامهون واري وڻ تي هڪ ڏينبن جي ماناري تي پيئي. ماناري کي ڏسي سانگ ڪنچل کي چيتي کي بيوقوف ٺاهڻ جي اٽڪل دماغ ۾ آئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هن هڪدم ڊوڙڻ بند ڪري، ان وڻ هيٺان ويهي رهيو. ايتري ۾ چيتو صاحب بہ اتي اچي پهتو.

”هيلو سانگ ڪنچل!“ چيئي چيو ”تون هتي ويهي ڇو رهيو آهين؟“

”هتي منهنجي ڊيوٽي لڳل آهي. آئون راجا سليمان جي فوج جي سار سنڀال لهي رهيو آهيان.“ ڪنچل ڏينين جي مناري ڏي اشارو ڪندي وراڻيو. ”هن مناري کي ڏڪ هڻڻ جي ڪنهن کي بہ اجازت ناهي.“

”هل ڙي هل،“ چيتي رڙ ڪندي چيو. ”وڏو آيو آهي مونکي منع ڪرڻ وارو. آئون ته ان کي ڏڪ هڻان، ڏسان تہ تون مون کي ڇا ٿو ڪرين.“

”سائين چيتا! مهرباني ڪري متان انهن جو نالو ورتو اٿئي.“ سانگ ڪنچل مڪاريءَ سان کيس عرض ڪيو.“ جيڪڏهن تون ائين ڪندين تہ راجا سليمان مون کي مارائي ڇڏيندو.“

”راجا سليمان کي ڇڏي ڪير ٿو.“ چيتي چيو ”آئون اهو ڪندس جيڪو مون کي وڻندو.“

”ترس، ترس. مسٽر چيتا،“ سانگ ڪنچل عرض ڪيو ”مهرباني ڪري ٿورو پلا ترس جيئن آئون پري ٿي بيهان. ڇو تہ راجا سليمان جي ڪاوڙ کان مون کي ڊپ ٿولڳي.“

مسٽر چيتي انتظار ڪيو جيستائين سانگ ڪنچل ڪجھ پري ٿي ويو. پوءِ هن ڏينين جي مناري کي زور سان پنهنجو چنبو هنيو.

چنبو لڳڻ سان ڏيين جو منار پور پور ٿي ويو ۽ منجهائنس سوين ڏمريل ڏينيو نڪري آيا. سڀني گڏجي ڏنگن سان چيتي تي ايڏو حملو ڪيو جو هو رڙيون ڪري جهنگل ڏي ڀڄي ويو.

بعد ۾ چيتي صاحب محسوس ڪري ورتو تہ سانگ ڪنچل هن کي هڪ دفعو وري بيوقوف بڻايو آهي ۽ ٻئي دفعي سانگ ڪنچل سان ملاقات ٿيڻ تي کيس ان ڏوهہ جي چوکي سزا ڏيڻ جو سوچيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# مينهن ۽ ڍڳيءَ جي ڳالهه

ملائيشيا جي هڪ ڳوٺ باتو پهات ۾، هڪ گرم اونهاري جي ٽپهريءَ جو هڪ مينهن جي هڪ ڍڳيءَ سان ملاقات ٿي.

”هيلو ڍڳي“، مينهن چيو. ”اڄ جو ڏينهن ڪيترو نه گرم آهي. هل ته ڪٿي پاڻيءَ منجهه سنان ڪري اچون.“

”صلاح ته واهه جي آهي،“ ڍڳيءَ وراڻيو.

سو مينهن ۽ ڍڳي آهستي آهستي هلنديون پاڻيءَ جي هڪ تالاب وٽ پهتيون.

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته ان پراڻي زماني ۾ مڙيئي جانورن پنهنجي بدن جو کلون ائين لاهي سگهندا هئا جيئن اسان ڪپڙا لاهيون ٿا.

مينهن ۽ ڍڳيءَ پنهنجي پنهنجي کل لاٿي ۽ ان تالاب جي ڪپ تي رکي پاڻيءَ منجهه گهڙيون.

هو ڪا دير پاڻي ۾ وهجنديون ۽ راند ڪيڏنديون رهيون ۽ پاڻي جا ڇنڊا هڪ ٻئي کي هڻنديون رهيون پوءِ اوچتوئي اوچتو وڏ ڦڙو مينهن اچي وسيو.

مينهن ۽ ڍڳي کي اچي ڊپ لڳو ته سندن کلون مينهن ۾ نه پسي وڃن. سو هو تڪڙ ۾ تالاب مان نڪري پنهنجين کلن ڏي ڊوڙڻ لڳيون.

جلدي جلدي ۾ ڍڳي مينهن جي کل پاڻ تي چاڙهي ويئي ۽ مينهن ڍڳي جي کل.

توهان کي اها ته خبر آهي ته مينهن ڍڳي کان تمام وڏي ۽ ڳري ٿئي ٿي. سو مينهن جي کل جڏهن ڍڳي چاڙهي ته اها کل هن تي بلڪل ڍري ڍري لڙڪڻ لڳي ۽ هوڏانهن ڍڳيءَ جي کل مينهن تي سوڙهي هجڻ ڪري چڪجي بيٺي.

اهوئي سبب آهي جو اڄ ڏينهن تائين، مينهن جي جسم تي چڪيل کل آهي ۽ ڍڳيءَ جي جسم تي چڙهيل کل بلڪل ڍري ڍري آهي.

# ڪيڪڙو ۽ ڍڳي

هڪ ڀيري جو هڪ ڪيڪڙو ڪنهن باغائي جي ڀاڄين واري کيت ۾ ڦهتو ۽ پنهنجن تکن پيرن سان هڪ ننڍڙي گوبي ڪپي پنهنجي ٻرڙ ڏي کڻي هلڻ لڳو.

رستي تي باغائيءَ جي ڍڳيءَ هن کي ڏسي ورتو. هن ڪيڪڙي کي دڙڪا ڏيندي چيو: ”منهنجي مالڪ جي باغ مان گوبي چورائڻ جي توکي همت ڪيئن ٿي؟ جتان کنئي اتي اتي يڪدم هلي واپس ڪر.“

ڪيڪڙو اهڙو گيگ ماريو جڻ هن ڪجهه ٻڌو ئي نه هجي ۽ ڊوڙ پائي پنهنجي گهر واري ٻرڙ ۾ پهچي ويو. سست ڍڳي سندس پويان ڊوڙي نه سگهي.

ڪيڪڙي کي ڍڳيءَ جي دڙڪن تي ڏاڍي چڙ لڳي. ”گوبيون ۽ ٻيون ڀاڄيون ڪا ڍڳيءَ جي ذاتي ملڪيت ته ناهي.“ ڪيڪڙي سوچيو ”پوءِ مون کي دڙڪا ڏيڻ جو هن کي ڪهڙو حق رسي ٿو؟“

ڪيڪڙي ان جو ڍڳي کان بدلو وٺڻ جو پڪو پهه ڪيو. سو ٻئي ڏينهن هو باغائيءَ سان ملڻ ويو.

”باغائي،“ ڪيڪڙي چيو ”توکي ڪا خبر آهي ته تنهنجي لالچي ڍڳي تنهنجيون پوکيل گوبيون کائيندي وتي.“

”اهو ٻڌائڻ جي مهرباني،“ باغائي وراڻيو ”ترس ته هن کي هينئر ئي سزا ڏيان ٿو.“

ان کانپوءِ باغائيءَ هڪ ڏکو لڪڻ کڻي اچي ڍڳيءَ کي ماريو. ڍڳي سمجهي ويئي ته اهو سڄو ڪم ڪيڪڙي جو آهي. هن کي ڪيڪڙي تي سخت ڪاوڙ آئي. ڪيڪڙي کي سزا ڏيڻ لاءِ هوءَ روزانو نديءَ جي ڪناري تي ڪيڪڙي جي انتظار ۾ اچي ويهندي هئي.

هڪ ڏينهن ڍڳي ڏٺو ته درياهه جي اروئين پر ڪيڪڙو ننڊ ۾ ڪونگهرا هڻي رهيو آهي. هوءَ آهستي آهستي ٿي هن ڏي وڌي ۽ پنهنجي پير جو کر سندس مٿان اهڙوزور سان رکيوجو ڪيڪڙي کان رڙ نڪري ويئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”مري ويس“ ڪيڪڙي دانهن ڪئي ۽ پوءِ در4ياھہ ۾ ڪٽي ٽپ ڏنو. پر ڏيڃي پنهنجو ڪر ايڏو زور سان رکيو هو جو ڪيڪڙي جي پٺ تي هميشہ لاءِ ڪر جو نشان ٿي پيو. اڄ بہ ڪيڪڙي جي پٺ تي توهان کي اهو نشان نظر ايندو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# شينهن ۽ چٽڪمري هرڻي

ڪنهن زماني جي ڳالهه آهي تہ ڪنهن جهنگل ۾ هڪ هرڻي رهندي هئي جنهن جي ناسي پوري کل تي اڇي رنگ جا چٽ هئا.

هڪ ڏينهن اها هرڻي هڪ چشمي جي ڪناري وٽ منو ۽ رس وارو گاهہ چري رهي هئي تہ اوچتو متان اچي هڪ شينهن ڪڙڪيس. هن پهرين تہ هڪ وڏي گجگوڙ ڪئي ۽ پوءِ هرڻي کان پڇيو: ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

”منهنجو نالو چٽڪمري هرڻي آهي.“ هن وراڻيو.

چٽڪمري هرڻي!“ شينهن رڙ ڪري چيو ”مرڻ لاءِ تيار ٿي وڃ. آئون توکي کائي چٽ ڪري ڇڏيندس..“

چٽڪمري هرڻي سمجهي ويئي تہ ظالم شينهن کان هاڻ جان بچائي ڀڄي نڪرڻ محال آهي. جهٽ پٽ سندس دماغ ۾ هڪ چالاڪي آئي.

”ها. ها. ها.“ هن زور زور سان وٺي ٽهڪ ڏنو. ”تون کائيندين؟ مون کي؟ اها ڪا خبر اٿئي تہ منهنجي جسم جي ناسي پوري ڪوٽ تي اڇا چٽ ڇو آهن؟“

”مون کي خبر ناهي ۽ نہ ان خبر معلوم ڪرڻ جي ڪا پرواهہ اٿم بيوقوف چٽڪمري هرڻي.“ شينهن وراڻيو.

”تہ پوءِ بهتر ٿيندو تہ ان بابت پهرين چڱي طرح منهنجي ڳالهہ ٻڌ.“ چٽڪمري هرڻيءَ چيو: ”جڏهن بہ آئون ڪو شينهن ماريندي آهيان تہ پنهنجي جسم تي هڪ اڇو چٽ ٺاهي ڇڏيندي آهيان. ڏس، هن وقت مون تي نوانوي چٽ آهن.يعني نوانوي شينهن ماري چڪي آهيان. واهہ! هاڻ جڏهن توکي ماريندس تہ هڪ ٻيو چٽ بہ ٺاهينديس. اهڙي طرح مون تي پورا هڪ سؤ چٽ ٿي ويندا.“

شينهن کي ڊپ کان اچي ڏڪڻيءَ ورايو ۽ پڇ ورائي وٺي جهنگ ڏي ڀڳو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ٽلهي پڇ وارو لومڙ

ڪنهن زماني ۾ هڪ سهڻي ماڙي ۾ جتي تمام گھڻو منو ۽ رس وارو گاهه هو. هڪ هرڻي رهندي هئي.

ان ساڳي ماڙيءَ ۾ هڪ ڪڪڙ ۽ سهو پڻ رهندو هو. ٻئي ڄڻا هڪ ٿلهي وڻ جي ٽڙ ۾ ٺهيل اونهي ٻرڙ ۾ رهندا هئا.

هرڻي، سهو ۽ ڪڪڙ ٽئي ڄڻا هڪ ٻئي سان هر وقت ملندا رهندا هئا ۽ سڄي ماڙي ۾ هي تمام سٺا دوست ليکيا ويندا هئا. هو نه فقط هڪ ٻئي جي مدد ڪندا هئا پر ٽئي ڄڻا گڏجي ماڙي ۾ رهندڙ ٻين جانورن ۽ پکين جي پڻ مدد ڪندا هئا. اهڙي طرح ٽئي ڄڻا تمام گهڻو خوش پاش گذاريندا هئا.

پوءِ هڪ ڏينهن هڪ لومڙ ڪنهن ٻئي هنڌان اچي ان ماڙي ۾ پنهنجو گهر ٺاهيو. ان بعد هرڻي، سهي ۽ لومڙ ٽنهي جي آزادي ۽ سڪون ناس ٿي ويو.

لومڙ بيحد لچو ۽ لالچي هو. هو روزانو ڪڪڙ ۽ سهي جي ٻرڙ جي ٻاهران اچي ويهندو هو. جيئن هنن مان ڪو نڪري ته کين جهلي کائي وڃي. خوش قسمتي سان هنن جو ٽيون ساٿي، يعني هرڻي هميشه سندن اوسي پاسي ۾ هوندي هئي ۽ کين خبردار ڪري ونندي هئي ته متان نڪتا آهيون. لومڙ توهان کي کائڻ جي انتظار ۾ ويٺو آهي.

انهيءَ ڪري لومڙ هرڻي تي پڻ سخت ڪاوڙيل هو. پر هو هرڻي کي ڪجهه ڪري نٿي سگهيو جو هرڻي ڊوڙ ۾ کانئس تمام گهڻي تکي هئي.

هڪ ڏينهن لومڙ شڪار خاطر ڪيڏانهن پري جهنگل ڏي روانو ٿي ويو. سندس غير حاضريءَ جو فائدو وٺي ڪڪڙ، هرڻي ۽ سهي ٽنهي گڏجي ويهي ڪنهن اهڙي رٿ جو سوچيو جنهن ذريعي لومڙ کان بچي سگهجي.

”اسان کي ڪنهن به طرح هن ظالم لومڙ کي هتان هن ماڙيءَ مان ڀڄائڻ کپي. ”هرڻيءَ چيو“ هن اسان سڀني جو جيئڻ جنجال ڪري رکيو آهي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”هائو“ سهي چيو. ”پر اسان اهو ڪيئن ڪري سگهون ٿا.“

”توهان ڪڏهن ان تي غور ڪيو آهي تہ هو پنهنجي ٿلهي ٻُر وارو پڇ ڪيئن تيزيءَ مان ڏيکاريندو رهي ٿو.“ ڪڪڙ چيو. جيڪڏهن اسان هنجو اهو پڇ ڪٽي ڇڏيون تہ پوءِ هو شرم کان منهن بہ ڏيکاري نہ سگهندو ۽ هتان ڀڄي ويندو.“

”اهو چوڻ سولو آهي پر ڪرڻ ڏکيو.“ سهي چيو. ”پاڻ ۾ ڪير ايترو همت وارو آهي جيڪو هن جو اهو پڇ ڪٽي ڏيکاري.“

ڪجهہ منٽن لاءِ ٽئي ڄڻا اونهي سوچ ۾ پئجي ويا. پوءِ هرڻيءَ چيو: ”هڪ اٽڪل منهنجي ڌيان ۾ آئي آهي.“

پوءِ هن اها رٿ ڪڪڙ ۽ سهي سان ڪئي جن ٻڌي ان کي بيحد سارا هيو.

”ٻئي ڏينهن صبح جو ساجهر، لومڙ جي اٿڻ کان اڳ هي ٽئي ڄڻا هرڻي، ڪڪڙ ۽ سهو هڪ باغ ڏي روانا ٿي ويا جيڪو سندن گهر کان ڪو گهڻو پري نہ هو.

اتي هنن کي ڪاٺ جي تختن مان ٺهيل هڪ ننڍڙو ڪڪڙين جو گهر نظر آيو. سٽاءُ موجب ڪڪڙ ان ۾ اندر گهڙي ويئي ۽ سهو هڪ تکي ڪهاڙي کڻي پرواري وڻ جي پنيان لڪي بيٺو. پوءِ انهن کي اتي ڇڏي هرڻيءَ واپس لومڙ ڏي رُخ رکيو.

ماڙيءَ ۾ پهچي هرڻي ڏٺو تہ هميشہ وانگر لومڙ ڪڪڙ ۽ سهي جي گهر ٻاهران سندن نڪرڻ جو انتظار ڪري رهيو هو.

”لومڙ ادا“ هرڻي کيس نئڙت سان چيو. ”چو منهنجي ساهيڙي ڪڪڙ کي ڪائڻ پنيان اچي پيو آهين؟ هو تہ پوڙهي ۽ ڪمزور ڪڪڙ آهي جنهن مان توکي رڳو هڏيون ئي هڏيون نصيب ٿينديون. جيڪڏهن تون مون سان واعدو ڪرين تہ هن جو آئيندي نالو نہ وٺندين مان توکي هڪ ٿلهي متاري ڪڪڙ جو ڏس ڏيان.“

”چڱو آئون واعدو ٿو ڪريان،“ لومڙ پنهنجي زبان چپن تي گهمائيندي چيو. ”پر مونکي جهٽ پٽ ان ٿلهي متاري ڪڪڙ جو ڏس ٻڌاءِ. جيڪڏهن ڪا چالبازي ڪنديءَ تہ تنهنجي جسم جي بہ هڪ هڪ هڏي ڀڃي رکندس.“

هرڻي لومڙ کي پاڻ سان وٺي ان باغ ڏي هلڻ لڳي جتي هوءَ ڪڪڙ ۽ سهي کي بيهاري آئي هئي. جڏهن هو ڪڪڙين جي گهر وٽ پهتا تہ هرڻيءَ اشارو ڪري لومڙ کي چيو:

لالچي لومڙ ڪڪڙين جي گهر جي سوڙهي منهن ۾ پنهنجو ٻوٿ وڌو ۽ ٻوءِ سوڙهو سنگهورو ٿي پاڻ کي اندر ڌڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو جيئن ڪڪڙ تائين پهچي هن کي جهلي سگهي.

ان ئي مهل سهو پنهنجي لڪڻ واري جاءِ کان ٻاهر نڪري آيو ۽ ڪهاڙي جي هڪ ئي ڌڪ سان لومڙ جو ٿلهو پُڇ ڪپي ڇڏيو.

سور کان لومڙ جون وايون بتال ٿي ويون ۽ گهوڙا پٽ ڪري ٻاهر نڪري آيو. ڏسي ڪٽي تہ سندس پڇ پٽ تي پيو آهي. اهو ڏسي ڏپ ۽ شرم کان ڪٽي ٻيلي ڏي رُخ رکيو.

ان ڏينهن کانپوءِ لومڙ وري ڪڏهن نظر نہ آيو ۽ ان ماڻري ۾ سڀ جانور هڪ دفعو وري سڪون ۽ سانت جي زندگي بسر ڪرڻ لڳا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڪانگ ۽ جهرڪيءَ جو مقابلو

هڪ ڏينهن. ڪانگ جهرڪيءَ کان پڇيو:"مون سان ڊوڙ پُڄائيندين؟"

"چڱو." جهرڪيءَ جواب ڏنو.

"سڀاڻي سج اڀرڻ مهل هن نديءَ جي ڪناري تي پاڻ ڊوڙ پڄائيندا سين." ڪانگ چيو "ياد ڪري پوري وقت تي پهچي وڃجانءِ."

ٻئي ڏينهن پوري وقت تي ڪانگ ۽ جهرڪي درياهه جي ڪپ تي پهچي ويا. جهنگ جا ٻيا به ڪيترائي پکي هي مقابلو ڏسڻ لاءِ اتي اچي گڏ ٿيا.

ڪانگ درياهه جي اورئين ڪپ تي به اچي رنگ جا گول ننڍڙا پتر رکيا ۽ پوءِ ڪاٽڪني کي چيو: "تون اڏامي هن پار هلي بيهه. پوءِ ڪانگ جهرڪيءَ کي چيو: هنن ٻن پترن مان پاڻ هڪ هڪ پتر کڻي درياهه جي هن ڪپ ڏي اڏامنداسين ۽ پوءِ جيڪو پهرين پنهنجو پتر ڪاٽڪني جي حوالي ڪندو ان جڻ مقابلو کٽيو."

مقابلو شروع ٿيو. ڪانگ ۽ جهرڪي هڪ هڪ پتر پنهنجي چهنب ۾ کڻي درياهه مٿان اڏامڻ شروع ڪيو.

ڪانگ جهرڪيءَ کان تمام گهڻو تکو اڏامي سگهي ٿو. ان ڪري جو هو وڏو ۽ سگهارو پکي آهي. ڪانگ جڏهن درياهه جي سير وٽ پهتو هن ڪنڌ ورائي پنيان اينڊڙ جهرڪيءَ کي ڏٺو. جهرڪي ويچاري اڃا تمام گهڻو پنيان هئي.

ڪانگ سوچيو: "جهرڪيءَ کي تکو ٿيڻ لاءِ چوان." پر ڳالهائڻ لاءِ جيئن ئي هن پنهنجي چهنب کولي ته سندس بتر چهنب مان نڪري درياهه ۾ وڃي ڦهڪو ڪيو.

اهو ڏسي هو وري ڪناري ڏي واپس موٽيو ۽ ٻيو پتر ڳولي اڏامڻ شروع ڪيو. پر هو اڃا اڌ تي مس هو ته جهرڪي اچي ڪاٺ ڪني وٽان نڪتي.

جهرڪيءَ پنهنجو پتر يڪدم ڪاٺ ڪني حوالي ڪيو. جنهن جهرڪي جي جيت جو اعلان ڪيو. سيني پکين پنهنجن پرن سان تاڙيون وڄائي خوشي جو اظهار ڪيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هوڏانهن هو ٽيڙيءَ خور ڪانگ شرمندو ٿي پڇي ويو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڏيڏر ۽ ڪوئو

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته هڪ ڪوئي درياهه جي ٻي پر وڃڻ چاهيو ٿي جتي ان پڇي راس ٿيو هو.

جيئن ته هن کي ترڻ نٿي آيو ان ڪري هو پنهنجي دوست ڏيڏر وٽ مدد لاءِ آيو.

”ڏيڏر يارا!“ ڪوئي چيو. ”مهرباني ڪري تون مون کي درياهه جي هن پار وٺي هل؟“

”ضرور“ ڏيڏر جواب ڏنو. ”تپ ڏيئي منهنجي پنيءَ تي اچي ويهه ته توکي هن پار ڪٽي هلان.“

”پر ڏيڏر ڀائوا!“ ڪوئي چيو. ”جيڪڏهن رستي تي آئون ڪري پيس ته آئون ته ٻڏي ويندس.“

”ان صورت ۾، اچو ته هڪ رسي ڳوليون.“ ڏيڏر چيو. ”ان جو هڪ پاسو آئون پنهنجي پيٽ کي ٿو ٻڌان ۽ ٻيو پاسو تون پنهنجو پاڻ کي ٻڌجانءِ. جيڪڏهن تون ڪري به پئين ته توکي ٻي پر تائين ڇڪي ونندس.“

ڪوئو هن رٿ مان بيحد خوش ٿيو ۽ ڏيڏر رسي ڳولڻ لاءِ روانو ٿي ويو.

ڪجهه دير کانپوءِ ڏيڏر رسي ڪٽي آيو. هن هڪ ڪنڊ ڪوئي جي چوڏاري ٻڌي ۽ ٻي ڪنڊ پنهنجو پاڻ جي.

”ڪوئا! ڊپ ڊاءُ بنهه نه ڪجانءِ،“ ڏيڏر چيو. تپ ڏيئي منهنجي پنيءَ تي اچي ويهه ۽ آئون توکي هن پار وٺي هلندس.

ڪوئي ائين ئي ڪيو جيئن هن کي چيو ويو. پوءِ ڏيڏر آهستي آهستي ڪري ٻي پر ڏي ترڻ شروع ڪيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# پوڙهي ڪچونءَ جي سياڻپ

ڪنهن زماني جي ڳالهه آهي ته هڪ ئي هنڌ هڪ لومڙ ۽ هڪ پوڙهو ڪچون رهندو هو. هنن ٻنهي ڄڻن جي پاڻ ۾ سخت دشمني هئي.

لومڙ هر وقت پوڙهي ڪچونءَ کي مارڻ پنيان هوندو هو. پر هو ان ۾ ڪامياب هرگز نه ٿيندو هو خطري مهل ڪچون پنهنجي ٿلهي کوپي هيٺان لڪي ويندو هو.

ڪجهه عرصي کانپوءِ لومڙ سمجهي ويو ته ڪچونءَ کي اڪيلي سر مارڻ هن جي وس جي ڳالهه ناهي. سو هن پنهنجي دوستن عقاب ۽ ڪاٺ ڪٽي کان، ان ڪم لاءِ مدد گهري. جن هائوڪار ڪئي.

پوءِ ٽئي ڄڻا ڪچونءَ کي ڳولڻ لاءِ روانا ٿيا. هنن ڏٺو ته هو ان وقت هڪ وڻ جي هيٺان خوشي وچان جهونگاري رهيو هو.

لومڙ هڪ خوفناڪ ٽهڪ ڏيندي پوڙهي ڪچونءَ کي چيو: "سو تون سمجهين ٿو ته پاڻ کي کوپي ۾ لڪائي اسان کان بچي ويندين؟ پر اڄ توکي پورو ڪرڻ لاءِ مون پنهنجو دوست ڪاٺ ڪٽو آندو آهي. هو تنهنجي کوپي منجهه آرپار سوراخ ڪري تنهنجو خاتمو آڻي ڇڏيندو."

پوڙهو ڪچون ڏاڍو ڊنو. هن کي ڄاڻ هئي ته ڪاٺ ڪٽي جي چهنب اهڙي تکي ٿئي ٿي جو سندس پٿرائين کوپي ۾ به آرپار ٽنگ ڪري وجهندي.

پر هن منهن لاهڻ بدران دل وڏي ڪري، وڏي دليري سان وراڻيو:"ها. ها. ها. اچ اچ بيوقوف ڪاٺ ڪٽا اچ. اچي پنهنجو شوق پورو ڪر. توکي شايد اها خبر ناهي ته منهنجو کوپو رُڪ کان به وڌيڪ سخت آهي. ٺونگا هڻڻ سان پنهنجي ئي چهنب ڇپي ڪري رکندين."

ڪاٺڪٽي جڏهن اهو ٻڌو ته ڊپ کان ڏڪي ويو."

"جيڪڏهن منهنجي چهنب ڇپي ٿي پيئي،" ڪاٺڪٽي سوچيو "ته ڪاڻو ڪيئن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪائي سگهندس. پوءِ تہ آئون بک ۾ ئي پاهہ ٿي مري ويندس.“

هن لومڙ جي ڪن ۾ ڪجهہ سرٻاٽ ڪيو. ”ڪڇونءَ جي ڪوپي ۾ ٽنگ ڪرڻ مون کان نہ پڄندو. اڃو تہ ڪا ٻي رٿ سوچيون.“

لومڙ عقاب ۾ ڪانڪني پاڻ ۾ منهن ملائي نئين اٽڪل سوچي.

”پوڙها ڪڇون!“ لومڙ چيو ”پنهنجي مون لاءِ هڪ دفعو وري تيار ٿي وڃ. اسان ڪانيون ڪري پاهہ جو هڪ وڏو مڇ ٽا ٻاريون. پوءِ ان مڇ ۾ توکي اڇلائينداسين.“

پوءِ هي ڪڇونءَ جڏهن اهو ٻڌو تہ ڊپ کان هن جو ذري گهٽ ساهہ سڪي ويو. جيئري پاهہ ۾ پچڻ کان وڌيڪ دنيا ۾ ٻيلا ٻي ڪهڙي خطرناڪ شيءِ ٿي سگهي ٿي. پر ان هوندي بہ هو دل وڏي ڪري زور زور سان کلڻ لڳو. ”ها. ها. ها. ڇا توهان سمجهو ٿا تہ پاهہ کان آئون ڊڄان ٿو؟ توهان کي شايد خبر ناهي تہ پنهنجي ڪوپي کي سخت ڪرڻ لاءِ آئون هر هفتي پاهہ جو سنان وٺندو آهيان.“

لومڙ عقاب ۾ ڪانڪني سمجهيو تہ ڪڇون سچ پيو چوي. هڪ دفعو وري هنن منهن منهن ۾ وجهي هڪ تمام بهتر رٿ جو سوچيو.

”پوڙها ڪڇون!“ لومڙ خطرناڪ مرڪ منهن تي آڻي چيو ”جيئن تہ پاهہ تہ توکي ماري نٿي سگهي ان ڪري هاڻ توکي عقاب کڻي درياهہ ۾ وجهي ڦٽو ڪندو جيئن ان ۾ تون ٻڏي مري وڃين.“

”او منهنجا سائين لومڙ.“ سياڻي پوڙهي ڪڇونءَ منٿ ڪندي چيو. ”مهرباني ڪري اهو ڪم نہ ڪجان. درياهہ ۾ اڇلائيندي تہ آئون پٿر وانگر وڃي تري کان نڪرندس ۽ ٻڏي مرندس. مهرباني ڪري منهنجي جان بخش. آئون سڄي عمر تنهنجو ٿورائتو رهندس.“

”ها. ها. ها. هاڻ ڪر خبر. پنهنجي ڪوپيءَ تي وڏو مان هئي تہ هو توکي هر خطري کان بچائي ٿو. هاڻ ڇا ڪندين؟“ لومڙ کلڻ لڳو. ”عقاب! هن پوڙهي بيوقوف ڪڇونءَ کي هڪدم کڻ ۽ سامهون درياهہ ۾ وجهي ڦٽو ڪرينس.“

عقاب پنهنجن چنبن ۾ ڪڇون کي کڻي مٿي اڏاڻو. پنيان پنيان ڪانڪنو بہ اڏاڻو. لومڙ زمين تي ئي ڊوڙ پائي ۽ اچي درياهہ جي ڪپ تي بيٺو.

عقاب ڪڇون کي درياهہ مٿان آڻي هيٺ پاڻيءَ ۾ اڇلايو. پاڻي ۾ ڪرڻ سان درياهہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مان چنڊا نڪتا ۽ ڪڇون سڌو پاڻيءَ منجهه اندر هليووڃيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي غائب ٿي ويو.

ڪانڪني ۽ لومڙ درياهه جي ڪپ تي بيهي ڀڏا ڀڏا ٿهڪ ڏنا ته پوڙهو ڪڇون هميشه لاءِ مري ويو. عقاب جيڪو اجا آسمان ۾ ڦيريون پائي رهيو هو تنهن پنهنجا پر هڪ ٻئي کي هڻي خوشيءَ جو اظهار ڪيو.

۽ پوءِ هي سڀ موٽڻ وارا هئا ته لومڙ جي اوچتو ڪڇونءَ تي نظر وجي پيئي. ڇا ڏسي ته پوڙهو ڪڇون خوشيءَ مان هنن ڏي ترندو اچي.

”ها. ها. ها.“ پوڙهي ڪڇون ٽهڪ ڏنو. ”بيوقوفو! ڇا توهان کي اها به خبر ناهي ته آئون تارو آهيان ۽ منهنجو گهر درياهه منجهه آهي. مهرباني ڪري پنهنجي دوست عقاب کي چئجو ته مون کي گهر پهچائڻ لاءِ وڏي مهرباني.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڪيڪڙو ۽ شهزادو

هڪ پوڙهي هاري ۽ سندس زال کي نديءَ جي پر تي پوک لاءِ هڪ ٻنيءَ پور هو.

هڪ ڏينهن پوڙهي هاريءَ ڏٺو ته سندس ٻنيءَ ۾ڪو اچي ڪانا پچي پڪل سنگ کايو وڃي. سو هن کي ڦاسائڻ لاءِ هن ڪوڙڪو رکيو جنهن ۾ هڪ ٿلهو متارو ڪيڪڙو ڦاسي پيو.

هو ڪيڪڙي کي ڪٽي گهر آيو ۽ پنهنجي زال کي رات جي مانيءَ تي رڌي ڪائڻ لاءِ ڏنو.

ڪيڪڙو جان جي سلامتي لاءِ منٿون ڪرڻ لڳو.

”پوڙها هاري“ ڪيڪڙي عرض ڪيو ”هن دفعي جان بخش مون کي هتي ئي رهڻ ڏي. آئيندي چوريءَ تنهنجو اُن ڪائڻ بدران تنهنجي پاڻ مدد ڪندس.“

”هڪ ڪيڪڙو تي ڪري منهنجي ڪهڙي مدد ڪري سگهين ٿو“ هاريءَ چيو ”تون ته منهنجو قيمتي اناج رڳو کائي سگهين ٿو.“

”مهرباني ڪري هن کي هن دفعي معاف ڪر.“ هاري جي زال ڪيڪڙي جو پاسو ڪٽندي چيو ”هن کي پلي هتي رهڻ ڏي. مون اڪيليءَ لاءِ پڻ هن جو ساٿ تي پوندو.

پوڙهي هاري نيٺ ڪيڪڙي کي ان چورائي ڪائڻ جي سزا ڏيڻ بدران معاف ڪري پنهنجي غريباڻي جهوپڙي ۾ رهڻ ڏنو.

۽ پوءِ ڪجهه ڏينهن بعد پر واري علائقي ۾ سارين جو فصل پچي راس ٿيو. جنهن جي لاباري لاءِ ان علائقي جي بادشاهه هر گهر مان هڪ ماڻهوءَ جي گهر ڪئي.

”پنهنجي گهر ۾ ته فقط پاڻئي ٻه پوڙها رهون ٿا.“ هاري پنهنجيءَ زال کي چيو. ”پاڻ ڪنهن کي موڪليون.“

”مهرباني ڪري مونکي وڃڻ ڏيو. ڪيڪڙي چيو ”لاباري جي ڪم ۾ بادشاهه جي آئون وڏي مدد ڪري سگهان ٿو.

”تون ڪيئن ان لٽي سگهندين؟“ پوڙهي هاريءَ ڪيڪڙي کان پڇيو. ”تون ته ان کي ڪائي چٽ ڪري سگهين ٿو.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”جيئن تہ پاڻ وٽ گهر ۾ ٻيو تہ ڪو ٻاتي ناهي.“ هاريءَ جي زال چيو پاڻ هن کي ئي ڪٽي موڪليون.

پوڙهي هاريءَ کي جيتوڻيڪ ڳالهہ وڻي تہ ڪانہ پر نيٺ ان تي ئي راضي ٿيو.

ٻئي ڏينهن ڪيڪڙو بادشاهہ سلامت جي ڌيءَ تي پهتو ۽ جنهن وقت هن ڏٺو تہ اوسي پاسي ۾ ڪو هن ڏي ڏسي نہ رهيو آهي. ڪوپي مان ٻاهرنڪري آيو ۽ ڪيڪڙي مان هڪ خوبصورت شهزادو ٿي ويو.

هن سيني ڪان گهڻو فصل لٽيو ۽ جڏهن ڪم ختم ٿيو تہ پنهنجو پاڻ کي هڪ دفعو وري ڪيڪڙي جي شڪل ۾ آڻي ڪوپي اندر هليو ويو.

روزانو منجهند جو بادشاهہ سلامت جي ڌيءَ ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن لاءِ ماني کڻي ايندي هئي. ٻين کي ڏيڻ بعد ڪجهہ ڪيڪڙي لاءِ بہ بچائي پنهنجن هٿن سان هن کي کارائيندي هئي. ائين ڪرڻ سان آهستي آهستي ڪيڪڙي سان پيار ٿجهي ويو.

آخرڪار هڪ ڏينهن فصل جو لاٻارو پورو ٿيو ۽ آخري ڏينهن تي هڪ وڏي جشن ۾ دستور موجب بادشاهہ سلامت پنهنجي ڌيءَ کي مڙس چونڊڻ لاءِ چيو.

ڪيترا سوين سهڻا نوجوان ۽ شهزادا, مشهور گهوڙي سوار ۽ ڳائڻا بادشاهہ جي باغ ۾ انتظار ۽ آسري ۾ اچي ويٺا تہ من شهزادي هنن مان ڪنهن کي مڙس چونڊي. پر شهزاديءَ انهن مان ڪنهن هڪ کي بہ چونڊڻ بدران ڪيڪڙي جو مان مٿانهون ڪيو.

بادشاهہ سلامت جي ڌيءَ ان ڏينهن هڪ آسماني ۽ سنهري رنگ جي وڳي ۾ سيني نوجوانن اڳيان ڦيرو ڪيو پر ڪنهن بہ همراهہ ڏي نظر کڻي نہ ڏٺو. پوءِ سامهون ويٺل ڪيڪڙي وٽ پهچي هن کي ٽي دفعا گلن جو هار پائي پنهنجيءَ پيءُ وٽ وٺي آيس.

بادشاهہ سلامت پنهنجي ڌيءَ کي هڪ ڪيڪڙي سان گڏ ايندو ڏسي ڏاڍو ڪاوڙيو. پر ڪجهہ بہ ڪيي نٿي سگهيو جو ان ملڪ جي ريت رسم موجب اهو قانون هو تہ بادشاهہ جي ڌيءَ ان سان ئي شادي ڪندي جنهن کي هوءَ ٽي دفعا گلن جو هار پائيندي. ان ڪري بادشاهہ کي مجبور ٿي پنهنجي ڌيءَ کي ڪيڪڙي سان شادي ڪرڻ جي اجازت ڏني.

ڪيڪڙي ۽ شهزاديءَ جي شادي وڏي ڌام ڌوم سان ٿي ان بعد ٻئي ڄڻا بادشاهہ سلامت جي ئي محلات ۾ رهڻ لڳا. هاڻ ڇا ٿيو جو بادشاهہ جي اصطبل ۾ ويهہ گهوڙا هوندا هئا بادشاهہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جا نوڪر چاڪر روزانو هنن گهوڙن کي چڱي طرح ڪارائي پياري پوءِ وهنجاري صاف سٿرو ڪري ڇڏي ويندا هئا. پر شادي بعد روز صبح جو اهي گهوڙا ٿڪل ۽ مٽيءَ ۾ پيپوت نظر اچڻ لڳا.

بادشاهه کي ڏاڍو تعجب لڳو. هن کي شڪ هو ته ان ۾ ڪيڪڙي جو ڪو هٿ آهي.

هڪ ڏينهن هن پنهنجي ڌيءَ کي پاڻ وٽ سڏائي سمجهايو ته ڪنهن رات جو هوءَ مڪر ڪري سمهي ۽ پوءِ پنهنجي ڪيڪڙي مڙس جي ٽيٽ وٺي ته اهو رات جي وقت گهوڙن جي اصطبل ڏي ته نٿو وڃي.

انهي ئي رات بادشاهه سلامت جي ڌيءَ سوير ئي ننڊ جو بهانو ڪري سمهي پيئي. ٿوري دير بعد هن ڏٺو ته سندس ڪيڪڙو مڙس پنهنجي ڪوپي مان آهستي ٿي ٻاهر نڪتو. پوءِ پنهنجو روپ بدلائي هڪ خوبصورت نوجوان ڇوڪرو ٿي پيو.

ان بعد هڪ ڪمري کان ٻاهر نڪري گهوڙن جي اصطبل ڏي روانو ٿيو. سندس زال سندس پٺ وٺي ڪيس ڏسندي رهي. پوءِ نوجوان ٽوپ ڏيئي هڪ گهوڙي تي چڙهيو ۽ روانو ٿي ويو.

هن يڪدم پيءُ کي اٿاري حقيقت کان آگاهه ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي ڪمري ۾ وٺي آيو.

بادشاهه ڪيڪڙي جو ڇڏيل ڪوپو ڪٽي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو. ان دوران ڪيڪڙو مڙس هڪ هڪ ڪري سيني گهوڙن تي سواري ڪندو رهيو تان جو اڇو صبح وڃي ٿيو.

صبح ٿيڻ سان جڏهن هو پنهنجي ڪمري ۾ موٽيو ته هن کي سندس زال ۽ بادشاهه سلامت ٻڳل ڪوپي وٽ نظر آيا.

هن کي اهو ڏسي بيحد گهڻي خوشي ۽ پوءِ ٻنهي سان ٻاڪر پائي مليو. پوءِ کين سربستو احوال ڪري ٻڌايو ته هو دراصل ڪنهن ڏورانهين ديس جو شهزادو آهي. سندس سلطنت جي ڪنهن دشمن مٿس جادو ڪري کيس ڪيڪڙو بنائي ڇڏيو هو. پر هاڻ ڪوپو ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ تي ان جادوءَ جو اثر پڻ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو آهي. هاڻ هو هميشه لاءِ شهزادو ٿي رهندو.

اهڙي طرح ان ڪانپوءِ بادشاهه سلامت جي ڌيءَ ۽ ڪيڪڙي وارو شهزادو هميشه لاءِ خوش ٻاش گذارڻ لڳا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# هاري ۽ نانگ

شهر کان موٽي گهر ڏي وڃڻ لاءِ هڪ هاري ۽ گڏهه کي ٻيلي مان گهٽو پيو. ان ڏينهن تمام گهڻي ٿڌ هئي. اتر کان جڻ پارو ٿي وٺو.

غريب گڏهه کي ايترو ته سيءُ لڳو جو هلڻ کان بي حال ٿي پيو. هن پنهنجي مالڪ کي چيو: ”ههڙي ٿڌي ڏينهن تي شهر وڃڻ جو ڪهڙو ضرور هو. ههڙي سخت سيءَ ۾پنهنجا پوڙها هڏا به اندر تائين ڄمي ويا آهن.“

”نيڪ جانور“ مالڪ چيو. ”مون کي اڄ ئي شهرمان چانور ۽ ڏارو وٺڻو هو. جو گهر ۾ کائڻ لاءِ هاڻ ڪڻو به نه بچيو آهي. جي شهر نه هلون ها ته بک وگهي مري وڃون ها.“

پوءِ هاري پيار سان گڏهه جي ٿڌي منهن تي هٿڙا لاهي چيو: ”دل وڏي ڪر. بهادر ٿي. پاڻ جاڻ ته گهر پهتاسين.“ ان وقت گڏهه پنهنجا وڏا ڪن ايا ڪري ڪجهه ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پوءِ هاريءَ چيو: ”وڻ جي پاڙ ۾ ڪا شيءِ آهي جيڪا مدد لاءِ ٻاڏائي رهي آهي.“

هاري وڻ جي ويجهو پهتو. نهايت خبرداريءَ سان برف هٽائين ته سيءَ ۾ ساٽو ٿيل هڪ ننڍڙو نانگ ڏٺائين. هو ڪجهه زخمي ٿيل پڻ هو.

”خبردار ٿجانءِ منهنجامالڪ،“ گڏهه هاريءَ کي چتاءُ ڏيندي چيو. ”اهو ڪمينو نانگ اٿئي ان کي اتي برف ۾ئي مرڻ ڏي.“

پر نرم دل هاريءَ پنهنجي گڏهه جي هڪ به نه ٻڌي ۽ نانگ کي کڻي پنهنجي کيسي ۾ وڌو.

ٿوري دير ۾ هاريءَ جي جسم جي گرمائش نانگ جو سيءَ لاهي ڇڏيو ۽ هو ڪوٽ اندر هيڏانهن هوڏانهن چرپر ڪرڻ لڳو.

هاريءَ ڪوٽ جا ٻيڙا کولي نانگ کان پڇيو: ”ننڍڙا نانگ! ڪر خبر هاڻ ڪيئن آهين؟ منهنجي خيال ۾هاڻ توکي پنهنجي ڪوسي ٻر ۾ وڃڻ کپي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هاري جي ان چوڻ جي دير هئي تہ نانگ ڪنوڻ وانگر جهٽ پٽ هاريءَ جي ڇاتيءَ ۾ ڪٽي چڪ هنيو. ان بعد ٽپ ڏيئي شوڪاري پري پهچي ويو.

غريب هاري نانگ جي ڏنگ لڳڻ سان زمين تي ڪري پيو. گڏهہ سمجهي ويو تہ سندس مالڪ جي بچڻ جي هاڻ ڪا اميد ناهي. سو مدد لاءِ وٺي رڙيون ڪيون.

خوش قسمتي سان ان وقت ڊاڪٽر اتان اچي لانگهائو ٿيو جنهن جي مدد سان هاريءَ جي جان بچي ويئي.

سال بعد، هڪ دفعي هاريءَ جو وري ساڳي هنڌان لنگهہ ٿيو. رستي تي ساڳيو نانگ نظر آيس. نانگ پڻ هاري کي سڃاڻي ورتو ۽ چيو: ”گذريل سال جيڪي ڪجهہ ٿيو ان جو مون کي سخت ڏک آهي. مهرباني ڪري اهاڳالهہ وساري ڇڏ. ڏس مون پنهنجي سڄي ڪل بہ متائي ڇڏي آهي. اچ تہ هڪ دفعو وري دوست ٿيون.“

جواب ۾ هڪ لفظ بہ ڪچڻ بنا هاريءَ ڪلهي تان ڪهاڙي لاهي ڳن سان ان نانگ جو مٿو چلهي ڇڏيو ۽ پوءِ ڳترا ڳترا ڪري چيو:

”ڇا تون سمجهين ٿو تہ مون کي هر دفعي بيوقوف بنائي سگهندين. تو ڪل ڪٽي بدلائي آهي پر ذهنيت تہ ساڳي اٿئي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# جادوئي ڌاڳا

ڪنهن زماني جي ڳالهه آهي تہ هڪ ٻيلي جي پير ۾ ڪنهن ننڍڙي جهوپڙيءَ ۾ هڪ غريب چيني رن زال رهندي هئي. جيتوڻيڪ هن جي زندگي تمام ڏکي گذري ٿي پر ان هوندي بہ هوءَ ايترو خوش قسمت ضرور هئي جو هن کي بيحد سلڇڻي ۽ پورهيت ڌيءَ هئي جنهن جو نالو سمي هو.

سميءَ جو سڄو ڏينهن گهر جي پورهئي ۾ گذرندو هو رڌ پچاءَ ۽ صفائيءَ کان علاوه هن تي پٽ ڪيئنان پالڻ جو ڪم پڻ رکيل هو جن جي ڌاڳن مان سندس ماءُ ريشم جا رومال ٺاهيندي هئي.

سڄو ڏينهن آڏاڻي اڳيان ويهي هن جي ماءُ ريشم جا سهڻا سهڻا رومال اُڻندي هئي. جڏهن ٽي چار رومال نهي راس ٿيندا هئا تہ سمي انهن کي بازار ۾ وڪڻي ايندي هئي.

هڪ ڏينهن سمي جهڙو مارڪيٽ کان موٽي تہ آسمان تي اوچتو ڪارو ڌنڌ ڇائنجي ويو. ڪنوڻ ۽ گوڙ کان جڻ ڌرتي ڌرڻ لڳي.

سمي لڪڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڪو اجهو ڳولڻ لڳي. جيئن ئي مينهن جو وڏو ڦڙو شروع ٿيو تہ هوءَ سامهون واري هڪ جهوپڙيءَ اڳيان وڃي بيٺي. جهوپڙي جو دروازو کليل هو سو هن زور زور سان سڏ ڪيا:

”آئون اندر اچي سگهان ٿي. مينهن کان منهنجا ڪپڙا پُسي رهيا آهن.“

اندران ڪنهن بہ جواب نہ ڏنو.

”گهر جو مالڪ شايد ڪيڏانهن ٻاهر هليوويو آهي.“ هن سوچيو. ”آءُ نٿي سمجهان تہ مينهن بند ٿيڻ تائين منهنجي هتي ترسڻ تي هو ڪاوڙبو“.

گهر ۾ قدم رکي سميءَ ڏٺو تہ سڄو گهر مٽيءَ ۾ پيپوت ٿيو پيو هو. هر هڪ شيءِ تڙي پکڙي پيئي هئي. ميز تي اڻ ڌوتل ٿانون جو ڍير رکيل هو ۽ ڪنڊ ۾ ميرا ڪپڙا سٽيا پيا هئا. هن کي ڏاڍو تعجب لڳو هن جي ماءُ جي ننڍڙي جهوپڙي ان جي مقابلي ۾ تمام صاف سٿري

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

رهي ٿي.

”مونکي پڪ آهي تہ مالڪ جڏهن پنهنجي گهر کي صاف سٿرو ڏسندو تہ بيحد خوش ٿيندو.“ هن سوچيو.

هن هڪ هڪ ڪري پهرين ٿانوَ ڌوتا ۽ پوءِ انهن کي ڪاٺ جي مدن تي سجائي رکيو. ان بعد ميرا ڪپڙا ڌوتا، ميز ۽ اسٽول صاف ڪيو ۽ پوءِ سڄو فرش ڪرڙي اهڙو تہ چمڪائي ڇڏيو جو ڪٿي بہ داغ ڌٻو نظر نٿي آيو.

اتي مينهن اچي بند ٿيو ۽ سمي هاڻ گهر کان نڪرڻ واري هئي تہ هڪ تمام ننڍڙو ماڻهو اچي نڪتو. هن جو قد جيتوڻيڪ فقط ٽي فوٽ هو پر عمر ۾ بيحد پوڙهو لڳي رهيو هو. هن جي ڏاڙهي ايڏي ڊگهي هئي جو پيرن ۾ پئي وچڙيس.

پوڙهي ماڻهوءَ سميءَ ڏي قربائتي نموني سان ڏسي چيو:

”ٻچا! ڇا تنهنجو مون ۾ ڪو ڪم آهي؟“

”چاچا“ سميءَ وراڻيو ”آئون مينهن ۾ پسڻ کان بچڻ لاءِ هتي هلي آيس. اميد تہ توهان کي دل ۾ نہ ٿيو هوندو.“

”نہ، هرگز نہ.“ بندري ماڻهوءَ وراڻيو ”منهنجي غريباڻي گهر ۾ تون ڪڏهن بہ اچي سگهين ٿي.“ پوءِ هن گهر جي چوڌاري نظر ڊوڙائي جتي هاڻ هر شيءِ صاف سٿري ۽ سجايل نظر اچي رهي هئي.

”هيءَ صفائي ڇا تو ڪئي آهي؟“ هن سميءَ کان پڇيو.

”جي ها.“ سميءَ وراڻيو.

”تون بيحد محنتي ۽ مهربان ڇوڪري آهين.“ بندري ماڻهوءَ چيو ”تنهنجي وڏي مهرباني.“ سميءَ وراڻيو.

گهر کي صاف سٿرو ڏسي بندرو ماڻهو واقعي ڏاڍو خوش ٿيو. هن گهر جي چوڌاري ڦيرو ڪري هڪ هڪ شيءِ چڱيءَ طرح ڏٺي. ٿانوَ سڀ صاف ٿيل هئا. ڪپڙا سڀ ڌوتل هئا. ميز ۽ اسٽول تي مٽي بنهہ نہ هئي. تڪڙ ۾ جهڙو هو ميز ڏي وڌيو تہ سندس پير ڏاڙهيءَ مٿان اچي ويو ۽ ان ۾ وچڙي ڪري پيو.

”چاچا“ سميءَ پوڙهي ماڻهو کي ڪرڻ کان بچائيندي چيو ”توهان جي ڏاڙهي تمام

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

وڏي ٿي ويئي آهي، ڇا ان کي ڪتري ڪجهه نڌيو ڪريان.“

”ها. اها تہ تنهنجي تمام وڏي مهرباني ٿيندي.“ پوڙهي بندري ماڻهوءَ چيو ۽ پوءِ ڪئنچي ڪڍي سميءَ کي ڏني. سميءَ ڪئنچيءَ سان ٿورا ٿورا ڪري وار ڪتريا ۽ ڏاڙهي کي صحيح صورت ۾ آندو.

”تون منهنجي ڏاڙهيءَ جا ڪتريل وار سوکڙيءَ طور رکي سگهين ٿي.“ پوڙهي ماڻهوءَ چيو. ”توکي اجورو ڏيڻ لاءِ مون وٽ ٻي تہ ڪا خاص شيءِ آهي بہ ڪانہ.“

ڏاڙهيءَ کي سمي ڇا ٿي ڪري سگهي. پر هوءَ ايترو تہ نرم دل هئي جو انڪار ڪرڻ بدران انهن وارن کي رومال ۾ ٻڌي گهر ڏي رواني ٿي.

هوءَ جڏهن گهر پهتي تہ ماءُ کي هميشہ وانگر آڏاڻي وٽ ريشم جا رومال ٺاهيندو ڏٺائين. هن بندري ماڻهوءَ بابت پنهنجيءِ ماءُ کي ٻڌايو ۽ پوءِ جيئن رومال جون ڳنڍيون کولي ماءُ کي ڏاڙهي ٿي ڏيکاري تہ ڏاڙهي جي وارن بدران منجهانئس سهڻا ۽ چمڪندڙ ريشم جا ڌاڳا نڪري آيا. ٻئي ماءُ ڌيءَ ڏاڍو خوش ٿيون.

”ريشم جي هنن ڌاڳن مان کهڙا تہ سهڻا ۽ عمدا رومال ٺهندا.“ ماءُ چيو.

”امان مهرباني ڪري هنن ڌاڳن مان هينئر جو هينئر رومال ٺاهہ.“ سميءَ چيو.

هن جي ماءُ انهن جادوئي ڌاڳن مان رومالن لاءِ ڪپڙو اُڻڻ شروع ڪيو. پر ڌاڳا کٽڻ بدران اوتري جا اوترائي رهيا. ايتري قدر جو ڪپڙي جو سڄو تاڪيو اُڻي ويئي تہ ڌاڳا اوترائي رهيا. پوءِ ڏينهن جا ڏينهن گذرڻ تي بہ اهي نہ کٽا تہ بہ اهو ڏسي ماءُ ۽ ڌيءَ ڏاڍو خوش ٿيون ۽ پوڙهي طرفان ڏنل هن سوکڙيءَ کي بيحد گهڻو ساراهيو ۽ سچيءَ دل سان ٿورو مڃيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ٿي جادوءَ جون سوغاتون

ڪنهن زماني ۾ ’تي- هو‘ نالي هڪ غريب چيني ڇوڪر رهندو هو. هڪ ڏينهن هو گهر کان ٻاهر راند ڪيڏي رهيو هو ته هن کي هڪ ڪينئون نظر آيو جيڪو بلڪل مرڻينگ حالت ۾ هو.

هو ان ڪينئين کي پنهنجي گهر کڻي آيو ۽ جيتريقدر ٿي سگهيس سندس ٽهل ٽڪور ڪرڻ لڳو. جڏهن به کيس ڪجهه کائڻ لاءِ ملندو هو ته ان مان ڪينئين کي به کارائيندو هو. ٿورن ڏينهن ۾ ڪينئون چاق چڱو ڀلو ٿي ويو ۽ هاڻ قد ۾ ڀڻ وڌڻ لڳو. جيڏانهن به هو نڪرندو هو ته هي به سندس پٺ وٺي هلندو هو ۽ ٻئي ڄڻا سٺا دوست ٿي ويا.

ڪڏهن ڪڏهن ته هن جي ماءُ ڪاوڙجي کيس دڙڪا پڻ ڏيندي هئي: ”نادان ڇوڪر! ڪوڏنڏو ڏاڙهي ڪري ڪمائڻ بدران هر وقت ڪيئين سان راند ڪندو رهين ٿو. ان مان ڇا ورندءِ. جي ائين وقت وڃائيندو رهندين ته هڪ ڏينهن پڪ بک وگهي مري ويندا سون.“

تي هو جواب ڏيندو هو. ”امان تون فڪر ڇو ٿي ڪري. هڪ ڏينهن جڏهن منهنجو هي ڪينئون وڏي وڏو ٿيندو ته پاڻهي پنهنجي مدد ڪندو. تون رڳو ڪجهه وقت ترس پوءِ ڏس ته ڇا ٿو ٿئي.“

هڪ ڏينهن تي هو کي ڪينئين چيو: ”منهنجا مالڪ منهنجي جان بچائڻ ۽ هيترو وقت کارائڻ پيارڻ لاءِ مان تنهنجو بيحد ٿورائتو آهيان. هاڻ مون لاءِ وقت اچي ويو آهي ته وڏي درياهه ۾ وڃي رهان. سو مهرباني ڪري مون کي اوڏانهن وٺي هل.“

سو تي هو جڏهن درياهه جي ڪپ وٽ پهتو ته ڪينئين ڇپيءَ مان نڪري هڪدم درياهه ۾ ڪٽي ٽپي هنئي. درياهه ۾ گهڙڻ سان هو. ڪنئين مان ڦري هڪ وڏي اجگر بلا ٿي ويو جنهن جا وڏا پَر ۽ سونهري ڇلر چلڪڻ لڳا.

اجگر بلا رڙ ڪري چيو: ”منهنجا مالڪ! منهنجي خدمت ڪرڻ جي بدلي ۾ آئون توکي هڪ گڏهه ڏيندس. جنهن وقت به توکي سون جي ضرورت پوي ته هن کي فقط ايترو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

چئجان: ”گڏهہ گڏهہ مون کي سون ڏي“ ۽ گڏهہ جي وات مان سون جون چڪيون نڪري اينديون. پر ياد رکجانءِ گهر پهچڻ کان اڳ هن کان متان سون جي گهر ڪئي اٿئي.“ اجگر بلا اجا ڳالهايو ئي پئي تہ درياهہ مان هڪ گڏهہ نڪري آيو. پوءِ اجگر بلا موڪلائي درياهہ منجهہ غائب ٿي ويئي.

تي هو ان بعد گهر جو رُخ ڪيو. پنيان پنيان سندس گڏهہ بہ هلندو آيو. رستي تي رات گذارڻ لاءِ هو هڪ مسافر خاني ۾ آيو ۽ مسافر خاني جي مالڪ کي چيو:

”آئون هتي رات ٽڪڻ چاهيان ٿو پر مهرباني ڪري منهنجي گڏهہ جو پڻ چڱيءَ طرح خيال رکجانءِ هن کان سون جي گهر هرگز نہ ڪجانءِ.“

مسافر خاني جي مالڪ کي ڏاڍو تعجب لڳو تہ نينگر اهو سڀ ڪجهہ ڪيس چو ٻڌايو. پر ڪجهہ چوڻ بدران هو ماٺ ۾ رهيو. پوءِ جڏهن نينگر گهاٽي ننڊ ۾ سمهي رهيو هو تہ مسافر خاني جو مالڪ آهستي آهستي ڪري گڏهہ وٽ پهتو. گڏهہ جي ڳچي تي پيار مان هٿ گهمائي چيو: ”گڏهہ گڏهہ مون کي سون ڏي.“

هن جي ائين چوڻ سان گڏهہ پنهنجو وات کولي سون جون ننڍيون چڪيون ٻاهر ڪڍيون.“

”ڪهڙو تہ عجيب گڏهہ آهي.“ مسافر خاني جي مالڪ چيو ”ههڙي گڏهہ کي تہ مون کي پاڻ وٽ رکڻ کپي.“

”ٻئي ڏينهن مسافر خاني جي مالڪ تي هو جو گڏهہ پاڻ وٽ رکي هن کي پنهنجو ڏيئي ڇڏيو.

تي هو گهر پهچي پنهنجي ماءُ کي چيو: ”خبر اٿئي منهنجو ڪينئون هڪ اجگر بلا ٿي پيو ۽ ڏس هي گڏهہ هن تحفي طور ڏنو آهي. هن گڏهہ جي اها خاصيت آهي تہ هن کي چئبو تہ ”گڏهہ گڏهہ سون ڏي“ تہ وات مان سون ڪڍي ڏيندو.

”چڱو اچو تہ ڏسون تہ اهو واقعي جادوئي گڏهہ آهي يا نہ.“ اهو چئي ماٹس گڏهہ کي چيو: ”گڏهہ گڏهہ سون ڏي.“ پر ڪجهہ بہ نہ ٿيو. وري تي هو رڙ ڪري چيو ”گڏهہ گڏهہ سون ڏي“ پر وري بہ ڪجهہ بہ نہ ٿيو.

تي هو کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. ”اجگر بلا پاڻ سان شايد ڪو دوکو ڪيو آهي.“ هن چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”هن سان مون کي ان بابت ضرورملڻ کپي.“

ٻئي ڏينهن تي هو جڏهن نديءَ جي ڪناري تي پهتو ته اجگر پلا اڳهين هن جو انتظار ڪري رهي هئي.

”تو مون کي چڱو بيوقوف ٺاهيو.“ تي هو چيو ”گڏهه ته ٺڪر به سون جو نه ڏنو.“

”مون توسان ڪوبه چرچو يا دوکو نه ڪيو آهي، منهنجا مالڪ “اجگر بلا چيو. ”بهرحال هن دفعي آئون توکي هي ميزپوش ڏيان ٿي جنهن وقت به توکي بک لڳي ته هن ميز پوش کي وڇائي فقط چئجانءِ ته ڪپڙا ڪپڙا مون کي ماني ڏي ته ڪيترن ئي قسمن جا کاڌا اچي حاضر ٿيندا. هن دفعي بيحد خبردار ٿجانءِ رستي تي ان بابت ڪنهن سان به ڳالهه نه ڪجانءِ.“

درياهه مان هڪدم اچي رنگ جو ميز پوش اپري تي هو ڏي تري آيو. ان بعد اجگر بلا موڪلائي درياهه ۾ وري غائب ٿي ويئي. تي هو ميز پوش کنيو ۽ گهر ڏي روانو ٿيو. رستي تي رات ٿيڻ تي هو وري ساڳي مسافر خاني ۾ ٽڪيو.

سمهڻ کان اڳ تي هو مسافر خاني جي مالڪ کي چيو:

”منهنجي ميزپوش کان ڪاڏي جي گهر هرگز نه ڪجانءِ.“

هن جي اها ڳالهه ٻڌي چالاڪ مالڪ سمجهي ويو گڏهه وانگر هي ميز پوش پڻ جادوءَ جو آهي.

۽ پوءِ جڏهن تي هو سمهي رهيو نه. مسافر خاني جي مالڪ آهستي آهستي ڪري ميز پوش کنيو ۽ پنهنجي ٽيبل تي وڇائي چيو: ”ڪپڙا. ڪپڙا. مون کي ماني ڏي.“

انهيءَ چوڻ جي دير هئي جو هڪدم ڪيترن ئي قسمن جا طعام ان ميز تي وڇائجي ويا. جيڪي هو پيٽ پري کائيندو رهيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو تي هو جادوئي ميز پوش بدران مسافر جي مالڪ جو ميز پوش ڪڇ ۾ وجهي گهر ڏي روانو ٿيو.

جڏهن هو گهر پهتو ته هن کي ڏاڍي بک لڳي. هن هڪدم ميز پوش کي ٽيبل تي وڇائي چيو: ڪپڙا ڪپڙا. مون کي ماني ڏي“ پر ڪجهه به نه ٿيو.

هن جي ماءُ جيڪا هي سڀ ڪجهه ڏسي رهي هئي تنهن پنهنجي پٽ کي ٽوڪيندي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چيو: ”اجگر بلا هڪ دفعو وري توکي بيوقوف بنايو.“

تي هو ڪي اجگر تي تمام گهڻي چڙ آئي. هن ٻيهر هو ڊوڙندو ڊوڙندو درياهہ جي ڪپ تي پهتو تہ ڏٺائين تہ اجگر بلا وري سندس انتظار ڪري رهي هئي. ”تو مون کي چڱو بيوقوف بڻايو.“ تي هو ڪاوڙمان رڙ ڪري چيو.

”منهنجا پيارا مالڪ مون توکي بيوقوف هرگز نہ بنايو آهي.“ اجگر بلا جواب ڏنو. ”تنهنجي سستي ڪري ائين ٿيو. پر خير ڪا ڳالهہ ناهي. هن ڀيري آئون توکي هڪ لڪڻ ڏيان ٿي. هي لڪڻ تنهنجو پاڻهي خيال رکندو. جڏهن تون ڪنهن کي مارڻ چاهين تہ هن لڪڻ کي فقط ايترو چئجانءِ تہ ’لڪڻ، لڪڻ ماڻهو کي مار.‘ ۽ پوءِ مارڻ بند ڪرائڻ لاءِ ’لڪڻ، لڪڻ. هاڻ بس ڪر.‘ چئجانءِ.“

ان بعد درياهہ مٿان هڪ لڪڻ ترندو هن ڏي آيو. اجگر بلا هڪ دفعو وري موڪلائي درياهہ ۾ غائب ٿي ويئي.

تي هو لڪڻ کڻي گهر ڏي روانو ٿيو. رستي تي جڏهن رات ٿي تہ هو وري ساڳي مسافر خاني ۾ ترسي پيو. مسافر خاني جي مالڪ کي هن ٻڌايو: ”ڏس منهنجي لڪڻ کي مارڻ لاءِ هرگز نہ چئجانءِ.“

مسافر خاني جو مالڪ سمجهي ويو تہ گڏهہ ۽ ميز پوش وانگر هي لڪڻ بہ پڪ جادوءَ جو ئي هوندو.

مسافر خاني جو مالڪ هاڻ وڏو امير ٿي ويو هو جو گڏهہ کيس هر وقت سون ڏيندو رهيو. ان کان علاوه هي سخت ٿلهو متارو پڻ ٿي پيو هو جو ميز پوش ذريعي هر وقت کاڌا گهرائي کائيندو رهيو ٿي. پر هي ايڏو لالچي هو جو اهو لڪڻ بہ غريب چوڪر کان کسڻ چاهيو ٿي.

ان رات جيئن ئي تي هو ستو تہ مسافر خاني جي مالڪ هن جو لڪڻ کڻي ان جي جاءِ تي هڪ پنهنجو لڪڻ رکي ڇڏيو ۽ پوءِ پڪ ڪرڻ لاءِ تہ اهو لڪڻ واقعي جادو جو ئي آهي يا نہ، لڪڻ کي چيو: ”لڪڻ، لڪڻ. ماڻهو کي مار.“

بس هن جو ائين چوڻ لڪڻ کيس مارڻ شروع ڪري ڏنو. هو رڙيون ڪري گهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳو پر جيڏانهن وڃي لڪڻ سندس پويان ۽ ڌڪن جو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

وسڪاروڪندو رهيو.

رڙين جي آواز تي هن جي اک کلي پيئي ۽ ڏٺائين تہ مسافر خاني جو مالڪ موچڙا کائي رهيو آهي تہ کيس ڏاڍي کل آئي.

”بچاءِ بچاءِ مون کي بچاءِ“ مسافري جي مالڪ هاڻ زور زور سان دانهون شروع ڪيون. ”مهرباني ڪري پنهنجي لڪڻ کي چئہ مون کي مارڻ بند ڪري. آئون توکي گڏھہ، ميز پوش بہ واپس ڪري ڇڏيندس.“

پوءِ ان تي هو رڙ ڪري لڪڻ کي چيو: ”لڪڻ، لڪڻ. ماڻ بند ڪر. ان بعد لڪڻ مارڻ بند ڪيو ۽ اچي پنهنجي اصلي مالڪ ’تي هو‘ وٽ ڪريو.

ڊپ ۾ ڏڪندڙ مسافر خاني جي مالڪ هڪدم گڏھہ ۽ ميز پوش تي هو جي حوالي ڪيو ۽ پوءِ رات گذاري اچو صبح ٽي هو پنهنجي گهر ڏي روانو ٿيو. هن پيري پنهنجي اصلي جادوئي گڏھہ، جادوئي ميز پوش ۽ جادوئي لڪڻ سميت.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکک وٽ محفوظ

# ڪڪڙ جي صلاح

گهڻو اڳ جي ڳالهه آهي ته ملائيشيا ۾ هڪ سلطان رهندو هو. هو بيحد مهربان ۽ شريف انسان هو. سندس رعيت کيس تمام گهڻو پيار ڪيو ٿي. هر هڪ هن جي وڏي ڄمار ۽ خوشي لاءِ دعا گهري ٿي. ڪجهه سال راڄ ڪرڻ بعد هن هڪ تمام سهڻي شهزادي سان شادي ڪئي، جيڪا تنان پتري سڏبي هئي. هو پنهنجي زال کي تمام گهڻو چاهيندو هو. ايتريقدر جو جيڪي ڪجهه هوءَ چوندي هئي سو ضرور پورو ڪندو هو.

سلطان جي ان ڳالهه کان سندس وزير ۽ عملدار ڪجهه فڪر مند رهيا ٿي. پر ڪنهن به سلطان جي مخالفت ڪري کيس رنج نٿي ڪيو. ان ڪري هو فقط الله کان دعا گهري سگهيا ٿي ته شل تنان پتريءَ جو ناز نخرو رعيت جي ڪم ۾ رخنو نه وجهي.

هڪ ڏينهن شام جو سلطان پنهنجي باغ ۾ سير لاءِ نڪتو. هن پاڻ سان تلوار پڻ کنئي هئي. ٽيپهريءَ جي نماز اتي باغ ۾ ئي پڙهي پوءِ ڇپر تي پسار ڪري رهيو هو ته هن کي هڪ وڏي پٿر هيٺان هڪ ڪارو ۽ هڪ اڇو نانگ گڏ گڏ نظر آيا. بنا ڪنهن هٻڪ جي هڪدم تلوار ٻاهر ڪڍي انهن نانگن تي حملو ڪيو. پهرين ئي ڌڪ ۾ ڪارو نانگ ته مري ويو. ٻئي ڌڪ ۾ اڇي نانگ جو رڳو پڇ وڍيو.

اڇو نانگ، پڇ ڪٽجڻ بعد تکو تکو پنهنجي سري غار ڏي غائب ٿي ويو. اتي پهچي هن نانگ مڙس کي ٻڌايو جيڪو نانگن جو پڻ راجا هو: "منهنجا پيارا مڙس، سلطان جي باغ ۾ آئون ڪاڏي جي ڳولا ۾ چري رهي هيس ته سلطان پنهنجي تلوار سان منهنجو پڇ وڍي رکيو ۽ هاڻ آئون پڇ ڪٽيل ٿي پيئي آهيان.

پنهنجي زال نانگڻ جو اهو احوال ٻڌي نانگن جي راجا کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. "منهنجي پياري زال، تون فڪر نه ڪر." هن چيو "وڍيل پڇ سڄو ڪرڻ ته منهنجي وس ۾ ناهي، باقي اهو واعدو ڪريان ٿو ته ان ڏوهه جي سزا ان سلطان کي ضرور ڏيندس. ۽ هن پهاڪي موجب آئون ساڻس پير پريندس.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پلائيءَ جو بدلو پلائي سان ڏيڻ کپي.
خون جو بدلو خون سان
۽ زندگي جو بدلو زندگي سان.

”ان ڪري تون اجايو ڏک نہ ڪر. تنهنجي پيءُ جو بدلو آءٌ اڄ رات ئي وٺي ان بي عزتيءَ جو ٽڪو پنهنجي پيشانيءَ تان لاهيندس. هاڻ تون سمهي ننڊ ڪر. آئون سلطان جو ساهہ ڪڍي اچان ٿو.“

اهو چوڻ بعد نانگن جو راجا پنهنجي زال کي اتي ئي ڇڏي، پاڻ آهستي آهستي ٿي سلطان جي محل وٽ آيو ۽ پوءِ خاموشي سان رڙهي ڪمري اندر داخل ٿيو. جنهن بستري تي سلطان سمهندو هو ان جي هيٺان هو لڪي ويٺو ۽ سلطان جو ننڊ ۾ ساهہ ڪڍڻ جي ارادي سان هو اتي انتظار ڪرڻ لڳو.

سلطان ڪاري نانگ کي اڌ ٽ مارڻ ۽ اڇي نانگ جو پڇ وڍڻ بعد پنهنجي تلوار تان رت صاف ڪري واپس مياڻ ۾ وجهي محلات ۾ آيو ۽ نماز پڙهيائين. ان بعد بستري تي ليٽي پيو.

ٿوري ئي دير بعد سندس ٽئان پٽري بيڊروم ۾ داخل ٿي. جڏهن ٽئان پٽري، بستري تي سٽي تہ سلطان چيس ”اڄ شام جو ٽيپهريءَ جي نماز کان پوءِ، آئون باغ جي سير لاءِ نڪتس. پسار ڪندي مون ڏٺو تہ هڪ اڇو نانگ ڪنهن ڏارئي ڪاري نانگ سان پيار محبت جي دنيا ۾ مدهوش هو. مون پنهنجي تلوار ڪڍي هنن تي حملو ڪيو. ڪارونانگ تہ پهرين ئي ڌڪ ۾ ڍير ٿي پيو. باقي اڇي نانگ جي ڪا قسمت سٺي هئي جو هن جو رڳو ٿورو پڇ ڪٽيو. اهڙيءَ طرح اڇو نانگ موت کان بچي ويو. ڪاري نانگ جو لاش ۽ اڇي رنگ جي نانگ جو پڇ، اجا اتي باغ ۾ ئي پيو آهي.

نانگ جو راجا، جيڪو سلطان کي مارڻ لاءِ آيو هو، سلطان جي واتان هي ڳالهہ ٻڌي وائڙو ٿي ويو. هن پنهنجو ارادو هڪدم بدلائي ڇڏيو ۽ پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو: ”هاڻ مون کي خبر پئي تہ جنهن سلطان کي آئون مارڻ لاءِ نڪتو آهيان تنهن پاڻ مون تي وڏي مهرباني ڪئي آهي. هن منهنجي رقيب ۽ دشمن ڪاري نانگ کي موت جي سزا ڏيئي ڇڏي ۽ هاڻ، مون کي پنهنجي بدچلن زال يعني اڇي نانگ جي بہ خبر پيئي، جنهن تي مون کي. پروسو هو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پر هاڻ مون کي خبر پيئي ته هوءَ بي شرم ڏارين سان لڪيو لڪيو ملندي وتي ٿي. چڱو جو تڪڙ ڪري مون سلطان کي نه ماريو جنهن لاءِ آءٌ گهران سوچي نڪتو هوس ته منهنجي زال کي بدشڪل بنائڻ ۾ هن جو هٿ آهي. آئون واعدو ڪري نڪتو هوس ته ٻلائي جو بدلو ٻلائي ۾ ڏيندس. ان ڪري هاڻ هن اعليٰ صفت سلطان کي پکين ۽ جانورن جي ٻولين جو راز ٻڌائيندس. جيتوڻيڪ مون کي خبر آهي ته اهو راز ٻڌائڻ بعد آئون مري ويندس پر ههڙي گڻائتي انسان جو ٿورو مڃڻ لاءِ اهو ڪجهه به نه آهي."

اهو پڪو پهه ڪري نانگن جو راجا سلطان جي بيڊروم مان ٻاهر نڪتو ۽ آهستي آهستي ٿي سلطان جي باغ ۾ پهتو. چا ڏسي ته واقعي سندس دشمن ڪاري نانگ جو لاش ۽ سندس زال جو پڇ اتي پيا آهن. اهو ڏسي هن کي پڪ ٿي ويئي ۽ سڌو پنهنجي غار ۾ پهتو. غار جي در وٽ سندس زال اهو معلوم ڪرڻ لاءِ انتظار ۾ ويٺي هئي ته سندس مڙس ـ نانگ سلطان سان ڪهڙي ويڌن ڪئي.

نانگن جي راجا پنهنجي زال کي ڏسي چيو" تون ڪيڏي ته بي وفا نانگڻ آهين. تون غير نانگ سان پيار رچائي منهنجي گهٽتائي ڪئي آهي ۽ پنهنجو ڏوهه لڪائڻ ڪارڻ هڪ نيڪ سلطان تي الزام مڙهيو. اهو ته ڀاڳ ڀلا سلطان جا چئبا جو مون تڪڙ ڪري ڪيس چڪ نه هنيو ۽ هو بچي ويو. هاڻ توکي تنهنجي ڏوهه جي سزا ڏيڻ لاءِ توکي اڪٽ ماري ڇڏيندس. ۽ هاڻ نانگن جي راجا جو ڏنگ چکڻ لاءِ تيار ٿي وڃ." اهو چئي نانگن جي راجا پنهنجي زال کي اهڙو ته ڏنگ هنيو جو ڦهڪو ڪري ڪري پيئي.

اتي آڌيءَ رات به گذري ويئي. ڪڪڙن ٻانگون ڏيڻ شروع ڪيون. نانگن جي راجا ڪڪڙن جو دس ٻڌي هلڻ جي تياري ڪئي ۽ فجر کان گهڙو اڳ اچي سلطان جي محلات وٽ پهتو. هن کي خبر هئي ته سلطان روز صبح جو وهنجڻ لاءِ نديءَ تي ويندو آهي. سو محلات جي ڏاڪڻ وٽ سندس انتظار ڪرڻ لڳو. جيئن ئي پرهه ڦٽيءَ جو وقت اٿيو. اٿڻ سان وهنجڻ لاءِ هو سڌو محلات جي در ڏي وڌيو. صبح جو ڏنڊ ۾ محلات جي ڏاڪن وٽ واسينگ نانگ کي ڦڻ ڪڍي ويٺل ڏسي سلطان ڏڪي ويو ۽ آخر ڏاڪي وٽ پهچي بيهي رهيو.

نانگ جي راجا جڏهن ڏٺو ته سلطان هڪ هنڌ بيهي رهيو آهي ته پوءِ هن ڦڻ هيٺ ڪئي ۽ نهايت نيزاريءَ مان چيو:

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”سائين منهنجا! آئون ان ڪري تو وٽ سوير آيو آهيان جيئن توهان سان اڪيلائيءَ ۾ ملي سگهان ۽ ٻيو ڪير بہ نہ هجي. آئون دل جي گهراين مان توهان جا ٿورا مڃڻ لاءِ آيو آهيان جو توهان منهنجي دشمن ڪاري نانگ کي ماريو. ائين ڪرڻ سان مون کي ڪنڊ ڪڍي هلڻ جو موقعو ڏنو آهي. آئون نانگن جو راجا ۽ اڇي نانگ جو مڙس آهيان- جنهن جو توهان پڇ ڪپيو. پهرين مون سمجهيو توهان شايد منهنجي زال جو پڇ ڪپي مون کي تنگ ڪرڻ چاهيو ٿا. تنهن ڪري مون توهان کي مارڻ جو ارادو ڪيو. مون قسم کنيو تہ:

”پلائيءَ جو بدلو پلائي سان ڏيڻ کپي.

خون جو بدلو خون سان

۽ زندگي جو بدلو زندگي سان“

سلطان واسينگ نانگ جي اها ڳالهہ ٻڌي تعجب ۾ پئجي ويو. نانگ وڌيڪ ٻڌايو: ”حقيقت ۾ آئون رات توهان جي بيڊروم ۾ گهڙي آيو هوس ۽ توهان جي بستري هيٺان توهان جي سمهڻ جو انتظار ڪندو رهيس. انتظار دوران توهان جو تئان پتريءَ کي ڏينهن وارو ٻڌايل واقعو ٻڌي ورتم ۽ مونکي احساس ٿيو تہ دراصل توهان منهنجي دشمن ۽ بي وفا زال کي سزا ڏيئي مون تي ٿورو ڪيو آهي. آئون سمجهي ويس تہ ڪنهن جو ڏوهہ آهي. ان ڪري اتان پوءِ سڌو گهر ويس ۽ پنهنجي بي وفا زال کي ماري ڇڏيم.“

”۽ هينئر آئون توهان جو ٿورو مڃڻ لاءِ هتي آيو آهيان ۽ ساڳي وقت توهان کي پکين ۽ جانورن جي زبان سمجهڻ جو علم ڏيڻ چاهيان ٿو. مون کي خبر آهي تہ اهو علم ڏيڻ بعد آئون پاڻ هڪ ڏينهن اندر مري ويندس. پر آئون پلائي سان ڏيڻ چاهيان ٿو پوءِ پلي ان بعد مون کي موت ملي. آئون توهان کي اهو عرض ڪندس تہ ان علم بابت ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائجو. ويندي توهان پنهنجي پياري زال تئان پتريءَ کي بہ نہ ٻڌائجو. ڇو جو ان بابت توهان ڪنهن کي بہ ٻڌائيندؤ توهان بہ مون وانگر مري ويندؤ.

ڏينهن ٿيڻ کان اڳ، نانگن جي راجا کان سلطان پکين ۽ جانورن جي ٻولين سمجهڻ جو راز هٿ ڪري ورتو. ڪجهہ وقت کانپوءِ سلطان نہ فقط پکين ۽ جانورن جون ٻوليون سمجهڻ لڳو پر انهن سان ڳالهائڻ پڻ سگهي ويو. ان بعد نانگن جو راجا اتان هڪدم غائب ٿي ويو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

شام جو سلطان ۽ سندس پرميشوري (تئان پتري) باغ جي سير لاءِ گڏ گڏ نڪتا. هو هڪ ڏوليءَ ۾ ٿي وينا جيڪا گڏهه ٻڪي ٿي. رستي تي سلطان هڪ ڍڳي گاڏي ايندي ڏٺي جيڪا سڄي ٻارڻ جي ڪاٺين ۽ چوڏن سان ڀريل هئي. سلطان پنهنجي گڏهه جون واڳون ڇڪي هڪ هنڌ بيهاريو جيئن ڍڳي گاڏي سولائي سان سوڙهي رستي تان لنگهي وڃي.

سلطان ڏوليءَ وٽان لنگهندي ڍڳي گڏهه کي چيو "واهه گڏهه واهه! تون خوب مزن ۾ آهين. منهنجو ته هر زور بار وڌندو وڃي ٿو ۽ اهو جيڪڏهن گهٽجڻ بدران ائين وڌندو رهيو ته هڪ ڏينهن آئون ته مري ويندس. گهٽي ٻاري ڪري جڏهن آئون تڪو نٿو هلان ته مالڪ مون کي چهبڪ سان ايترو ته ماري ٿو جو کل تي ڦٽ ٿيو پون. توکي جي يقين نه اچي ته ڏسي سگهين ٿو. منهنجي پيٽ ۾ تون وڏي لئہ ۾ آهين. جيتوڻيڪ ٻار ٻه گهٽو نٿو کٽين ته ٻه تنهنجي هر گهرج پوري ڪئي وڃي ٿي. توکي ڪاڏو پيتو پڻ پيٽ ڀري کائڻ لاءِ ملي ٿو. مون ته توکي چهبڪ جو پاچو ٻه ڪائيندي نہ ڏٺو آهي. ڪم پوري ڪرڻ بعد مون کي ٻين ڍڳن سان گڏ هڪڙي بند جاءِ تي رکيو وڃي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ته رات جو دونهين ٻه نٽي دکائي وڃي. نتيجي ۾ ڇتيون مکيون ۽ مڇر سڄي رات پٽيو وڃن."

ڍڳي جون دانهون ڪوڪون ٻڌي، گڏهه چيس: "تون ته ڪو بيحد بيوقوف جانور آهين." شايد انهيءَ ڪري تو بابت ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ته .اهڙو بيوقوف جهڙو ڍڳو." توکي کپي ته بيماري جو بهانو ڪري ليٽي پئہ ۽ ظاهر آهي بيماريءَ جي حالت ۾ توکي هڪ ته سنو ڪاڏو ملندو ۽ ٻيو ته ڪم ڪرڻ کان ٻه بچي ويندين."

سلطان گڏهه ۽ ڍڳي جي مزيدار ڳالهه ٻڌي پنهنجي منهن کليو. مڙس کي ائين ٻنا ڪنهن سبب جي مرڪندو ۽ کلندو ڏسي تئان پتريءَ پڇيس: "سرڪار اڄ توهان ٻنا ڪنهن سبب جي کلو پيا."

سلطان وراڻيو: "گڏهه ۽ ڍڳي جي گفتگو ٻڌي مون کي کل آئي آهي."

تئان پتريءَ معلوم ڪرڻ چاهيو: "ته پوءِ مهرباني ڪري مونکي ٻه سيکاريو ته ڪيئن پکين ۽ جانورن جي زبان سمجهڻ کپي."

سلطان مرڪندي وراڻيو: "ان لاءِ مون کي معافي وٺڻي پوندي. آءُ توکي اهو راز ٻڌائي نٿو سگهان، پياري. جيڪڏهن آئون توکي پکين ۽ جانورن جي ٻولين جو راز سيکاريندس ته

آئون پاڻ مري ويندس.“

ڪجهہ وقت ڪانپوءِ سلطان پنهنجي گاڏي محلات ڏي موڙي. واٽ تي تئان پتريءَ سلطان کي وري منٿون ڪرڻ لڳي تہ هن کي پکين ۽ جانورن جي ٻولين جو راز سيکاريو وڃي.

هوڏانهن ڳڏهہ جي صلاح سان ڍڳو بيماريءَ جو بهانو ڪري سمهي رهيو. ڪانئير ڍڳي جي اها حالت ڏسي ڏاڍو ملول ٿيو. ٻئي ڏينهن ڪانئير ڪم تي وڃي نہ سگهيو ۽ سلطان کي ڍڳي جي بيماري جو ٻڌايو.

سلطان وڏي صبر سان ڪانئير جي ڪهاڻي ٻڌي. هن پنهنجي منهن سوچيو: ’هي سڀ ڪجهہ ڳڏهہ جي ڪري ٿيو. ڍڳي ڳڏهہ جي صلاح تي عمل ڪيو آهي. پر هاڻي ڳڏهہ کي ڪجهہ سبق ملڻ کپي جيئن هو آئيندي ٻين جانورن کي ابتيون سبتيون صلاحون ڏيئي ڪم تان نہ ڪاري.‘ ۽ پوءِ ڪانئير چيو: ”جيڪڏهن ڍڳو بيمار آهي ۽ ڪم نٿو ڪري سگهي تہ پوءِ ان بدران مون واري ڳڏهہ کان ڪٽي گاڏو ڇڪراءِ.“

ڪانئير هٿ ادب جا ٻڌي، جهڪي چيو: ”سرڪار جو شل شان مٿانهون هجي. توهان جي حڪم جي پوئواري ڪئي ويندي.“ ان بعد ڪانئير ڳڏهہ ڏي ويو جيڪو پنهنجي مستقبل کان بي خبر وڏي سڪون سان چارو چبي رهيو هو. ڪانئير ڪيس ڳچي ۾ رسو ٻڌي آڻي پنهنجي گاڏي سان جوٽيو جيئن ڪاٺين ۽ ڇوڏن جو ڳرو بار گهلي.

سڄو ڏينهن ڳرو بار گهلي ڳڏهہ جي حالت خراب ٿي ويئي. هن ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ هن کي ايڏو سخت پورهيو ڪرڻو پوندو. پر هاڻ ڇا ٿي ڪري سگهيو. ڍڳو تہ سندس ئي صلاح سان بيمار ٿي آرام ڪري رهيو هو.

رات جو ڇهبڪن جي ڏڪن ڪري ٿيل زخم چٽيندي ڳڏهہ پنهنجي منهن سوچيو. ”ڏٺو وڃي تہ هي سڀ ڪجهہ منهنجي پنهنجي بيوقوفيءَ ڪري ٿيو. ڍڳي کي جيڪڏهن آئون چالاڪي نہ سيکاريان ها تہ منهنجو هي حشر هرگز نہ ٿئي ها. منهنجي وات جي ٻڙ ٻڙ ڪري منهنجي جسم جي هيءَ حالت ٿي آهي. آئيندي هاڻ ڪڏهن بہ ائين نہ ڪندس. نہ فقط آئون پر پنهنجي اولاد کي بہ خبردار ڪندس تہ هو ڪڏهن بہ ٻين جي ڳالهين ۾ پاڻ کي نہ آڻين.

ٻئي ڏينهن ڳڏهہ صبح ساڻ ڍڳي وٽ ويو. ”منهنجا دوست هاڻ تون وڌيڪ بيماري جو بهانو نہ ڪر. مون هينئر هينئر سلطان جي واتان اهو حڪم ٻڌو آهي تہ جيڪڏهن تون چاق

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

چڱو ڀلو نہ ٿيندي تہ توکي کھي ڇڏيندا. ان ڪري منهنجي صلاح وٺين تہ مکر ڇڏي وري پهرين وانگر ڪڙو ٿي وڃ.

ڏيڍي اها ڏپ جهڙي ڳالھ ٻڌي وراڻيو: ”يار، وڏي مهرباني، تنهنجا لک ٿورا منهنجا گڏھ دوست! جيڪڏهن سلطان جو اهو ارادو آهي تہ پوءِ مون کي هڪ پل بہ وڌيڪ بيمار ٿيڻ نہ کپي. منهنجي خيال ۾ آئون وڏو ڀاڳ وارو آهيان جو تو مونکي ان بابت اڳي ٻڌايو آهي نہ تہ آئون هروڀرو ڪسجي وڃان ها.“ اهو چئي ڏيڍو اٿي ڪڙو ٿيو ۽ گڏھ شڪر جو ساھ کنيو.

ڪاٺير پنهنجي ڏيڍي کي وري چاق ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. ان ڏينهن کانپوءِ ڏيڍو بنا ڪنهن بيماريءَ جي ڪاٺين جو گاڏو گهليندو رهيو ۽ گڏھ جي ان پورهئي کان جان ڇٽي ويئي.

ڏهاڙيءَ وانگر، هڪ رات، ماني کانپوءِ تئان پتري بيڊروم ۾ داخل ٿي. مٽي ۾ ڏونگهين جو خوشبوءِ وارو تيل هٽي، وارن کي ڦٽي ڏني ۽ پوءِ پنهنجي بستري تي ويٺي تہ جهٽ سلطان بہ آيو. هن پنهنجي مٽي ۾ ڏونگهين جو تيل هٽي ڦٽي ڏني تہ بہ ڪاڪروچ، زال مڙس بيڊ روم ۾ داخل ٿيا. سلطان جيئن ئي ڦٽي ڏيئي پري ٿيو تہ ٻئي ڪاڪروچ تيل جي وٽيءَ وٽ تيل جا بچيل ڦڙا چٽڻ لڳا. مڙس ڪاڪروچ چيو: ”پنهنجو سلطان ڏاڍو مهربان آهي. مٽي کي تيل هڻن بعد بہ هو ڪيترو تيل پنهنجي پيٽ لاءِ بچايو ڇڏي. جيڪڏهن تئان پتري سلطان بعد تيل هٽي ها تہ هڪ ڦڙو بہ نہ بچائي ها. اچ تہ سلطان جي وڏي ڄمار لاءِ دعا گهرون.“

مڙس جا اهي لفظ ٻڌي ڪاڪروچ چيو: ”سلطان ۽ تئان پتريءَ لاءِ جيڪي ڪجھ تو چيو اهو نسوروئي سچ آهي.“

سلطان ٻنهي ڪاڪروچن جي اها گفتگو ٻڌي ورتي. کيس هنن جي ڳالهين تي کل پئي آئي. تئان پتريءَ جڏهن پنهنجي مڙس سلطان کي پاڻ مرادو کلندو ڏٺو تہ هن پڇيس:

”سرڪار توهان ڇو هروڀرو پنهنجي منهن کلندا رهو ٿا؟“ سلطان وراڻيس، ”هنن ڪاڪروچن جي مزيدار ڳالھ ٻڌي مون کان کل نڪري ويئي.“

تئان پتريءَ کي ان ڳالھ هيڪاندو پريشان ڪري وڌو تہ پکين ۽ جانورن جي ٻولي سمجهڻ جو راز معلوم ڪرڻ کپي.

”منهنجا سرتاج، جيڪڏهن تون مون کي واقعي چاهين ٿو“ هن سلطان کي عرض

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪيو ”تہ تون مون کي ڪنهن بہ صورت ۾ پکين ۽ جانورن جي ٻولين جو راز ضرور ٻڌاءِ.“

تئان پٽريءَ جون آزيون نيزاريون ٻڌي سلطان وراڻيس: ”افسوس جو آئون توکي اها ڳالهہ سيکاري نٿو سگهان، منهنجي پياري. جنهن دم آئون توکي اهو راز ٻڌائيندس تہ آئون مري ويندس. ان ڪري، مهرباني ڪري،مون کان اهو راز نہ پڇ.“

تئان پٽريءَ اجا بہ وڌيڪ پريشان ٿي ويئي. راز معلوم ڪرڻ جي هورا کورا هن کي ٻي چين ڪري رکيو. ”منهنجا سردار! مهرباني ڪري مون کي اهو راز ٻڌاءِ. نہ تہ آئون پڪ مري ويندس.“

سلطان چيو: ”جيڪڏهن تون مون کي هروڀرو تنگ ٿي ڪرين تہ آئون توکي راز ٻڌايان ٿو پر مون کي گهٽ ۾ گهٽ چاليهن ڏينهن جي مهلت ڏي جيئن ان ۾ آئون مذهبي دعائون وظيفا پورا ڪري وٺان جيئن خير سان ٻئي جهان ڏي روانو ٿي وڃان. ڇو جو اهو راز ٻڌائڻ بعد آئون هڪ ڏينهن بہ وڌيڪ هن دنيا ۾ رهي نہ سگهندس.“

ان ڏينهن بعد سلطان پنهنجي مرڻ جي تياري خاطر ڏينهن رات عبادت ڪرڻ لڳو. نماز وظيفي مان جيڪو وقت بچندو هوس ان ۾ هو اهوئي سوچيندو هو تہ تئان پٽريءَ کي سندس ان ضد تان ڪيئن لاهجي ۽ کيس پکين ۽ جانورن جي ٻولين سکڻ جي راز ٻڌائڻ کان ٽارائجي.

۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي باقي ست ڏينهن وڃي بچيا. جنهن بعد هن کي وعدي موجب تئان پٽري کي پکين ۽ جانورن جي ٻولين جو راز ٻڌائڻو هو. ان ڏينهن سلطان پنهنجي باغ ۾ ويو. هن اڳين ۽ ٻپهريءَ جي نماز پڙهي اتي پڙهي. نماز بعد هو باغ جي ڪنڊ تائين سير پسار ڪندو وڃي نڪتو. اتي واهہ جي ڪناري وٽ هڪ ٻڪر ۽ ٻڪري بيٺي هئي. ٻڪري ڏُکيل هئي. واهہ جي ٻئي ڪپر تي ڪنول جا گل هئا. ٻڪري ۽ ٻڪر انهن گلن جو مڪڙيءَ مان ٽري گل ٿي جهڻ وارو نظارو پئي ڏٺو. ٻڪري ڪنول جا گل کائڻ لاءِ اتي هئي. هن ٻڪر کي ٻي پار وڃي اهي آڻڻ لاءِ چيو: ”پيارا ٻڪرا! مهرباني ڪر اهي گل مون لاءِ ڪٽي اچ جو منهنجي دل انهن کي کائڻ لاءِ ماندي ٿي رهي آهي. جيڪڏهن تون آڻي نہ ڏيندين تہ آئون مري ويندس.“

ٻڪر جڏهن پنهنجي محبوبا ٻڪريءَ جو اهو عرض ٻڌو تہ هن هڪدم ڪٽي واهہ ۾ ٽپ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڏنو ۽ ٻيءَ پر وجهڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر پاڻيءَ جو وهڪرو ايترو تکو هو جو هو ٻيءَ پر تائين تري نہ سگهيو ۽ ڪنول جا گل آڻڻ بنا واپس موٽي آيو. ٻڪريءَ وري منٿون ڪيس: ”مهرباني ڪري مون کي گل آڻي ڏي، مون کي گل آڻي ڏي، نہ تہ آئون مري ويندس.“

ٻڪر هڪ دفعو وري واهہ ۾ ٽپو ڏنو پر سخت وهڪري جو مقابلو نہ ڪري سگهيو ۽ هڪ دفعو وري بنا گلن جي هو ٻڪريءَ ڏي موٽيو. ٻڪريءَ کي ٻڌايائين تہ پاڻيءَ جو وهڪرو ايڏو تکو آهي جو هن لاءِ ٽپڻ ناممڪن آهي.

ٻڪريءَ منهن سجائي چيس: ”تون ڪهڙو منهنجو مڙس آهين جو توکان اهو بہ نٿي پڄي جو ڪٽي مون لاءِ گل آڻين. هن وقت منهنجي پيٽ ۾ تنهنجو ٻار آهي ۽ آئون هلڻ کان هلاڪ آهيان. مون کي گل کائڻ جي سڌ ٿي آهي پر تون منهنجي اها سڌ ئي پوري نٿو ڪرين. گل ڪي ايترو پري بہ تہ نہ آهن. جيڪڏهن تون گل نٿو آڻي سگهين تہ آئون بہ ٻار سوڌي مريو ٿي وڃان.“

ٻڪر پنهنجي محبوب ٻڪريءَ جون اهي آهون پڪارون ٻڌي ڏاڍو غم ڪين ٿيو ۽ هڪ دفعو وري ڪوشش ڪيائين. پر ڪنهن بہ صورت ۾ ٻيءَ پر پهچي نہ سگهيو. هن دفعي ماڳهين ٻڏو ٿي سو واپس ٻڪريءَ کي اچي ٻڌايو تہ چا بہ ٿي پوي مون کان هي ڪم ٿي نہ سگهندو. تون مرين ٿي ڀلي وڃي مر. آئون ڪنهن ٻيءَ ٻڪريءَ سان شادي ڪري ڇڏيندس. ڇوجو تنهنجي لاءِ گل آڻڻ جي چڪر ۾ جي آئون ٻڏي ويس تہ پڪ تون ڪنهن ٻئي ٻڪر سان وڃي شادي ڪندينءَ. ان کان بهتر آهي تون وڃي مر تہ آئون ڪنهن ٻي ٻڪريءَ سان شادي ڪريان.ا هو چئي هو اتان هليو ويو. ٿوري دير بعد ٻڪري جيڪا ٿوري دير اڳ تائين رڙي ويٺي هئي سان ڦڪي ٿي هن کي پرچائڻ لاءِ رواني ٿي.

ڏينهن ٻن بعد، منجهند جي ماني بعد سلطان ٽيبل تي ويٺوهو تہ هن جون بہ ٻليون ان ٽيبل هيٺ اچي ويٺيون. انهن ۾ هڪ ٻلو هو ۽ ٻي ٻلي. ٻليءَ پنهنجي مڙس ٻلي کي چيو: ”لڳي ٿو تہ پنهنجي لاءِ ڏکيا ڏينهن تمام ويجهو پهچي ويا آهن. تئان پتريءَ پنهنجي مڙس سلطان کان پکين ۽ جانورن جي ٻولين جو راز معلوم ڪرڻ جو ضد ڪيو آهي ۽ سلطان سندس اهو ضد پوروڪرڻ جو واعدو ڪيو آهي. جنهن بعد ظاهر آهي تہ سلطان مري ويندو ۽ جيڪڏهن سلطان مري ويو تہ پاڻ بہ بک وگهي مري وينداسين جو سندس راڻي تئان پتري ايتري

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪنجوس آهي جو ڪنهن کي به ڪائڻ لاءِ پورو نه ڏيندي. پنهنجو سلطان سخي مڙس آهي ماني ڪائڻ بعد هو پاڻ لاءِ به تمام گهڻو گوشت بچائي ٿو. پر تئان پتري جيڪي پاڻ کي هڏا بچائي ڏيندي ان تي ذرو به گوشت جو نه ڇڏيندي.“

ٻليءَ جڏهن ڳالهائي بس ڪيو ته ٻلي چيو: ”دراصل مسئلو سڄو سلطان جي ڪمزريءَ ڪري پيدا ٿيو آهي. هو پنهنجي زال جو هر حڪم ۾ سَدَّ شوق پورو ڪندو وتي ٿو. حقيقت ۾، جيڪڏهن هو اهو راز پنهنجي زال کي ٻڌائڻ کان انڪار ڪري ڇڏي ته سڀ صحيح ٿي ويندو. جنهن ڳالهه جو ڊپ اٿس ته راڻي پاڻ کي ماري ڇڏيندي، ائين هرگز نه ٿيندو.“

اهو ٻڌي سلطان جي چپن تي مرڪ تري آئي. تئان پتريءَ جڏهن سلطان کي مرڪندو ڏٺو ته چيو: ” منهنجا سرتاج،مهرباني ڪري مون کي هينئر ئي پکين ۽جانورن جي ٻولي ڄاڻڻ جو راز ٻڌاءِ جو آئون هاڻ وڌيڪ انتظار ڪري نٿي سگهان.“

”منهنجي پياري، جتي تو هيڏو انتظار ڪيو آهي ته وڌيڪ به ڏينهن انتظار ڪرڻ ۾ ڪو نقصان ناهي. ان ڪري، ان ڏينهن جو انتظار ڪر، جنهن لاءِ مون توسان واعدو ڪيو آهي. آخرڪار آئون ڪو هتان ڀڄي ڪونه ٿو وڃان. فقط ٻه ڏينهن ته وڃي بچيا آهن.“

تئان پتري اهو ٻڌي چپ ٿي ويئي.

ان رات، جڏهن ٻئي ڏينهن سلطان کي راز ٻڌائڻو هو رات جي مانيءَ بعد، سلطان ۽ تئان پتري ٽيبل تي ئي وينا رهيا. اتي به ڇڇيون مٿان ڇت تان هيٺ لهي ٽنپ تي آيون. مادي ڇڇيءَ نر کي چيو: ”سڀاڻي آخري ڏينهن آهي جو سلطان تئان پتريءَ کي پکين ۽ جانورن جي ٻولين جو راز ٻڌائيندو ان بعد افسوس جو هو پاڻ مري ويندو. هن جي مرڻ بعد زندگي ڪيتري نه ڏکي ٿي پوندي. هينئر پاڻ کي کائڻ پيئڻ لاءِ جام مليو وڃي. پوءِ ڳالهه ئي ٻي ٿي ويندي.

اهو ٻڌي نر ڇڇيءَ چيو: ”ڳالهه اها آهي ته پنهنجي سلطان کي کپي ته هو راز ٻڌائڻ کان صاف صاف انڪار ڪري ڇڏي. راڻي تئان پتري، ڪجهه به نه ڪندي. جيڪڏهن اسان کي عورت جي هٿن ۾ ان حد تائين رانديڪو ٿي رهڻو آهي ته پوءِ اسان کي مرد سڏائڻ ۾ فخر نه ڪرڻ کپي.“

ڇڇين جي اها ڳالهه ٻڌي، سلطان دل ۾ سوچيو: ”حقيقت ۾ جيڪي ڪجهه ڇڇين چيو اهو سڀ سهي آهي. لڳي ٿو ته هنن ڇڇين جي به ساڳي سوچ آهي جيڪا ٻلين ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٻڪرين جي هئي. ان ڪري مون کي بہ ڪو اهڙو نمونو ڪرڻ کپي جيئن راڻيءَ کي راز ٻڌائڻ کان بچي وڃان.“ ان بعد هن مرڪيو ۽ پوءِ زور زور سان کليو.

”سرڪار خير تہ آهي. توهان ڪڏهن بہ ايڏو زور سان نہ کليا آهيو؟“ تئان پتري پڇيو.

سلطان وراڻيو: ”آئون چچين جي ڳالھ تان کلي رهيو آهيان. انهن چيو پئي تہ پاڻ فقط اڄ رات هڪ ٻئي سان گڏ هونداسين. سڀاڻي راز ٻڌائڻ بعد آئون مري ويندس. ان بعد تون هن دنيا ۾ اڪيلي رهجي ويندينءَ. چچيون اهو ڪجھ چئي رهيون هيون.“

ان بعد سلطان ۽ تئان پتري مانيءَ جي ٽيبل تان اٿي بيڊروم ۾ سمهڻ لاءِ آيا.

صبح ساڻ سلطان اٿي اچي ورانڊي ۾ ويٺو هو. هو سوچڻ لڳو تہ هو پنهنجي ضدي زال کي ڪيئن سرچائي. ايتري ۾ هن ڏٺو تہ اڱڻ ۾ هڪ ڪڪڙ پنهنجين ڪڪڙين کي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙائي رهيو آهي. انهن پنيان ڊوڙڻ مهل، پنهنجي پر ڦڙڪائي ٻانهون بہ ڏئي رهيو هو.

ڪڪڙ کي ائين خوشيءَ مان ٻانگون ڏيندو ۽ کيڏندو ڪڏندو ڏسي سلطان جي ڪتي چيس: ”لڳي ٿو تہ تون بيحد نمڪ حرام جانور آهين. اڄ پنهنجي سلطان جي مرڻ جو ڏينهن آهي پر تون آهين جو ائين خوش خوش پيو ڊوڙين. مهرباني ڪري پنهنجي سلطان جو سوچ جنهنجي زندگي هن وقت خطري ۾ آهي.“

ڪڪڙ ڪتي جي ڳالھ ٻڌي ڊوڙڻ بند ڪيو ۽ ڪتي جي اڳيان اچي چيو: ”لڳي ٿو تہ تون بہ پنهنجي سلطان وانگر سخت احمق آهين. مون ڏي ٿورو ڏس. مون کي چاليھ کن زالون آهن پر مجال آهي جو ڪا هڪ بہ منهنجي خلاف وڃي. سلطان کي جيڪڏهن ٿورو بہ عقل آهي تہ هن کي کپي تہ هو هڪڙو لڪڻ رکي. تئان پتري جيئن ئي پڪين ۽ جانورن جي ٻولين معلوم ڪرڻ جو راز پڇڻ جو ڪري تہ ان لڪڻ سان کيس ورائي وجي ۽ موچڙا هڻڻ مهل اهو چويس تہ رن مرڻو اٿئي تہ پلي مر. هو پاڻ ٻي وجي شادي ڪندو. ائين هڪ ئي دفعو ڪرڻ سان تئان پتري وري ساڳي ڳالھ لاءِ متو نہ ڪائيندي‌س.“

ڪڪڙ جي ڳالھ ٻڌي ڪتو ڏاڍو خوش ٿيو: ”جيڪا تون ڳالھ ڪرين ٿو اها بلڪل صحيح آهي. سلطان کي تنهنجي صلاح تي هلڻ کپي.“

سلطان ڪڪڙجي پڻ اها ڳالھ ٻڌي خوش ٿيو. ان ئي وقت اٿي گڏھ وارو چهبڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪٽي اچي پنهنجي پر ۾ رکيو. ڪجهه دير بعد تئان پتري سلطان وٽ آئي. سلطان جي ويجهو پهچي هن چيو: ”منهنجا سائين: هاڻ اهو وقت اچي ويو آهي. توهان کي کپي ته مونکي پکين ۽ جانورن جي ٻولين ڄاڻڻ جو راز هڪدم ٻڌايو. نه ته آئون پاڻ کي ماري ڇڏينديس.“

تئان پتريءَ جو ائين چوڻ سلطان اٿي بيٺو ۽ ڇهبڪ کڻي تئان پتري جي پٺ تي وهائي ڪڍيو. ”جيڪڏهن تون مرڻ چاهين ٿي ته وڃي مر. باقي پکين ۽ جانورن جي ٻولين جو راز توکي هرگز نه ٻڌائيندس. جيڪڏهن تون مري وئين ته مڙيئي خير آهي. آئون ڪنهن ٻيءَ سان وڃي شادي ڪندس. جيڪڏهن آئون مرندس ته تون به ڪنهن ٻي سان وڃي شادي ڪندينءَ. آئون مران، ان کان بهتر آهي ته تون وڃي مر. ”اهو چئي سلطان هڪ ٻيو ڇهبڪ به کيس وهائي ڪڍيو.

تئان پتري سورڪان رڙيون ڪرڻ لڳي. ۽ پوءِ يڪدم سلطان جي پيرن تي ڪري معافي وٺڻ لڳي. ان بعد تئان پتري هر وقت پنهنجي مڙس سلطان جي چئي ۽ ادب ۾ رهڻ لڳي ۽ ٻئي خوش خوش زندگي گذارڻ لڳا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# چيني ڪي ڏکو پچي چو آهي

گهڻو اڳ جي ڳالهه آهي تہ ڏکڻ ٿائيلينڊ جي سونگ ڪلا شهر ۾ هڪ هاري پنهنجي ڪٽنب سان گڏ رهندو هو. هاريءَ جو نالو اوانگ هو. ڪيس ابوءَ نالي هڪ پٽ پڻ هو. هن آڪاٽيءَ وقت ابوءَ جي عمر يارهن سال هئي.

اوانگ، سندس زال ۽ پٽ سارين جي پوک پرسان هڪ ڪاٺياٽين گهر ۾ رهندا هئا. سارين جي موسم ۾ هو ٻنيءَ تي ڪم ڪندا هئا. باقي وقت ياچيون پوکيندا هئا. ان سان گڏوگڏ ٻڪريون پڻ چاريندا هئا. ٻڪرين جي ڌڻ جو خيال رکڻ ابوءَ جي ذمي هوندو هو. رات جو وقت ٻڪرين کي لوڙهي جي اندر رکيو ويندو هو. جيڪو گهر سان لاڳو ئي هو. ٻڪرين کي لوڙهي ۾بند ڪري موٽڻ کان اڳ ابو هڪ ٻہ بنڊ ٻاري ڇڏيندو هو جيئن رات جي وقت مچر ۽ ٻيا جيت جڻا مال کي تنگ نہ ڪن. سندس سڄي ڏينهن جو ڪم ان وقت پورو سمجهيو ويندو هو جنهن وقت هو لوڙهي جو در بند ڪري ڪنڊو ڏيئي گهر موٽندو هو.

هر روز ٻڪرين جي تعداد ۾ واڌ ٿيندي رهي. ٿوري ئي عرصي ۾ اهو وڏي وڏو ڌڻ ٿي پيو. سڄي ڌڻ ۾ هڪ بنهه ڏٻرو ۽ هڏائون ٻڪر پڻ هو جنهن جو نالو 'ڏٻرو- ٻڪر' هو.

هڪڙي رات ابوءَ جي سمهڻ بعد، سندس پيءَ اوانگ پنهنجي زال کي چيو تہ هاڻ ابو وڏو ٿي ويو آهي سندس طهر ٿيڻ کپي. پوءِ ان بابت هو چڱي دير پروگرام ٺاهيندا رهيا، تہ ان موقعي تي ڪنهن ڪنهن کي سڏجي ۽ آيل مهمانن کي ڇا کارائجي.

"اوانگ جي زال چيو:" ٻيا ماڻهو بہ اسان کي دعوتون ڏيئي کارائين پيارين ٿا. ابوءَ جي طهر تي پاڻ کي بہ ڪجهه ڪرڻ کپي."

"اوانگ وراڻيو: "اهو بلڪل صحيح آهي. پاڻ بہ مڙيئي ڪا وڏي نہ تہ هڪ ننڍي دعوت ڪنداسين ۽ مهمانن کي کارائڻ لاءِ پٽ سان گڏ پاڻ واري ڏٻري ٻڪر کي ڪٽي کهنداسين."

"پوءِ پلا ڪهڙي ڏينهن تي اهو نيڪ ڪم ڪيو وڃي؟" اوانگ جي زال پڇيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”منهنجي خيال ۾ تہ ٻئي جمعي تي صحيح رهندو.“ اوانگ چيو.

جنهن وقت زال مڙس ڳالهائي رهيا هئا، ڏٻرو ٻڪر دريءَ وٽ ئي بيٺو هو ۽ سڀ ڪجهہ ٻڌڻ بعد هن دل ۾ سوچيو: ”مون تہ ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ ڪو منهنجو مالڪ ايڏو ظالم ٿي سگهي ٿو. هيڏي ساري ڌڻ ۾ ڪيترين ئي تازين متارين ٻڪرين آهن پر انهن مان ڪنهن بہ هڪ کي نٿو ڪهي، هن مون کي ئي ڪهڻ جو فيصلو ڪيو آهي جيڪو سڀ ۾ ڏٻرو ۽ ڪمزور آهي. افسوس! جو آئون هاڻ مري ويندس.“

پنهنجي ڪسڻ جو مالڪ واتان ٻڌي، ٻڪر هڪ هنڌ ويهي رهيو ۽ ان مشڪل مان بچڻ لاءِ ڪا راهہ ڪا واٽ ڳولڻ لڳو. هو پنهنجي هن ايندڙ موت کان جان بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. سڄي رات هن جي ائين ئي گذري ويئي پر ڊپ ۽ خوف ۾ هڪ منٽ بہ سندس اک نہ لڳي. صبح جو ابوءَ لوڙهي جو دروازو کولي جهنگ چرڻ لاءِ کين ٻاهر ڪڍيو.

در کلڻ تي ٻڪريون ڊوڙ پائي ٻاهر نڪتيون. پنيان پنيان هي ڏٻرو ٻڪر پڻ. وڏيون ٻڪريون ٻيڪارينديون رهيون. ننڍيون ڇيليون ۽ ڇيلا ٽپا ڏيندا رهيا. سائو گاهہ چرندي، ويچارو ڏٻرو ٻڪر پنهنجي ايندڙ موت جو ئي سوچيندو رهيو. ائين ئي ٽاڪ منجهند اچي ٿي. ان بعد ٻڪرين چرڻ ڇڏي آرام لاءِ ڪا ڇانو واري جاءِ ڳولي. سامهون هڪ وڏو وڻ هو جنهن هيٺان سڀ اچي ويٺيون.

ان وقت ڏٻري ٻڪر سيني ٻڪرين کي رات واري، اوانگ ۽ سندس زال جي وچ ۾ ٿيل ڳالهہ ٻولهہ ٻڌي، هن پنهنجي ساٿين کي ڏڪندڙ آواز ۾ پڇيو: ”جنهن وقت توهان سڀ سُتل هيون تہ مون ٻڌو تہ مالڪ پنهنجي پٽ جي ظهر تي هڪ وڏي دعوت ڪري رهيو آهي جنهن ۾ هو پاڻ سيني کي ڪهي مهمانن کي گوشت کارائيندو. ڇا توهان چاهيو ٿيون تہ توهان کي ڪنو وڃي؟“ ٻڪر جذباتي ٿي آخري جملو ڏاڍيان چيو.

”هرگز نہ.“ سيني ٻڪرين هڪ ٿي جواب ڏنو.

ٻڪرين جي سوچ جو جائزو لڳائي ڏٻري ٻڪر چيو: ”تہ پنهنجي جان بچائڻ لاءِ پاڻ کي ڪهڙا قدم کڻڻ کپن؟“

”اڄو تہ هتان ڀڄي هلون.“ هڪ ٻڪريءَ وراڻيو.

”ڀڄي وڃڻ ئي بهتر آهي.“ ڏٻري ٻڪر مڃيو ۽ پوءِ وڌيڪ چيو ”پر، جيڪڏهن پاڻ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڳوٺ ڏي پچي هلنداسين ته هڪ نه ٻئي ڏينهن ڳوناٺا پاڻ کي جهلي هلي مالڪ جي حوالي ڪندا. پر جي جهنگ منهن ڪنداسين ته اتي به ايتري سلامتي ناهي. جهنگل ۾ڪيترائي بکايل شينهن چيتا گجگوڙون ڪندا رهن ٿا.“

سڀ ٻڪريون ماٺ ٿي ويون. هنن کي سمجهه ۾ نه آيو ته ڪهڙو قدم کنيو وڃي، جيئن مرڻ بدران زنده رهي سگهجي.

ڏيري ٻڪر ٿوري دير ٻين ٻڪرين کي ڏسي جائزو لڳايو ۽ پوءِ پاڻ ڪڇيو:”جيڪڏهن توهان منهنجي صلاح تي عمل ڪريو ته سيني جي جان بچي پوندي.“

”ضرور. ضرور.“ سيني ٻڪرين هڪ ئي آواز ۾ وراڻيو.

ڏيرو ٻڪر پنهنجي سوال جو اهوجواب ٻڌي خوش ٿيو. پوءِ چپن ۾ مرڪي کين چيو: ”چا توهان منهنجو ساٿ ڏيڻ لاءِواعدو ڪريو ٿيون ته جيڪي ڪجهه آئون چوندس توهان ائين ڪنديون؟“

سيني ٻڪرين حضرت سليمان جو قسم کڻي واعدو ڪيو.

ان بعد ڏيري ٻڪر چيو: ”جيڪڏهن توهان اهو ڪي ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيو جيڪو آئون توهان کي چوندس ته پوءِ ڳالهه هيءَ آهي ته پاڻ سيني کي خوشيءَ توڙي غميءَ جي موقعي تي گڏ رهڻو پوندو. ان ۾ پنهنجي سلامتي آهي. جيڪڏهن پاڻ ۾ ٻڏي ۽ ايڪو نه رهندو ته ختم ٿي ويندسين.“

ڏيري ٻڪر جي اها تقرير مڙني ٻڪرين غور سان ٻڌي.ا ن بعد هڪ ٻڪريءَ ڪنڌ مٿي کڻي چيو: ”اسان تنهنجو هر حڪم مڃڻ لاءِ تيار آهيون. هاڻ ٻڌاءِ ته اڳتي وڌڻ لاءِ چا ڪيو وڃي؟“

”مهرباني. وڏي مهرباني.“ ڏيري ٻڪر چيو ۽ پوءِ هڪ هڪ ڏي غور سان ڏٺو جن جي منهن مان پڪو ارادو ۽ عزم بکي رهيو هو. ٻڪر چيو: ”چڱو ته پوءِ! اج آڌيءَ ڌاڌي پاڻ سڀ مالڪ جو هي گهر ڇڏي ٻاهر نڪري پونداسين. آئون رات جو توهان سيني کي جاڳائيندس ۽ لوڙهي جو دروازو پڻ کوليندس ۽ پوءِ ماٺ منوڙي ۾ ٻاهر نڪري پونداسين.“

ڏيري ٻڪر جي سربستي ڳالهه ٻڌي سڀ ٻڪريون گاهه چرڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ٽڙي پکڙي ويون ۽ وڏي سڪون سان گاهه کائينديون رهيون. منهن اونداهيءَ مهل سڀ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٻڪريون اوانگ جي گهر موٽيون. هنن کي لوڙهي اندر داخل ڪري در بند ڪيو ويو.

اها رات ٻڪرين پنهنجو پاڻ ۾ ڪو گهڻو نہ ڳالهايو. هو هتان ڀڄي نڪرڻ جي تياري ۾ هيون. ڏيرو ٻڪر هڪ ڪنڊ ۾ ويهي صحيح وقت جو انتظار ڪرڻ لڳو.

جنهن وقت آڌي رات ٿي تہ ڏيرو ٻڪر رڙهي در وٽ آيو. هن آهستي آهستي بنا ڪنهن آواز جي دروازو کوليو. جڏهن دروازو کلي ويو تہ ٻڪر سيني کي آهستي چيو: ”هاڻ توهان مڙيئي منهنجي پٺيان پٺيان اچو.“

لوڙهي مان نڪري سڀ ٻڪريون ڏيري ٻڪر جي پويان هلڻ لڳيون. جڏهن هو گهر کان چڱو پنڌ پري پهتيون تہ ٻڪروني ڊوڙڻ شروع ڪيو. پٺيان پٺيان ٻڪريون بہ ڊوڙڻ لڳيون. هنن کان جيتريقدر ٿي سگهيو تکو ڊوڙڻ لڳا. پرهہ ڦٽيءَ مهل سجو ڏڻ اچي درياهہ جي ڪناري تي پهتو.

درياهہ جي ڪناري تي پهچي سڀ ٻڪريون ٻڪر سان گڏ هڪ هنڌ تي بيٺيون ۽ درياهہ ٽپڻ جون رٿائون سوچڻ لڳيون. ٻڪرين جي 'ٻي- ٻي' ٻڌي درياهہ ۾ موجود واڳن پنهنجا ڳاٽ ٻاهر ڪڍيا. هڪ ئي وقت هيترين ٻڪرين کي ڏسي هنن جو تہ وات پاڻي ٿي ويو. ٻڪريون اهو نظارو ڏسي ڊڄي ويون ۽ زور زور سان ٻاڪارڻ لڳيون.

پنهنجن ساٿين جي اها حالت ڏسي ٻڪر کين دلجاءِ ڪرائي: ”ڊڄڻ جي ڪا ڳالهہ ناهي. توهان سڀ اتي ئي ترسو جتي بيٺيون آهيون. آئون درياهہ جو ڪنارو ڏيئي لهوارو هليو وڃان ٿو. پوءِ اتان واڳن کي پاڻ ڏي سڏيندس ۽ پوءِ جڏهن واڳو منهنجي ڳولا ۾ هيٺ ايندا تہ توهان درياهہ پار ڪري ٻيءَ پر هليون وڃجو. پوءِ ٻيءَ پر پهچي سڀ زور زور سان ٻاڪار جو. هاڻ بس ماٺ ۾ ئي رهو.“

”چڱو.“ ٻڪرين هڪ ئي آواز ۾ وراڻيو.

ان صلاح بعد، ڏيري ٻڪر لهوارو وڃڻ شروع ڪيو. هو ڪجهہ فاصلو پنڌ ئي پنڌ هليو ويو. جڏهن ٻين ٻڪرين کان چڱو خاصو پري هليو ويو تہ پوءِ زور زور سان ٻاڪارڻ شروع ڪيائين.

ٻڪر جون رڙيون ٻڌي سڀ واڳون هن جي پٺيان وڃڻ لڳا. ٻڪر تائين پهچڻ لاءِ هر هڪ واڳو تکو ڊوڙڻ لڳو. ٻڪريون واڳن کي غور سان ڏسنديون رهيون. جڏهن هنن ڏٺو تہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سيپيئي واڳون پري نڪري ويا آهن ته ٻڪرين ماٺ منوڙي ۾ درياهه پار ڪري ورتو ۽ پوءِ درياهه ٽپي ٻيءَ پير پهچي جڏهن ڏٺائون ته هو بلڪل صحيح سلامت آهن ته وٺي زور زور سان پاڪارڻ شروع ڪيائون.

واڳن جڏهن هيترين ٻڪرين جي ٻي ٻي ٻڌي ته اڪيلي ٻڪر کي ڇڏي سڀ انهن ٻڪرين ڏي اوپارو ترڻ لڳا. هوڏانهن ٻڪر جهٽ ڪري درياهه پار ڪري ورتو ۽ وڃي پنهنجي ڌڻ سان مليو.

پنهنجي ڌڻ ۾ پهچي ڏٻري ٻڪر پنهنجن ساٿين ٻڪرين کي چيو: ”شاباش، هاڻ پاڻ واڳن جي وات کان بچي ويا آهيون. هاڻ پاڻ کي اڳتي جو سفر شروع ڪرڻ کپي.

”بلڪل صحيح آهي.“ ٻڪرين چيو“ اسان جي اڳواڻي ڪر ۽ اسان تنهنجي پٺيان پٺيان آهيون.“

ڏٻري ٻڪر اڳتي هلڻ شروع ڪيو. پٺيان پٺيان سندس ڌڻ روانو ٿيو. ڪجهه وقت جي پنڌ کانپوءِ هو هڪ سائي سرسبز چراگاهه ۾ اچي پهتا. جتي سيني گڏجي چڱيءَ طرح پيٽ پري ڪاڏو ۽ پير ۾ صاف پاڻيءَ جي ڍنڍ هئي جتان پاڻي پيتو. ڏٻري ٻڪر اهوئي فيصلو ڪيو ته هاڻ وڏيڪ رلڻ پنڻ بدران هتي ئي رهجي. سو سڀ خوشيءَ جي زندگي گذارڻ لڳا.

هڪ ڏينهن چا ٿيو جو ٻنپهرن مهل هڪ چيتو اچي اتان نڪتو. انکي ڏسي سيئي ٻڪريون ڊڄي ويون. هو سڀ ڏڪڻ لڳيون. ڪن کان ته ڦولڙيون ۽ پيشاب به وهي ويو.

ڏٻري ٻڪر پنهنجين ٻڪرين جو اهو هيٺو حال ڏسي، رڙ ڪري چين: ”ٿورو صبر کان ڪم وٺو.هينئر ئي گوليون ۽ بارود نه ڇوڙيو. فقط هڪ چيتي پٺيان ائين توبون ڇوڙڻ صحيح نه آهن. پاڻ هيترا ڄڻا آهيون هن چيتي کي ته اڪيلو ئي جهلي ڪائي سگهون ٿا“.

چيتي جو ڏٻري ٻڪر واتان توبن ۽ گولين جو ٻڌو ته وائڙو ٿي ويو. هن ڪڏهن به اهو نه ٻڌو هو ته ٻڪريون چيتي کي جهلي ڪائي سگهن ٿيون. سو هي اهڙو اچي ڊنو جو پُٺ ڏيئي وٺي جهنگل ڏي ڀڳو.

ڪجهه دير جهنگل ۾ وڃڻ بعد هن کي هڪ گيندبو نظر آيو. چيتي کي ائين چرين وانگر ڀوڙندو ڏسي گينڊي کي ڏاڍو تعجب لڳو. هن چيني. جي اڳيان اچي هن کان پڇيو:”اهڙو جلدي ۾ تون ڪٿان پيو اچين؟ پٺيان ڪير لڳو اٿئي؟“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

چيتو ٻوڙڻ بند ڪري هڪ هنڌ تي بيٺو ۽ پوءِ ٿوري دير ساهه پٽي چيو: ”آئون هُتان سرسبز چراگاهه مان پيو اچان جتي هڪ خوفناڪ ٻڪرين جو ڌڻ بيٺو آهي. انهن مڙني وٽ بارود آهي ۽ مون تي گولين جو وسڪارو ڪيائون ٿي. پر آئون جان بچائي وٺي ڀڳو آهيان. ان ڪري تون مونکي ههڙي حال ۾ ڏسين پيو.“

چيتي جي اها ڳالهه ٻڌي گينڊو حيران ٿي ويو ۽ کيس چيو:

”دنيا ۾ ڪهڙو هنڌ آهي جتي ٻڪرين وٽ بندوقون توبون هلائڻ لاءِ گوليون بارود آهن؟“

”ڇا توکي منهنجي ڳالهه تي يقين نٿو اچي؟“ چيتي چيو.

”هرگز نه.“ گينڊي وراڻيو ۽ چيو:”مون ڪڏهن به ڪنهن جي واتان اهو نه ٻڌو آهي ته ٻڪريون شڪار بدران شڪاري ٿيون هجن ۽ چيتي تي گولين سان حملو ڪرڻ جو سوچين. مون هيڏي جمار هن جهنگ ۾ گذاري آهي پر ڪڏهن به اهو نه ٻڌو اٿم ته ٻڪرين وٽ گوليون به ٿي سگهن ٿيون.“

”ڇا واقعي توکي منهنجي ڳالهه تي يقين نٿو اچي.“ چيتي پڇيو.

”آئون ڪڏهن به يقين نه ڪندس..“ گينڊي چيو ”يا هيئن ڪر جو مون کي به اوڏانهن وٺي هل جيئن اهي خطرناڪ قسم جون ٻڪريون پنهنجن اکين سان ڏسي سگهان.“

چيتو گينڊي جي اها ڳالهه ٻڌي سوچ ۾ پئجي ويو ۽ پوءِ گينڊي کي چيو: ”يار ڳالهه ٻڌ ٻڪرين جي ايڏي همت ڏسي مون کي هنن جي ويجهو ويندي ڊپ ٿو لڳي. ٻي ڳالهه ته هو تعداد ۾ به تمام گهڻيون آهن. ها، باقي ائين ٿي سگهي ٿو ته تون جيڪڏهن ساٿ نڀائڻ خاطر پنهنجو پڇ منهنجي پڇ سان ٻڌي هلين ته پوءِ توکي اوستائين وٺي هلان.“

چيتي جي اها رٿ گينڊي قبول ڪئي. پوءِ ٻنهي جانورن پنهنجا پڇ هڪ ٻئي سان ڳنڍي ڇڏيا. پڇ ٻڌڻ کانپوءِ ٻئي جانور ان چراگاهه ڏي روان ٿيا جتي چيتو ٻڪرين جي ڌڻ کي ڏسي آيو هو. پڇ هڪ ٻئي سان ٻڌڻ ڪري ٻنهي کي هلڻ ۾ هلاڪائي ٿي رهي هئي پر آهستي آهستي قدم کڻندا هليا.

ٻڪرين پري کان هنن جانورن کي جو ايندو ڏٺو ته هڪ دفعو وري ڊڄي ويون پر ڏٻري ٻڪرکين همٿ ڏياريندي چيو: ”توهان بلڪل فڪر نه ڪريو ۽ منهنجو چيو مڃو. هيئنئر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اهڙو وقت اچي ويو آهي جو توهان کي ڳاڙها انگور کائڻ کپن“.

پوءِ ڏبري ٻڪر ۽ ٻڪرين ڳاڙها انگور چباڙڻ شروع ڪري ڏنا. انگورن جون جهنگلي وليون اتي ڪيتريون ئي هيون. اهي انگور کائڻ ڪري انگور جي ڳاڙهي رس سان سندس سڃا وات ڳاڙها ٿي ويا. ائين ٿي لڳو جڻ وات مان رت ڳڙي رهيو هجين. ان بعد ٻڪر کين ٻيو حڪم ڏنو: ”هاڻ منهنجون ٻڪريون اڳيان ايندڙ چيتي ۽ گينڊي ڏي وڌو.“

ٻڪر جو حڪم ٻڌي سڀ ٻڪريون اڳيان ائين وڌڻ لڳيون جڻ چيتي تي حملو ٿيون ڪن. جڏهن ڇڱو ويجهو ٿيا تہ ٻڪر رڙ ڪري چيتي کي چيو:

”اڙي او چيتا! ٻڪرين جي وات ڏي نهار تہ ڪيئن رت سان ڀريون پيو اٿن. هينئر هينئر هنن هاٿي کائي بس ڪيو آهي. تون بيحد ڏٻرو آهين. پڇڻ وقت واعدو ڪيو هئي تہ ٻہ گينڊا آٽي ڏيندين. هي تہ فقط هڪ آهي. هڪ مان اسان جو ڇا پيٽ ڀربو.“

اهو ٻڌي گينڊي جو ساهہ سڪي ويو. يڪدم چيتي کي چيو: ”ڇٽبو تہ اها ڳالهہ آهي، تون مون کي دوکوڏيئي هتي وٺي آيو آهين.“

چيتو ڪو جواب ڏئي، ان کان اڳ گينڊو بل ڏيئي وٺي ڀڳو. سٽ سان سندس پڇ ٻہ ڪپجي ويو ۽ پوءِ گينڊو پڇ ڪپائي هڪ طرف وٺي ڀڳو تہ چيتو، گينڊي جي باقي بچيل پڇ سميت ٻئي طرف.

اهڙيءَ طرح ڏبري ٻڪر جي اٽڪلن سان ٻڪريون بچي ويون ۽ انهن ڏينهن کانپوءِ گينڊي جو پڇ ننڍو آهي ۽ چيتي جو وڏو آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڏاهي جهرڪي

گهڻو گهڻو اڳ جي ڳالهه آهي تہ ڪنهن زماني ۾ هڪ بادشاهہ رهندوهو جنهن کي گليل سان پکي مارڻ جو شوق هو. بادشاهہ جي هن شوق کي ڏسي ملڪ جي ٻين بہ ڪيترن ئي ماڻهن گليل سان پکي مارڻ شروع ڪري ڏنا. بادشاهہ کي فقط اهي ماڻهو وڻيا ٿي جنکي گليل سان پکي مارڻ جو ڏانءُ آيو ٿي.

بادشاهہ پنهنجي خاص ماڻهن سان گڏ هر روز پکين جي شڪار تي نڪرندو هو ۽ پوءِ پکي ماري ماري آخرڪار هڪ ڏينهن محلات ۽ باغيچي جا سڀ پکي ختم ڪري ڇڏيا.

هڪ ڏينهن بادشاهہ پنهنجا ماڻهو ساڻ ڪري پکين جي ڳولا ۾ جهنگل ڏي شڪار لاءِ نڪتو. پکين جي ڳولا ۾ هنن هڪ هڪ وڻ هڪ هڪ ٻوٽو ڪري ڳولا ڪئي. ويندي جبل ۽ رڻ پٽ بہ ڳوليائون پر ڪٿي بہ ڪو پکي نظر نہ آين.

ٻپهريءَ ڌاري هو هڪ ٻنيءَ ۾ اچي نڪتا. اها ايڏي تہ وڏي ٻني هئي جو هڪ ڪنڊ کان سندس ٻي ڪنڊ نظر نٿي آئي.ان جي وچ تي هڪ وڏو گهاٽو وڻ هو. بادشاهہ ۽ سندس ماڻهو ان وڻ ڏي وڌيا.

هو وڻ وٽ پهچي هن جي هيٺان ٿڪ پيچڻ لاءِ ويهي رهيا. جيتوڻيڪ هو سڀ ٿڪل هئا پر تنهن هوندي بہ هنن پکين جي ڳولا ۾ وڻ ڏي ڏسڻ بند نہ ڪيو.

امالڪ، بادشاهہ جي نّظر هڪ جهرڪي تي پيئي جيڪا وڻ جي بلڪل هيٺاهين ڏار تي ويٺي هئي. بادشاهہ پنهنجن ماڻهن مان هڪ کي هڪدم حڪم ڏنو تہ ان جهرڪي کي گليل هڻي هيٺ ڪيراءِ.

سندس نوڪر اٿي بيٺو ۽ گليل ۾ مٽيءَ جو پڪل گليلو وجهي جهرڪي کي ٺڪاءُ ڪرايو. گليلو جهرڪيءَ کي جيئن ئي لڳو تہ اچي هيٺ ڦهڪو ڪيائين. بادشاهہ جهرڪي جهلي نوڪر کي ڏني تہ ان کي ڪهي ڇڏي.

نوڪر ڪپ تکوڪري جهرڪيءَ جي ڳچيءَ تي جيئن ئي رکيو تہ جهرڪيءَ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکک وٽ محفوظ

ڳالهايو: ”منهنجا همدرد بادشاهه! مهرباني ڪري هن ڪي ڪهڻ کان جهل. آئون تنهنجي جيتامڙن نوڪرن مان هڪ آهيان. مون کي جيڪڏهن مارينديــن تــه سڄي عمر پڇتائيندو رهندين ۽ ان کان علاوه مون اڪيليءَ کي ڪهڻ مان توکي ڇا ورندو جومون مان هڪ ٻوٽي به ڪا مس ٿيندءِ.“

جهرڪيءَ کي ڳالهائيندو ٻڌي بادشاهه کي ڏاڍي حيرت لڳي ۽ چيو: ”ڪمال آهي! جو هي پکي ڳالهائي به سگهي ٿو.“

جهرڪيءَ وري ڳالهايو: ”منهنجا حاڪم، منهنجي ڳالهه غور سان ٻڌ! آئون توهان جي انتظار ۾ هتي ڪيترن ڏينهن کان ويٺي هيس.“

بادشاهه پڇيس: ”اهو ڀلا ڪيئن؟“

جهرڪيءَ وراڻيو: ”گستاخي معاف! بادشاهه سلامت، مون کي پڙڏاڏي جو نياپو توهان کي ڏيڻو هو. منهنجي پڙ ڏاڏي مرڻ وقت هڪ تمام وڏو هيرو ڇڏيو هو. ان هيري جي ماپ توهان جي گوڏي جيڏي ٿيندي ۽ منهنجو پڙڏاڏو وصيت ڪري ويو ته هي هيروامانت آهي، جيڪا بادشاهه سلامت کي پهچائڻي آهي. ان ڪري آئون توهان جي راهه ۾ هر روز اوسيئڙو ڪندي رهيس ۽ پڪ هيم ته هڪ ڏينهن اهو ضرور ايندو. جڏهن منهنجي توهان سان ملاقات ٿي ويندي.“

جهرڪيءَ جي ڳالهه ٻڌي بادشاهه چيو: ”مون کي ته عجب ٿولڳي ته هي پکي پاڻ وانگر ڳالهائي به سگهي ٿو. ان ڪري مون کي هن جي ڳالهه تي يقين آهي. اسانکي ڏيڻ لاءِ هن وٽ پڪ ڪجهه آهي.“

جهرڪيءَ چيو: ”گستاخي معاف! بادشاهه سلامت! نه رڳو گوڏي جيڏو هيرو پر منهنجي پڙڏاڏي توهان ۽ توهان جي ماڻهن لاءِ هي نصيحتون به ڇيون آهن. جيئن انهن نصيحتن مان توهان جو ڀلو ٿي سگهي.“

بادشاهه تنهن تي چيو: ”مهرباني ڪري ٻڌاءِ ته اهي ڪهڙيون نصيحتون آهن جيئن آئون ۽ منهنجا ماڻهو اهي ٻڌي ڪجهه فيض حاصل ڪري سگهون.“

ان تي جهرڪيءَ بادشاهه کي ٻڌايو: ”منهنجا پيارا راجا منهنجي پڙڏاڏي توهان کي ٻڌائڻ لاءِ هي ٽي ڳالهيون چيون هيون. پهرين ڳالهه اها ته ڪنهن جي به مٿين ڳالهين تي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اعتبار نہ ڪجانءِ. ٻي ڳالهہ اها تہ. جيڪي ڪجهہ هتي مان هليو ويجي ان جي موٽي اچڻ جي اميد نہ رکجانءِ ۽ آخري نصيحت اها تہ جيڪي تنهنجو نہ رهيو آهي ان تي افسوس هرگز نہ ڪجانءِ. هاڻ مون کي اجازت ڏي تہ توهان لاءِ هيرو ڪڍي اچان. جيڪو منهنجي پڙڏاڏي امانت طور مون وٽ رکيو هو تہ هن ملڪ جي بادشاهہ جي حوالي ڪريان. اهو هن وڻ جي بلڪل چوٽ تي رکيو آهي."

بنا ڪنهن سوچ ويچار جي بادشاهہ سلامت حڪم ڏنو تہ هن جهرڪيءَ کي آزاد ڪيو وڃي.

جيڪو ماڻهو هن جهرڪيءَ کي ڪهڻ وارو هو تنهن جهرڪيءَ کي هڪدم آزاد ڪيو. جهرڪي اڏامي بادشاهہ جي ڪلهي تي اچي ويٺي. اتي پنهنجا ڪنپ چنبي لسا ڪيا ۽ پوءِ بادشاهہ کي چيو "گستاخي معاف، بادشاهہ سلامت! مهرباني ڪري توهان هتي ئي ترسو جيسين آئون وڻ جي مٿاهين چوٽيءَ تائين پهچان."

پوءِ جهرڪي وڻ جي سڀ کان مٿاهين چوٽيءَ ڏي اڏامڻ لڳي جتي ڪنهن بہ ماڻهوءَ جو گليلو پهچي نہ سگهي.

بادشاهہ ۽ هن جا ماڻهو ڪيتري دير تائين هن جي موٽڻ جو انتظار ڪندا رهيا. سيني چيو تہ اجها ٿي جهرڪي بادشاهہ لاءِ هيرو آڻي. پر ائين لڳو تہ جهرڪيءَ کان سندس ڪيل واعدو ئي وسري ويو آهي. هيرو آڻڻ تہ پوءِ جي ڳالهہ ٿي پر وڻ جي مٿاهين چوٽيءَ تي وڃي ويٺي تہ پوءِ اتان چري بہ نہ پئي. هر هڪ کي ڏاڍي دير ٿي رهي هئي. سج لهڻ ۾ باقي ڪي لمحا هئا. آخر بادشاه سلامت رڙ ڪري جهرڪيءَ کي چيو: "جهرڪي! ڪٿي آهي اهو هيرو جيڪو تنهنجي پڙڏاڏي مون کي ڏيڻ لاءِ تنهنجي حوالي ڪيو هو؟ هاڻ جلدي ڪڍي اچ جو مون کي گهر ڏي وڃڻ ۾ دير پئي ٿئي."

جهرڪيءَ جڏهن بادشاهہ جي واتان اها ڳالهہ ٻڌي تہ ڪلي ڪلي ڪيري ٿي ويئي ۽ پوءِ چيو: "بادشاهہ سلامت منهنجي ڳالهہ کي درگذر ئي ڪري ڇڏيو تہ تمام سٺو. توهان کي گهر وڃڻ کي دير ٿي رهي آهي تہ پلي هليا وڃو. هتي ترسي ڇو پيا آهيو؟ ڇا مون توهان کي اهو ٻڌايو نہ هو تہ ڪڏهن بہ ڪنهنجي منين ڳالهين تي اعتبار نہ ڪجو. هتي مان هلي ويل شيءِ جي موٽي اچڻ جو انتظار نہ ڪجو ۽ جيڪي توهان وٽ نہ رهيو آهي، ان تي افسوس هرگز نہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪجو. بادشاهه سلامت توهان پاڻ ڪجهه سوچيو: ”آئون پلا ڪيئن ايڏو توهان جي گوڏي جيڏو هيرو ڪٽي سگهان ٿي جڏهن ته آئون ئي ايڏي وڏي نه آهيان. مون ته اها ڪهاڻي فقط تنهنجي چنبي مان نڪرڻ لاءِ گهڙي ورتي هئي. تو ان تي يقين ڪري مونکي آزاد ڪري ڇڏيو. هاڻ آئون اهڙي هنڌ تي آهيان جتي ڪو منهنجو وار به ونگو نٿو ڪري سگهي. آئون تنهنجي پهچ کان بلڪل پري آهيان ۽ مون کي وري ڦاسائڻ جو تون سوچجانءِ به نه. مهرباني ڪري منهنجون اهي نصيحتون ياد رکجانءِ ۽ ٻين کي به اهي ٻڌائجانءِ. جيڪي ڪجهه توهان جي هٿن ۾ آهي ان جي چڱي طرح حفاظت ڪجو ۽ جيڪي ڪجهه گم ٿي ويو آهي ان جي واپسيءَ جي اميد نه رکجو. هاڻ بادشاهه سلامت! مهراني ڪري پنهنجي محلات ڏي روان ٿي وڃو متان رستي تي اونداهه نه ٿي وڃان.“

اهو چئي جهرڪيءَ پنهنجو پڇ مٿي ڪري وٺ لاٿي، وٺ سڌي اچي بادشاهه جي گليل تي ڪري جيڪو ان وقت مٿي ڏسي رهيو هو.

بادشاهه ڏاڍو لچارو ٿيو. هڪ ننڍڙي پکيءَ کيس بيوقوف بڻائي ورتو. ان بعد نهايت غمگين حالت ۾ محلات ڏي موٽيو.

جهرڪي ڪا دير بادشاهه ۽ ان جي ماڻهن کي ويندو ڏسندي رهي. ان بعد خوشيءَ مان اڏامي هوا ۾ ڦيريون پائڻ لڳي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# نيڪدل ديو

ڪنهن جبل تي هڪ ديو رهيو ٿي. هو تمام نيڪ هو ۽ غريبن جي تمام گهڻي مدد ڪندو هو. هو جڏهن شهر ڏي ايندو هو ته ڪونه ڪو ويس بدلائي ايندو هو. هڪ ڏينهن شڪاريءَ جي روپ ۾ گهوڙي تي سوار ٿي جهنگل مان گذري رهيو هو ته هڪ ماڻهوءَ کي ڪاٺيون ميڙيندو ڏٺائين. ديو پڇيو: ”ڀائو انهن ڪاٺين جو ڇا ڪندين؟“

”اڌ ته وڪڻي ڇڏيندس ۽ گهر جي ڀاتين لاءِ کائڻ جو سامان خريد ڪندس, باقي اڌ ٻارڻ لاءِ گهر کڻي ويندس.“ ماڻهو جواب ڏنو.

ديو پنهنجي گهوڙي ڏانهن اشارو ڪندي چيو: ”تون هي منهنجو گهوڙو کڻ ۽ هن کي سوداگر وٽ وڪڻي اچ. پر هن کان پنجاهه ڊالرن کان هڪ پائي به گهٽ نه وٺجانءِ. هو توکي گهٽ پئسا ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو. هو تمام ڪمينو ۽ لالچي آهي. هن جي ڳالهين ۾ هرگز نه اچجانءِ.“

هن ماڻهوءَ ديو جا ٿورا مڃيا ۽ گهوڙي تي چڙهي سوداگر وٽ پهتو. سوداگر کي گهوڙو تمام گهڻو پسند آيو. پر هن ان ماڻهوءَ کي قيمت گهٽ ڪرڻ لاءِ چيو پر هن انڪار ڪيو. سوداگر نيٺ پنجاهه ڊالر ڪڍي اهو گهوڙو خريد ڪيو. پنجاهه رپين ۾ هي گهوڙو تمام سستو هو.

لالچي سوداگرسوچيو ته هي گهوڙو ڪنهن هاريءَ کي ٻيڻي قيمت تي ڏئي پئسا ڪمائجن. هن گهوڙي کي پنهنجي اصطبل ۾ ٻڌو ۽ گراهڪ جي ڳولا ۾ ٻاهر نڪتو. جلدئي هن کي هڪ ابوجهه هاري ملي ويو. سوداگر هن کي سؤ روپين ۾ گهوڙو وٺڻ لاءِ راضي ڪري ورتو. پر جڏهن سوداگر هن غريب هاري کي اصطبل ۾ گهوڙو ڏيکارڻ لاءِ آيو ته گهوڙو اتان غائب ٿي چڪو هو. هو سمجهي ويو ته اها ديو جي لچائي آهي. هن کي ديو تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ هن کان بدلو وٺڻ جو سوچيو.

هوڏانهن ديو سوداگر کي وڌيڪ ستائڻ جو طريقو سوچيو. هو هڪ مزور جي روپ ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هن جي گهر آيو ۽ چوڻ لڳو: ”آئون هڪ غريب ماڻهو آهيان. مون وٽ رُڪي ماني کائڻ لاءِ به پئسا نه آهن.مون کي ڪا مزدوري ڏي ته ڪم ڪريان.“

سوداگر هن کي چيو: ”هنن ڪائين کي ڪارائيءَ سان ڪٽي ننڍا ننڍا ٽڪر ڪر.“

”مون کي ان ڪم جا ڪيترا پئسا ملندا؟“ ديو پڇيو.

”تون انهن مان جيڪي به ڪٽي سگهين ته ڪٽي وڃجانءِ.“ سوداگر چيو.

ديو چند منٽن ۾ سڀ ڪاٺيون وڍي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيون. ان ڪانپوءِ هُن سوداگر جي گهر جا دروازا، ڇتيون ۽ ڪاٺ جي هر شيءِ ڪٽي ورتي. ان ڪانپوءِ انهن سڀني ڪاٺين جي ٽڪرن کي پنهنجي پٺيءَ تي رکي غائب ٿي ويو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# چنڊ جي ڌيءَ

هڪ هئي ننڍڙي ڇوڪري. هن جا ماءُ پيءُ مري ويا هئا. هوءَ ويچاري گهر ۾ اڪيلي رهجي ويئي. هڪ شاهوڪار ماڻهو هن کي پنهنجي گهر وٺي آيو جتي هن ويچاريءَ کي تمام گهڻو ڪم ڪرڻو پيو ٿي. هن کي سڄي گهر لاءِ پاڻي ڀرڻو پيو ٿي ۽ سڄي گهر جي ڀاتين لاءِ ماني پچائڻي پئي ٿي. وچ ۾ جيڪو وقت مليس ٿي ان ۾ ٻارن جي سار سنڀال لڌيائين ٿي ۽ ان سڄي ڏينهن جي پورهئي جي عيوض هن کي بس ٻن وقتن جي رُکي سُکي ماني ملي ٿي. راند روند ته ٺهيو پري جي ڳالهه هن کي ڪن پل جو آرام نٿي مليو. شاهوڪار ماڻهو بيحد چالاڪ ۽ بي رحم هو ۽ هن جي زال ته هن کان به وڌيڪ اڳيان هئي.

هڪ رات جي ڳالهه آهي جڏهن آسمان تي چنڊ چمڪي رهيو هو ۽ ٻاهر تمام گهڻو سيءُ هو. شاهوڪار ماڻهوءَ جي زال هن نينگريءَ کي پاڻي ڀري اچڻ لاءِ چيو. هيءَ ٻارڙي پاڻي ڀرڻ لاءِ ٻاهر ويئي. جڏهن هوءَ تلاءَ وٽ پهتي ته سيءَ کان هن جا پير پٿر ٿي ويا. پاڻي به سڄو ڄميو برف ٿيو پيو هو. نينگريءَ برف جي مٿئين تهه ۾ سوراخ ڪيو ۽ پاڻيءَ جي باردي ڀري گهر ڏي واپس ورڻ لڳي. گهرجي ويجهو پهچي جيئن ئي هن در جو ڏاڪيون چڙهيون ته پير ترڪي ويس ۽ سڄو پاڻي هارجي ويس. ڇوڪري ڊڄي ويئي. ته هاڻ هوءَ ڇا ڪري. خالي باردي کڻي اندر گهر ۾ گهڙي نٿي سگهي. هوءَ دروازي جي ئي ٻاهر ويهي ڏڪندي رهي. مٿي آسمان ۾ چنڊ چمڪي رهيو هو ۽ هن ڏي ڏسي کلي به رهيو هو.

ڇوڪريءَ چنڊ کي چيو: ”اي چنڊ، ڇا تون نٿو ڏسين ته آئون ڪيتري ڏکويل آهيان. ڇا توکي مون تي ڪهل نٿي اچي. ڇا تون منهنجي مدد نه ڪندين؟ مونکي هنن ظالمن مان آزاد ڪر. هي مونکي ماري ڇڏيندا.“

چنڊ هن جي ظلم جو داستان ٻڌي هيٺ زمين تي لهي آيو. هو هڪ خوبصورت نوجوان جي ويس ۾ هو ۽ اڇي رنگ جي وڳي ۾ سهڻو لڳي رهيو هو. چنڊ جي وڏي پاءُ سڄ به هن ڇوڪريءَ جون آزيون نيزاريون ٻڌي ورتيون هيون ۽ هو به مرداڻي شڪل ۾ سونهري رنگ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جا ڪپڙا اوڊي زمين تي لهي آيو.

سچ چنڊ کي چيو: ”آئون هن ڏکويل ڇوڪريءَ کي وٺڻ آيو آهيان. هن کي منهنجي حوالي ڪري ڇڏ. ان ڪري جو آئون توکان وڏو آهيان.“

چنڊ ورندي ڏنس: ”اهو صحيح آهي تہ تون مون کان وڏو آهين ادا سج، پر هن وقت رات آهي، ۽ آئون رات جوبادشاهہ آهيان. هن نينگريءَ مون کان مدد گهري ۽ پهرين آئون هيٺ آيس. ان ڪري هن کي آئون وٺي ويندس.

چنڊ هن غريب ڇوڪريءَ کي پنهنجن ٻانهن تي کڻي آسمان ڏي اڏامي ويو. ان وقت کان وٺي هيءَ ننڍڙي ڇوڪري چنڊ ۾ رهي ٿي. جڏهن توهان چوڏهين جي سڄي چنڊ کي غور سان ڏسندائو تهان ۾ هيءَ ڪلندي ٻڌائيندي نظر ايندو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# آئون مرڻ چاهيان ٿو

”هيڏانهن! او ڇوڪرا! تون هن شهر ۾ رهين ٿو.“ اجنبيءَ پڇيو.

”هائو. ۽ تون ڪير آهين ۽ ڇا ٿو چاهين؟“ ڇوڪريءَ پڇيو.

”منهنجو نالو ڪارلو آهي. آئون بار سلونا (اسپين) کان آيو آهيان.“ اجنبي وراڻيو.

”بار سلونا؟ اهو ته تمام پري آهي. تمام پري.“

”ها. بلڪل صحيح ٿو چوين. آئون هڪ همراهه جي ڳولا ۾ هتي آيو آهيان. هو جهور پوڙهو آهي.“ ڪارلو چيو.

”هن ڳوٺ ۾ ته ڪيترائي پوڙها آهن.“ ڇوڪري چيو.

”هي پوڙهو سڀني کان وڏيڪ پوڙهو آهي. ماڻهو ٻڌائين ٿا ته هي هرگز نٿو مري. هو مري نٿو سگهي....“

”اها ڳالهه ڪر. هاڻ هن کي مون سڃاتو. هو هن ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي رهي ٿو. هو سامهون هڪ ننڍڙو گهر ڏسين پيو؟ هائو.... اهوئي. ڏس. هڪ مائي ان گهر ۾ گهڙي رهي آهي.

”اها ڪير آهي؟“ ڪارلو پڇيو.

”اها هن ڳوٺ ۾ ئي رهي ٿي. هوءَ ان پوڙهي لاءِ روزانو ماني کڻي ويندي آهي. هو تمام گهڻو پوڙهو ۽ بيمار آهي. هن جي ڪابه زال، ٻار يا دوست نه آهن. اهي سڀ ڪڏهوڪو مري ويا. سڀ جا سڀ هاڻ ڪير نه رهيو آهي.“ ڳوٺ جي ڇوڪر ٻڌايو.

”مون کي هن وٽ ضرور وڃڻ کپي.“ ڪارلو چيو.

”نه. بهتر آهي ته هن وٽ نه وڃ، اجنبي!“ ڇوڪر چيو.

ڪارلو پنيان مڙي ڇوڪر کي ڏٺو.

”ڇو ڀلا؟“

”ان لاءِ جو هي پوڙهو ماڻهو اسان وانگر ناهي. هو نه ته اسان وانگر ڳالهائي سگهي ٿو ۽ نه هن کي اسان جي ٻولي سمجهه ۾ اچي ٿي. هو اسان کي هر وقت ڪجهه ٻڌائڻ جي ڪوشش

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪري ٿو پر اسان کي سندس اکر بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي. هو اها ساڳي ڳالهہ ذري ورجائيندو رهي ٿو.“

”مون کي هن سان ضرور ملڻ کپي، نوجوان ڇوڪرا.“ ڪارلو پڪي ارادي سان چيو.

ڪارلو ان ٽڪريءَ ڏي روانو ٿي ويو جتي هن پوڙهي ماڻهوءَ جو گهر هو. هن وٽ پهچڻ تي هن ڏٺو تہ ان جو اڳيون در کليل هو سو هي اندر گهڙي ويو. اندر گهڙڻ سان سامهون کيس هڪ ماڻهو نظر آيو. هي بيحد پوڙهو، ڏٻرو ۽ بيمار نظر اچي رهيو هو.

”آئون توسان ڳالهائڻ چاهيان ٿو.“ ڪارلو چيس، ”آئون اندر اچي سگهان ٿو؟“

پوڙهي ماڻهوءَ ڪجهہ ڳالهايو پر اهي لفظ ان اسپيني زبان جا نہ هئا جيڪا بارسلونا ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. اهي هڪ تمام قديمي زبان جا هئا.

ڪارلو هن جي سامهون ٿي بيٺو ۽ پوءِ هن ساڳي پراڻي ٻوليءَ ۾ ’هيلو‘ چئي کيڪار ڪيس.

اهو ٻڌي پوڙهي ماڻهوءَ جي اکين مان خوشيءَ وچان ڳوڙها ڳڙي آيا.

”تون منهنجي زبان ڳالهائي سگهين ٿو! تون منهنجي ڳالهہ سمجهي سگهين ٿو!“ پوڙهي پڇيو.

”هائو“ ڪارلوس وراڻيس، ”آئون توکي سمجهي سگهان ٿو ڇو جو تعليم دوران آئون جهونين زبانن جو شاگرد هوس، پر مون کي اهو تہ ٻڌاءِ توکي اها زبان ڪيئن اچي ٿي. اها زبان تہ ايڏي پراڻي آهي جو اڄڪلهہ ان کي ڪير بہ نٿو ڳالهائي.“

”ان لاءِ توکي منهنجي ڪهاڻي ٻڌڻي پوندي.“ پوڙهي ماڻهوءَ جهيڻي آواز ۾ چيو.

”آئون پنهنجي وقت جو وڏو امير ماڻهو هوس. مون کي پنهنجي زندگيءَ سان ۽ دولت سان پيار هو. هڪ ڏينهن منهنجي گهر ۾ هڪ ماڻهو آيو.

’ٻاهر مينهن پيو پوي،‘ هن چيو ’آئون سڄو پسي ويو آهيان تڏ ڪري ڏڪي بہ رهيو آهيان. آئون اندر اچي سگهان ٿو؟‘

’هائو،‘ مون وراڻيومانس ۽ ماڻهو اندر گهڙي آيو.

اندر اچي گهر جي هر هڪ خوبصورت شيءِ کي هن غور سان جانچيو.

’تون شاهوڪار ماڻهو آهين،‘هن چيو. ’تو وٽ دنيا جي هر شيءِ آهي.‘

’نہ. نہ‘ مون هن کي چيو. ’تون غلط آهين. هر شيءِ نہ اٿم.‘

’چا پلا تو وٽ نہ آهي؟‘ هن پڇيو.

’مون کي وڏي ڇمار ڪپي. آئون هميشہ لاءِ جيئڻ گهران ٿو. آئون مرڻ نٿو چاهيان.‘

’آئون توکي وڏي ڇمار ڏئي سگهان ٿو. پر چا توکي پڪ آهي تہ حياتي ملڻ تي تون خوش رهي سگهندين؟ چا توکي واقعي ڊگهي حياتي ڪپي؟‘

’ها, مون کي بلڪل ڪپي‘, مون هن کي جواب ڏنو.

’آئون هن ڪتاب تي ڪجهہ لفظ لکان ٿو. هر شيءِ فنا ٿيڻي آهي. پر تون تيستائين جيئرو هوندين جيسين هيءَ منهنجي لکٽي ۽ ڪتاب سلامت هوندو. ان کان اڳ تون مري نہ سگهندين. هاڻ هي ڪتاب ڪٿي پري سوگهو ڪري رک. اهو تنهنجي زندگي آهي.‘

آئون نوجوان هوس ۽ مون ان وقت سدائين لاءِ جيئڻ چاهيو ٿي. سو ان ڪتاب کي پري حفاظت سان ڪري رکيم. ۽ پوءِ آئون جيئرو رهيس.... سالن جا سال.... ۽ سال. ۽ هينئر تنهنجي سامهون آهيان_ اجا تائين جيئرو جاڳندو. منهنجا سڀ مٽ مائٽ ۽ دوست يار مري چڪا آهن. آئون ايڏو تہ پوڙهو ٿي چڪو آهيان جو هاڻ نہ تہ هلي سگهان ٿو ۽ نہ ڪرسيءَ تان اٿي سگهان ٿو. آئون هاڻ مرڻ چاهيان ٿو پر مري بہ نٿو سگهان. آئون ڳالهائڻ چاهيان ٿو پر جهوني جڳ جي ماڻهن مان اڄ ڪوبہ جيئرو ناهي جيڪو منهنجي زبان سمجهي. ڪوبہ مونسان ڳالهہ نٿو ڪري سگهي, اڄ تو اچي ڳالهايو آهي. ڪوبہ ماڻهو منهنجي مدد نٿو ڪري سگهي. آئون مرڻ چاهيان ٿو. مهرباني ڪري منهنجي مدد ڪر!“

”پر ڪهڙيءَ طرح؟“ ڪارلو چيو.

”اهو جهونو ڪتاب مون کي هڪدم آڻي ڏي. اهو ڪتاب باغيچي جي ڪنڊ واري ڪمري ۾ آهي. مهرباني ڪري اهو ڪتاب ان ڪمري جي ڪٻٽ مان ڪڍي اچ ۽ هينئر جو هينئر ان کي باهہ ۾ وجهي ٻاري ساڙي ڇڏ.“

ڪارلو ان ڪمري ڏي هليو ويو ۽ ٿوري دير بعد اهو ڪتاب ڪڍي آيو. پوڙهي ماڻهوءَ هن کان ڪتاب وٺي باهہ ۾ اڇلايو.

۽ پوءِ ٻئي ڄڻا ان ڪتاب کي باهہ ۾ سڙندو ڏسڻ لڳا.

”ڏس ڪتاب سڙي رهيو آهي!“ ڪارلو چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”هائو هاڻ آئون بيحد خوش آهيان.“ پوڙهي ماڻهوءَ چيو.

”مهرباني تنهنجي،“ پوڙهي ماڻهوءَ ڏکهو ساهہ کڻي ڪارلو کان موڪلايو. ”منهنجي ڏکهي زندگيءَ جي پڇاڙي ٿي رهي آهي ۽ آئون بيحد خوش آهيان.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# گڏهه جي ڪنن وارو شهزادو

گهڻو گهڻو اڳ جي ڳالهه آهي ته ڪنهن ولايت ۾ هڪ بادشاهه رهندو هو. هن کي مال ملڪيت ته اڻ ميو هو پر ڪوبه اولاد نه هوس. هن کي ٻارن سان بيحد گهڻو پيار هو ۽ هن چاهيو ٿي ته هن کي به ڪو ٻار هجي جيڪو سڄي محلات ۾ کيڏندو رهي. آخر ڪو چارو نه ڏسي هن پرين کان مدد وٺڻ چاهي. هن کي ڪنهن ٻڌايو ته ان ڏس ۾ تنهنجي مدد پريون ئي ڪري سگهن ٿيون، جيڪي جهنگل ۾ رهن ٿيون.

آخر هڪ ڏينهن هو تيار ٿي پرين سان ملڻ لاءِ جهنگل ۾ پهتو. اتي جهنگل ۾ رهندڙ ٽئي پريون هن سان مليون ۽ هن ساڻن پنهنجي دل جو حال اوريو. پرين هن جي سڄي ڳالهه غور سان ٻڌي، پوءِ اها خوشخبري ٻڌائي ته ڪيس سال جي اندر اندر هڪ شهزادو ڄمندو.

بادشاهه اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. پنهنجي محلات ۾ پهچڻ سان پنهنجي راڻيءَ کي پهرين اها ڳالهه ٻڌائي ان بعد سڄي ملڪ ۾ خوشيون ملهايون ويون. پوءِ پوري هڪ سال هڪ ڏينهن بعد بادشاهه سلامت جي گهر ۾ هڪ پٽ ڄائو. رات جو ٽئي پريون مبارڪ ڏيڻ آيون ۽ هر هڪ پريءَ شهزادي لاءِ تحفو ڏنو.

پهرين پريءَ چيو: "تون دنيا جو سڀ کان سهڻو شهزادو ٿيندين."

ٻي پريءَ چيو: "تون دنيا جو سڀ کان گهڻو عقلمند ۽ نيڪدل شهزادو ٿيندين."

ٽين پريءَ سوچيو ته پهرين ۽ ٻي پريءَ دنيا جون تمام خوبيون هن شهزادي کي ڏئي ڇڏيون آهن. ائين نه ٿئي ته هي وڏو ٿي مغرور ٿئي. سو هن ڪجهه دير سوچي سوچي پوءِ دعا بدران بددعا ڏني: "شهزادا تنهنجا ڪن گڏهه جي ڪنن جهڙا وڏا ٿيندا. جيئن تون مغرور نه ٿي وڃين." ان بعد ٽئي پريون غائب ٿي ويون.

شهزادو وڏو ٿي واقعي گهڻو خوبصورت، عقلمند ۽ نيڪدل ٿيو. پر انهن مڙني ڳالهين سان گڏ گڏ هن ۾ هڪ عجيب ڳالهه به ٿي. هن جا ڪن گڏهه جي ڪنن جهڙا ڊگها ۽ ٻي ڊولا ٿي پيا. بادشاهه ان ڊپ کان ته ڪٿي ماڻهن کي معلوم نه ٿي وڃي ته هن جي پٽ جا گڏهه جي

ڪنن جهڙا ڪن آهن. ڪيترن ڏينهن تائين شهزادي جي حجامت ئي نہ ڪرائي. پر هڪ نہ هڪ ڏينهن تہ هن جي حجامت ٿيڻي هئي.

آخر وڏي سوچ ويچار کان پوءِ بادشاهہ هڪ حجام گهرايو ۽ هن کي محلات ۾ ٽڪڻ لاءِ ڪمرو ڏئي ڇڏيو. هن جو ڪم فقط اهو هو تہ هو شهزادي جا وار ڪتري ۽ ان جي هو ڪنهن سان بہ ڳالهہ نہ ڪري تہ شهزادي جا ڪن ٻيڏولا ۽ ڊگها آهن.

حجام محلات ۾ مفت جي رهائش ۽ کاڌو پيتو حاصل ڪري ڏاڍو خوش ٿيو. هن بادشاهہ سلامت سان واعدو ڪيو تہ اها راز جي ڳالهہ هو دل ۾ ئي رکندو ۽ هو ڪنهن بہ بني بشر سان شهزادي جي ڪنن جي ڳالهہ نہ ڪندو.

حجام ڪجهہ عرصي لاءِ تہ ماٺ ماٺ ۾ گذر ڪندو رهيو پر دل ۾ سانڍيل اهو راز هن جي سيني تي پٿر وانگر ڳرو ٿيڻ لڳو. هن کي هر وقت عجيب مونجهہ ۽ بار محسوس ٿيڻ لڳو. هن چاهيو ٿي تہ ڪنهن سان ا هو راز کولي پنهنجي دل جو بار هلڪو ڪري.

آخر هڪ ڏينهن تمام گهڻو تنگ ٿي هو هڪ فقير وٽ ويو ۽ هن سان سڄي ڳالهہ ڪئي. فقير کيس چيو تہ هينئن ڪر جو جهنگل ۾ هليو وڃ اتي هڪ وڏو کڏو کوٽي ان کي سڄي ڳالهہ ٻڌائي ڇڏ. اهڙي طرح تنهنجي دل جو بار هلڪو ٿي ويندو.

حجام جهنگل ۾ پهچي فقير جي چوڻ مطابق هڪ وڏو کڏ کوٽيو پوءِ ان ۾ منهن وجهي سڄو راز ٻڌايو. ان کانپوءِ هن جي دل جو بار واقعي هلڪو ٿي ويو ۽ هو خوش پاش محلات ۾ واپس پهتو.

هاڻ هڪ عجيب ڳالهہ رونما ٿي. جتي حجام کڏو کوٽيو هو اتي هڪ ڪانڊيري جو وڻ ڦٽي پيو ۽ اهو وڻ ڏينهون ڏينهن ويو وڏو ٿيندو. هڪ ڏينهن هڪ جوڳي فقير اتان اچي لنگهيو. هن هيڏو وڻ جو ڏٺو سو ان کي وڍي ان مان هڪ بانسري ناهي جڏهن هن انکي وڄايو تہ هن مان آواز نڪتو.

ٻڌو هڪ ڳالهہ سڀ انسانو ۽ جن
شهزادي کي اٺانوَ گڏهہ جا ڪن.

ان بعد جوڳي فقير جتي بہ ۽ جڏهن بہ بانسري وڄائڻ لڳو تہ منجهانئس ساڳيو آواز نڪرڻ لڳو:

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”ٻڌو هڪ ڳالهه سڀ انسانو ۽ جن
شهزادي کي اٺانوَ گڏهه جا ڪن.“

بادشاهه کي اهو ٻڌي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. هن سوچيو تہ جوڳي فقير کي اها ڳالهه سواءِ حجام جي ڪو ٻيو ٻڌائي نٿو سگهي. بادشاهه هڪدم پنهنجن سپاهين کي حڪم ڪيو تہ محلات ۾ رهندڙ حجام جو هڪدم ڪنڌ ڪپيو وڃي.

بادشاهه جي اها ڳالهه ٻڌي شهزادو اڳيان وڌيو ۽ هٿ ادب جا ٻڌي پنهنجي پيءُ بادشاهه سلامت کي عرض ڪيو: ”سائين منهنجا، توهان ويچاري غريب حجام کي سزا ڇو ڏيئي رهيا آهيو؟ هن جي ڳالهه ڪئي بہ آهي تہ اها سچي ڳالهه ڪئي آهي. هڪ حقيقت کي لڪائڻ مان ڇا فائدو. جيڪا شيءِ توهان ماڻهن کان هيترو وقت لڪائي رکي، اها هاڻ عوام کي ڏيکارڻ ئي بهتر آهي. خدا جي گهريو تہ مون ۾ ان عيب هجڻ جي باوجود بہ آئون پنهنجي رعيت جو پيارو بادشاهه ثابت ٿيندس.“ اهو چئي شهزادي پنهنجي ٽوپي لاهي ڇڏي.

بادشاهه جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا ۽ هن حجام کي ان ئي وقت معاف ڪري ڇڏيو. ان ئي وقت هڪ عجيب ڳالهه ٿي. شهزادي جا گڏهه جي ڪنن جهڙا ڪن هڪدم غائب ٿي ويا ۽ هن جي جاءِ تي انسانن جي ڪنن جهڙا ڪن اچي ويا.

اصل ۾ ڳالهه هيءَ ٿي تہ شهزادي جي سچائي ۽ نيڪيءَ جي ٽين پرين کي خبر پئجي وئي تہ هي شهزادو مغرور نہ ٿيندو. انڪري هن پنهنجي بددعا واپس وٺي ڇڏي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# شينهن ۽ ٻڪري

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته هڪ پوڙهي ٻڪري پنهنجي ڌڻ کان جدا ٿي وئي. شام ٿي چڪي هئي ۽ هاڻ آهستي آهستي رات جي اونداهي ڇائنجي رهي هئي. ٻڪريءَ کي تمام پري هڪ ڏورانهين ڳوٺ ڏي وڃڻو هو پر هاڻ ههڙي اونداهه ۾ هوءَ اڪيلي سر وڃي نٿي سگهي. هن ڪٿي ويجهڙائيءَ ۾ ئي رات گذارڻ جو فيصلو ڪيو.

هوءَ ٿورو اڳتي هلي ته هن کي هڪ غار نظر آئي. ٻڪريءَ ان غار ۾ لڪي رات گذارڻ چاهي ٿي. هوءَ ان غار ۾ اندر هلي وئي.

ان غار ۾ هڪ خوفناڪ شينهن پڻ رهيو ٿي. شينهن کي ڏسي ٻڪريءَ جو ته ساهه ئي سڪي ويو. هوءَ نه ته ڀڄي سگهي ٿي ۽ نه وري شينهن سان وڙهي سگهي ٿي. ايتري ۾ هن جي دماغ ۾ هڪ اٽڪل اچي وئي. هن وڏي آڪڙ مان پنهنجو ڪنڌ اڀو ڪري، شينهن جي اکين ۾ اکيون ملائي هن کي ڪاوڙمان گهورڻ لڳي.

شينهن جو اهو لقاءُ ڏٺو ته هن کي پنهنجين اکين تي يقين ئي نه آيو. اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به جانور کي اها همت نه ٿي جو هن جي غار جي ٻاهران به لنگهي سگهي سو اڄ ٻڪريءَ جهڙي جانور رات جي وقت اندر غار ۾ گهڙي اچڻ جي همت ڪيئن ڪئي ۽ سو به وڏي رعب تاب سان. شينهن ڪا دير ته هن ٻڪريءَ کي وائڙن وانگر ڏسندو رهيو. پوءِ چيو:

”تون ڪير آهين ۽ هتي ڪيئن آئي آهين؟“

”آئون ٻڪرين جي راڻي آهيان. مون قسم کاڌو آهي ته هڪ سؤ چيتا، پنجويهه هاٿي ۽ ڏهه شينهن جيئرا چٻاڙي کائيندس. اجا تائين مون سؤ چيتا ۽ پنجويهه هاٿي ته کائي ورتا آهن. هاڻ ڏهه شينهن جي ڳولا ۾ آهيان.“

شينهن اهو ٻڌي ڏڪي ويو. هن سوچيو ته ٿي سگهي ٿو ته هيءَ ٻڪري واقعي سچ چئي رهي هجي. شينهن ڏڪندي نئڙت مان چيو: ”آئون مرڻ کان اڳ درياهه ۾ وهنجڻ چاهيان ٿو.“ ٻڪريءَ وڏي رعب سان هن کي موڪل ڏيندي چيو: ”چڱو وڃ. جلدي وهنجي صاف

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سٽرو ٿي اچ.“ اهو ٻڌڻ سان شينهن گوليءَ وانگر غار مان ٻاهر نڪري ويو. رستي تي هن کي گدڙ مليو. گدڙ شينهن جا هي حال ڏسي پڇيس: ”اي جهنگل جا راجا، تون ڪيڏانهن پيو وڃين؟“

شينهن وراڻيس: ”اج رات غار ۾ هڪ اهڙو جانور اچي نڪتو آهي جيڪو لڳي ٿو ٻڪريءَ جهڙو ٿو پر هو شينهن کي به کايو وڃي. آئون هن کان جان بچائي ڀڄو آهيان.“

ڏاهو گدڙ شنيهن جي ڳالهه مان صحيح صورت جو اندازو لڳائي ورتو ۽ کلندي شينهن کي چيو: ”اي جهنگل جا بادشاهه توهان سان نسوروئي دوکو ٿيو آهي. آئون سمجهي ويو آهيان ته توکي بيوقوف بنايو ويو آهي. هاڻ هل ته واپس هلون ۽ شاندار دعوت جو مزو ماڻيون.“

غار ۾ پهچڻ تي ٻڪريءَ جهڙو ئي شينهن ۽ گدڙ کي ايندو ڏٺو ته هوءَ گهبرائجي وئي ته هاڻ هن جو خير ناهي ۽ سندس اٽڪل جا پول پڌرا ٿي ويا آهن. پر ان هوندي به ٻڪريءَ همت نه هاري. هن ڪاوڙ واري منهن سان گدڙ کي سخت نفرت مان گهوري ڪڙڪ آواز ۾ چيو: ”اي نادان گدڙ مون توکي ڏهه شينهن آڻڻ لا چيو هو ۽ تو فقط هڪ ئي آندو آهي. آئون توکي ان نافرماني جي تمام وڏي سزا ڏيندس.“

اهو ٻڌي شينهن کي اهو خيال آيو ته گدِڙ هن سان دوکو ڪيو آهي ۽ گدڙ هن جو همدرد هجڻ بدران هن ٻڪريءَ سان مليل آهي. اهو سوچي شينهن کي سخت ڪاوڙ لڳي ۽ هڪ ئي ڇلانگ ۾ گدڙ جا به ٽڪر ڪري ورتا ۽ پوءِ اهڙو وٺي ڀڳو جو پنيان مڙي به نه ڏٺائين.

شينهن جي ٽرڻ کان پوءِ ٻڪريءَ آرام سان غار ۾ سمهي ننڊ ڪئي. هن جي دليري ۽ همت سندس جان بچائي ورتي نه ته ان رات هوءَ شينهن جي پيٽ ۾ هجي ها. شينهن ويچارو پنهنجي بيوقوفيءَ ۽ ڊچڦٽي ڪري سڄي رات جهنگل ۾ ڀٽڪندو رهيو.

# سهو ۽ لومڙي

هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن لومڙي ۽ سهو تمام گهاٽا دوست هئا. ان زماني ۾ سهي جا ڪن ننڍا ۽ پڇ ڊگهو هوندو هو. هڪ ڏينهن انهن ٻنهي مڇي ڦاسائڻ جو پهه ڪيو. پر هنن وٽ مڇيءَ کي ڦاسائڻ لاءِ نه ڪنڊو هو ۽ نه وري ڪا ڄار. لومڙيءَ چيو: ”ميان سها، تنهنجو ايڏو ڊگهو پڇ آخر ڪهڙي ڪم ايندو؟ هل ته هلي ان سان مڇيون ڦاسايون.“

ٻئي ڇٽا درياهه تي پهتا. سهو درياهه جي ڪناري تي اڳين ٽي ويٺو جو سندس پڇ پاڻيءَ اندر هليو ويو. هاڻ هو ان ڳالهه جو انتظار ڪرڻ لڳو ته جيئن ئي ڪا مڇي هن جي پڇ کي جهلي ته هو هن کي ٻاهر ڇڪي وٺي.

چالاڪ لومڙي ڪناري کان ٿورو پرتي آرام سان ويٺي هئي.

ٿوري دير ڪانپوءِ سهي کي ڪجهه ائين معلوم ٿيو جيئن ڪنهن هن جي پڇ کي جهلي ورتو آهي. هن لومڙي کي رڙ ڪري چيو: ”ماسي لومڙي، لڳي ٿو ته هڪ تمام وڏي مڇي منهنجي پڇ کي چهٽي وئي آهي.“

لومڙي ڊوڙي آئي ۽ درياهه ۾ ليئو پائي چيو: ”مارا هيءَ ته مڇي نه پر هڪ تمام وڏي ڪمي آهي. ماڳهين اها توکي درياهه ۾ نه ڇڪي وڃي.

”هاڻ ڇا ٿيندو؟ مونکي بچاءِ نه ته آئون مري ويندس. منهنجا پير پيا ترڪن. اجهو ته پاڻيءَ ۾ ڪريس“. سهي دانهون ڪيون.

لومڙي ٻل ڏئي سهي جي ڪنن کي ڪٽي جهليو ۽ پاڻ ڏي ڇڪڻ لڳس. هوڏانهن پوري زور سان ڪمي سهي جو پڇ پاڻ ڏي ڇڪڻ لڳي ۽ هيڏانهن لومڙيءَ ڪنن کان جهلي سهي کي پاڻ ڏي ڇڪڻ لڳي. آخر لومڙيءَ سهي کي پاڻيءَ کان ٻاهر ڪڍي ورتو پر هي ڇا ٿي ويو؟ سهي جا ڪن، ڇڪڻ سان، تمام ڊگها ٿي وياهئا ۽ هوڏانهن ڪمي سندس اڌ کان وڌو پڇ چڪ هڻي ڪٽي وئي.

پوءِ ته ان ڏينهن کان سهي جاڪن ڊگها ۽ پڇ ننڍو ٿي ويو. پر ان مان سهي کي اهو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

فائدو ضرور ٿيو ته هو پنهنجن ٻڌڻ ڪنن ذريعي ڪڪ پن جي چرپر جو هلڪو آواز به ٻڌي سگهيو ٿي ۽ پڇ نندو ٿيڻ ڪري هاڻ هوءَ لومڙيءَ ڪان به تکو ڊوڙي سگهي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ٻارهن مهينا

هڪ ڏينهن هڪ پوڙهي عورت پنهنجي ٻنيءَ مان گوبي پٽڻ لاءِ نڪتي. رستي تي هڪ غار آئي تي جنهن ۾ ٻارهن ماڻهو رهيا ٿي. انهن هن پوڙهي مائيءَ کي سڏي چيو: ”ماسي، اهو ته ٻڌاءِ ته سڀ کان سٺو مهينو ڪهڙو آهي؟“

”سڀيئي مهينا سٺا آهن، پٽ.“ پوڙهيءَ چيو. ڏس نه جنوريءَ ۾ اڇي اڇي ڪير جهڙي برف وسي ٿي، فيبروري ۾ مينهوڳي رهي ٿي ۽ مارچ ۾ چوڌاري گل گلڪاري ٿيووڃي. باقي سال جا مهينا به تمام سٺا آهن.“

”ماسي، تو اسان سڀني جي تعريف ڪئي. ان ڪري اسان توکي انعام ڏيڻ چاهيون ٿا. توکي خبر آهي ته اهي ٻارهن مهينا اسين آهيون.“

هنن پوڙهيءَ جي ڇٻڙي ۾ سونين گنين جو ڍير وجهي ڏنو. پوڙهيءَ هنن جا ٿورا مڃيا ۽ پنهنجي گهر ڏي رواني ٿي. گهر پهچي هن پنهنجن ٻارن کي سونيون گنيون ڏيکاريون۽ هنن کي چيو: ”هاڻ ٻاڻ تمام گهڻو شاهوڪار ٿي وينداسين. ڏسو ته مون ڪيترو سون آندو آهي.“

ان وقت پوڙهيءَ جي هڪ پاڙيسري اتي اچي نڪتي. هن جو سون جون ايتريون گنيون ڏٺيون ته هن جون اکيون ئي ڦاٽي ويون. مائيءَ هن کي ٻارنهن مهينن جي مٿان کان وٺي ڳالهه ٻڌائي.

پوڙهيءَ جي پاڙيسرياڻي تمام لالچي هئي.هو ان ئي وقت ڊوڙندي ڊوڙندي غار جي منهن وٽ پهتي جتي اهي ٻانهن ماڻهو رهيا ٿي. هنن هن کي به اندر سڏيو ۽ ڪائنس پڻ ساڳيو سوال پڇيو: ماسي سڀني ۾ ڪهڙو مهينو سٺو آهي؟“

پاڙيسرياڻيءَ چيو: ”سچ جي پڇو ته حقيقت ۾ ڪوبه مهينو سٺو ناهي. ڏسو نه، جنوريءَ ۾ برف پوي ٿي، فيبروري ۾ مينهن وسي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح هر مهيني ۾ ڪانه ڪا مصيبت نازل ٿئي ٿي.“

”تنهنجي وڏي مهرباني، ماسي. پنهنجي ٿيلهي ڏي ته ان ۾ توکي انعام طور ڪجهه

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وجهي ڏيون.

ٻارهن مهينن هن پاڙيسرياڻيءَ جي ٿيلهي پري مٿان پنن سان ڍڪي ڏني. هوءَ پوءِ پنهنجي ٿيلهي کڻي گهر ڏي رواني ٿي. سڄي واٽ سوچيندي آئي ته گهر پهچي ڏسي ته ٻارهن مهينن هن کي ڇا ڏنو آهي.

جڏهن هوءَ گهر پهتي ته ٻارن کي چيو: ”هاڻ ٻارڻ به هن پوڙهي وانگر شاهوڪار ٿي ويندا سين.“ اهو چئي هن پنهنجي ٿيلهي ميز تي اونڌي ڪئي پر ٿيلهيءَ مان سونيون گنيون نڪرڻ بدران رڳو پٿر ۽ پٿريون نڪتيون. پاڙيسرياڻيءَ کي تمام گهڻي ڪاوڙ لڳي ۽ ڊوڙندي ڊوڙندي پوڙهي وٽ پهتي.

پوڙهيءَ پڇيس: ”جڏهن هنن ٻارهن ماڻهن توکان اهو پڇيو ته سڀ ۾ سٺو مهينو ڪهڙو آهي ته تو ڇا جواب ڏنو؟“

”مون ته صاف صاف چيو مان ته مئا ڪوبه مهينو سٺو نه ٿيندو آهي.“ پاڙيسرياڻيءَ چڙ مان ٻڌايو.

”پوءِ ته بلڪل صحيح آهي. توسان ائين ئي ٿيڻ کپندو هو. ڀلا ڪير پنهنجي گلا ٻڌي انعام ڏيندو.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ماڪ جي ڦڙن جو تاج

فلپين جي ڪنهن ٻيٽ جي ڪنهن بادشاهہ کي اولاد ۾ فقط هڪ ئي ڌيءَ هئي. هو تمام گهڻو ضدي هئي. هڪ ڏينهن هوءَ صبح جو سوير باغ ۾ پسار ڪرڻ لاءِ نڪتي تہ هن کي گلن ۽ پنن تي ماڪ جا ڦڙا چمڪندي نظر آيا. ماڪ جا هي ڦڙا انهن هيرن کان وڌيڪ چمڪندڙ ۽ سهڻا لڳي رهيا هئا، جيڪي شهزاديءَ وٽ هئا.

شهزادي سڌي محل ڏي موٽي ۽ بادشاهہ کي چيو: ”مون کي ماڪ جي ڦڙن جو هڪ تاج ٺهرائي ڏي. جيستائين مون کي تاج نہ ملندو، آئون نہ کائينديس نہ پيئنديس.“ اهو چئي شهزادي ڪمري جو دروازو بندڪري ڇڏيو ۽ چادر ڍڪي پلنگ تي سمهي رهي.

بادشاهہ سمجهيو ٿي تہ ماڪ جي ڦڙن مان تاج ٺهي نٿو سگهي. تنهن هوندي بہ هن پنهنجي لاڏلي ڌيءَ جو ضد پورو ڪرڻ لاءِ شهر جي سيني سونارن کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ انهن کي چيو تہ ٽن ڏينهن اندر ماڪ جي ڦڙن جو تاج ٺاهي منهنجي اڳيان حاضر ڪريو نہ تہ توهان کي سخت سزا ڏني ويندي. ويچارا سونارا منجهي پيا تہ ماڪ جي ڦڙن جو تاج ڪيئن ٺاهجي.

انهن سونارن ۾ هڪ پوڙهو سونارو تمام گهڻو عقلمند هو. سوچي سوچي هن جي دماغ ۾ هڪ اٽڪل آئي. هو ٻئي ڏينهن صبح جو بادشاهہ جي محل جي دروازي تي آيو ۽ سپاهين کي چيو تہ هو شهزاديءَ جو تاج ٺاهڻ آيو آهي. سپاهي هن کي شهزاديءَ وٽ وٺي ويا. پوڙهي سوناري شهزاديءَ کي جهڪي سلام ڪيو ۽ چيو: ”شهزادي صاحبا، آئون توهان جو تاج ٺاهڻ آيو آهيان پر منهنجو هڪ ننڍڙو عرض آهي.“

”پوڙها سونارا وڏي دل ڪري ٻڌا تہ تون ڇا ٿو چوڻ چاهين؟“ شهزاديءَ چيو.

سوناري چيو: ”توهان باغ ۾ هلي مون کي ماڪ جا اهي ڦڙا ڪڍي ڏيو جن جو توهين تاج ٺهرائڻ چاهيو ٿيون. جيڪي جيڪي ڦڙا توهين پسند ڪري مون کي ڏينديون انهن جو ان ئي وقت توهان کي تاج ٺاهي ڏيندس.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

شهزادي سوناري سان گڏ باغ ۾ وئي. گلن ۽ پنن تي ماڪ جا هيرن جهڙا ڦڙا چمڪي رهيا هئا پر شهزاديءَ جنهن ڦڙي کي به هٿ ثي لاٿو ته هن جي آڱر تان پاڻيءَ وانگر وهي ثي ويو.

اهو لقاءُ ڏسي شهزاديءَ کي پنهنجي غلطي جو احساس ٿيو ۽ پوڙهي سوناري کان معافي ورتي- دل ئي دل ۾ پڪو پهه ڪيو ته هوءَ هاڻ آئينديڪڏهن به اهڙو ضد نه ڪندي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# پکين جو بادشاهه

هڪ حبشي هاري پنهنجي ٻني کي هر ڏئي رهيو هو ته ايتري ۾ پکين جو بادشاهه هن جي ويجهو آيو ۽ چوڻ لڳس: ”آئون تو ڏي سؤ پکي موڪليندس. هو تنهنجي ڪم ۾ مدد ڪندا. اهڙي طرح تنهنجو ڪم جلد ئي ختم ٿي ويندو.“

پکين واهه جو ڪم ڪيو ڏسندي ئي ڏسندي هن جي سڄي زمين ٿونگن ۽ پيرن سان کيڙي ڇڏي ۽ هر هلائڻ کان بچي ويو. ٻئي ڏينهن هاريءَ ڌرتيءَ تي ڪڻڪ جو ٻج ڇٽڻ ٿي چاهيو. هن دفعي پکين جي بادشاهه هن جي مدد لاءِ پورا ٽي سؤ پکي موڪلي ڏنا. هاري جو هفتي جو ڪم ڪجهه ڪلاڪن ۾ ٿي ويو.

جڏهن فصل پچي راس ٿيو ته هاري هن کي ڪپڻ جي تياري ڪرڻ لڳو.

”هاڻ تون ڇا پيو ڪرين؟“ پکين جي بادشاهه هاريءَ کان پڇيو.

”آئون فضل ڪٽي رهيو آهي.“ هاريءَ چيو.

بس تون تڪليف نه ڪر. اهو ڪم به اسان پکين حوالي ڪري ڇڏ. اسين تنهنجي مدد ڪنداسين. اهو چئي پکين جي بادشاهه هن ڏي پورو هڪ لک پکين جو موڪلي ڏنو.

پکين منٽن ۾ سڄو فصل ڪٽي ڇڏيو ۽ پوءِ سنگن مان داڻا ڪڍي، کائي ڇڏيا. اهو لقاءَ ڏسي هاري منهن مٿو پٽڻ لڳو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڪوئو، ڪيڪڙو ۽ پوپٽ

آئون هڪ باغائيءَ وٽ نوڪر هوس. جڏهن نوڪري ڪندي سال گذريو ته باغائي مون کي هڪ سوني ڳني ڏني. آئون اها ڳني ڪٽي ڪوهه تي ويس ۽ ان کي ڪوهه ۾ اڇلي چيم:

”مون پنهنجي مالڪ جي دل لڳائي خدمت ڪئي آهي. جيڪڏهن آئون سچو هوندس ته هيءَ سوني ڳني مٿي ترندي. جيڪڏهن ڪوڙو هوندس ته اها ٻڏي ويندي.“

ڳني پاڻيءَ ۾ ٻڏي وئي.

آئون ان باغائي وٽ موٽي آيس ۽ هڪ سال وڌيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ هن کي چيم. جڏهن هڪ سال پورو ٿيو ته باغائيءَ مون کي وري هڪ سوني ڳني ڏني. مون اها سوني ڳني کوهه ۾ اڇلائي چيو:

”مون پنهنجي مالڪ جي ڏاڍي خذمت ڪئي آهي. جيڪڏهن آئون سچو آهيان ته هيءَ ڳني پاڻيءَ ۾ ترندي. جي ڪوڙو هوندس ته پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويندي.اها ڳني به پاڻيءَ ۾ ٻڏي وئي.

آئون وري باغيءَ وٽ ويس ۽ هن وٽ هڪ سال وڌيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو مانس. جڏهن اهو ٽيو سال به پورو ٿيو ته باغائيءَ مون کي پهرين وانگر هڪ سوني ڳني ڏني. مون اها ڳني به پهرين وانگر کوهه ۾ ڪٽي اڇلائي ۽ چيو:

”مون پنهنجي مالڪ جي وڏي خذمت ڪئي آهي. جيڪڏهن آئون سچو هوندس ته اها ڳني پاڻيءَ جي مٿان تري ايندي. پر جي ڪوڙو هوندس ته اها ٻڏي ويندي.“

هن دفعي ٽئي ڳنيون پاڻيءَ جي مٿان اڀري آيون ۽ ترڻ لڳيون. مون ٽئي ڳنيون ڪٽي کيسي ۾ رکيون ۽ گهر ڏي روانو ٿيس.

رستي تي مون سوچيو هڪ ڳنيءَ جو ان وٺندس. هڪ ڳنيءَ جو گوشت ۽ ڀاڄي خريد ڪندس ۽ باقي هڪ ڳنيءَ جا ڪپڙا لٽا وٺندس.

ٿورو اڳيان هليس ته رستي تي هڪ ڪوئو مليو. سلام دعا ڪرڻ بعد هو چوڻ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

لڳو:”دوست، مون کي هڪ گنيءَ جي ضرورت آهي هڪ گني مون کي ڏئي ڇڏ. ان جي عيوض جيڪي چوندين اهو ڪرڻ لاءِ تيار آهيان“.

مون پنهنجي دل ۾ چيو: مڙيئي خير آهي، منهنجو ته ٻن گنين مان به ڪم ٿي ويندو. هن ويچاري ڪوئي جي به ضرورت پوري ٿي وڃي ته سٺو.

مون هڪ گني ڪوئي کي ڏئي ڇڏي ۽ باقي به قابو جهلي اڳتي وڌيس. ٿورو اڳيان مس هليس ته هڪ ڪيڪڙو مليو. هن جي حالت خراب هئي. هن روئندي چيو: ”خدا جي واسطي منهنجي مدد ڪر. مون کي دڪاندار کي هڪ گني موٽائڻي آهي. جنهن جو سيڌو مونن ڪانئس گهڻو اڳ اوڌر تي ورتو هو. جيڪڏهن آئون هن کي اڄ جي تاريخ ۾ قرض واپس نه ڪندس ته هو مون کي جيل ۾ وجهرائي ڇڏيندو.“

مون کي ڪيڪڙي تي ڪهل اچي وئي. مون هن کي يڪدم هڪ گني ڏئي ڇڏي. هن منهنجا تمام گهڻا ٿورا مڃيا ۽ چيو: ”توکي جڏهن به ڪنهن شيءِ جي ضرورت پوي ته مون کي ٻڌائجانءِ.“

هاڻ مون وٽ فقط هڪ گني وڃي بچي. آئون ان کي هٿ جي تري تي رکي وڃي رهيو هوس ته هڪ پونئر منهنجو رستو ڪٽي روڪيو. ”خدا جي واسطي مون تي رحم ڪر. مون کي هڪ گنيءَ جي سخت ضرورت آهي.“

مون سوچيو ته جيڪڏهن اها باقي بچيل گني به جيڪڏهن هن کي ڏئي ڇڏيندس ته پوءِ مون وٽ پاڻ لاءِ بچندوئي ڇا؟ پوءِ خيال آيم ته اهڙي به ڇا خود غرضي. مون کي جڏهن بک لڳندي ته ڪونه ڪو خدا جو بندو ماني کارائي ڇڏيندو. اهو سوچي مون باقي بچيل گني به پونئر کي ڏئي ڇڏي.

هاڻ آئون بلڪل خالي هٿين ٿي ويس. اڳيان وڌيس ته سامهون هڪ عاليشان محلات نظر آيو. ان محلات ۾ هڪ بادشاهه رهيو ٿي، جنهن کي هڪ ئي ڌيءَ هئي. هن نه ڪنهن ڳالهه تي کليو ٿي ۽ نه زبان سان ڳالهايو. بس ماٺ ئي ماٺ ۾ ويٺي رهي ٿي. بادشاهه کي ان جو تمام گهڻو فڪر هو. آخر هن اعلان ڪرايو ته جيڪو ماڻهو منهنجي ڌيءَ کي کلائي ڏيکاريندو ان سان پنهنجي ڌيءَ جي شادي ڪرائيندس.

مون اهو ٻڌو ته مون کي پنهنجا ٽئي دوست: ڪوئو ڪيڪڙو ۽ پونئر ياد اچي ويا. انهن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

تنهي مدد لاءِ مون سان واعدو ڪيو هو.

آئون واپس جهنگل ۾ آيس ۽ تنهي دوستن کي پاڻ سان کڻي محلات ڏي وڌيس. محلات جي در وٽ پهچي مون پونئر کي گانو ڳائڻ لاءِ ۽ کيکڙي ۽ ڪوئي کي نچڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ جڏهن هنن شهزادي اڳيان ڳائڻ ۽ نچڻ شروع ڪيو تہ شهزاديءَ کي کلي کلي پيٽ ۾ سور پئجي ويو.

بادشاهہ ۽ ان جا وزير شهزاديءَ کي کلندو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ پوءِ ڪجهہ ڏينهن بعد بادشاهہ سلامت پنهنجي ڌيءَ جي شادي مون سان ڪرائي ڇڏي ۽ آئون بادشاهہ جو جانشين ٿي ويس.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# هيرن جو صوف

هڪ هو بادشاهه جيڪو نيڪ دل ۽ رحمدل هو. هن جي رعيت هن مان بيحد خوش هئي. هر ماڻهو هن کي دعائون ڏيندو هو پر هڪ ڳالهه ڪري ماڻهو سخت پريشان هئا. اها ڳالهه هيءَ هئي ته هنن جي دلعزيز بادشاهه شادي نه ٿي ڪئي. هو وڏي عمر جو ٿي وڃڻ جي باوجود اڃا ڪنوارو هو.

هڪ ڏينهن هن جي وزيرن تنگ ٿي هن کي چيو: ”سائين منهنجا، جيڪڏهن توهان اسان جا بادشاهه ٿي رهڻ چاهيو ٿا ته پوءِ توهان کي هر صورت ۾ شادي ڪرڻي پوندي.“

بادشاهه وراڻيو: ”جيڪڏهن توهان جي اهائي خوشي آهي ته پوءِ مون کي قبول آهي. پر شادي آئون اهڙي ڇوڪريءَ سان ڪندس جيڪا هڪ سؤ فوٽن جي فاصلي تان صوف هڻي منهنجو تاج ڪيرائي ڏيکاري.“

ڪجهه ڏينهن بعد وزيرن شهر جي تمام سهڻين ڇوڪرين کي محل ۾ گڏ ڪيو. هر ڇوڪريءَ جي هٿ ۾ صوف هو. پوءِ جڏهن مقابلو شروع ٿيو ته ڪابه ڇوڪري صوف اڇلي بادشاهه جو تخت ڪيرائي نه سگهي. هنن کي اهوئي پؤ ٿيو ٿي ته ڪٿي اهو صوف گسي نه وڃي ۽ بادشاهه سلامت جي منهن کي نه وڃي لڳي. ان ڪري هو صوف کي صحيح نشاني تي اڇلي نه پئي سگهيون.

جڏهن سڀ ڇوڪريون بازي کٽي نه سگهيون ته اتي هڪ ڊگهي سنهي چست ڇوڪري اڳيان وڌي. هن جي مٿي تي ٿلهي چادر هئي ۽ هٿ ۾ جيڪو صوف هو ان تي هيرا چڙهيل هئا. هوءَ سؤ فوٽن جي فاصلي تي ٿي بيٺي ۽ پوءِ نشاني ڏي چڱي طرح نهاري صوف اڇلايو. ٻي لمحي بادشاهه جي مٿي تان تاج اڏامي وڃي پري پيو. سڀني ماڻهن خوشيءَ وچان تاڙيون وڄايون ۽ هر شخص ان ڇوڪريءَ کي شاباس ڏيڻ لاءِ اڳيان وڌيو پر اها ڇوڪري هڪدم غائب ٿي ويئي. بادشاهه حڪم ڏنو ته ان ڇوڪريءَ جي يڪدم ڳولا ڪئي وڃي. وزيرن ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر ڏي سپاهي ۽ جاسوس پڄايا پر ڇوڪريءَ جي نه هيءَ خبر نه هوءَ

خبر.

ڀن ٽن مهينن بعد بادشاهه وري ملڪ جي سهڻين ڇوڪرين کي گهرايوپر ڪابه ڇوڪري هن جو تاج ڪيرائڻ ۾ ڪامياب نه ٿي. ايتري ۾ وري ساڳي ڏگهي ڇوڪري ظاهر ٿي. هن هيرن سان جڙيل صوف اڇلايو بادشاهه جو تاج ڪري پيو ۽ پاڻ غائب ٿي ويئي. بادشاهه جي سپاهين هن کي جهلڻ ۽ ڳولڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر هوءَ هرڻيءَ وانگر ڇال هڻي نظرن کان غائب ٿي وئي.

هاڻ بادشاهه اداس رهڻ لڳو. هو روز صبح جو اڪيلي اڪيلي شڪار تي نڪري ويو ٿي ۽ شام جو ماٺ منوڙي ۾ موٽي آيو ٿي.

هڪ دفعي هو جهنگل ۾ شڪار پٺيان تمام پري نڪري ويو اتي هن کي شام ٿي وئي. سج غروب ٿي چڪو هو ۽ هاڻ چوڌاري اونداهه هئي. ايتري ۾ هن کي پري کان هڪ هنڌ لالٽين ٻرڻ جي روشني نظر آئي. هو اوڏانهن وڌڻ لڳو. ويجهو اچي معلوم ٿيس ته اهو هڪ پوڙهي عورت جو گهر آهي. ان عورت کي ٻه ڌيئون هيون ۽ اهي ٻئي ڪوجهيون هيون. بادشاهه سلامت گهر ۾ اندر گهڙڻ لاءِ ڇوڪرين کان اجازت ورتي پر ڇوڪرين صاف صاف انڪار ڪري ڇڏيو. ايتري ۾ هنن جي ماءُ اچي وئي. هن بادشاهه کي سڃاڻي ورتو. هوءَ هن کي اندر وٺي آئي ۽ هن لاءِ صاف سٿري چادر وڇائي.

رات جو بادشاهه سمهڻ لڳو ته هن کي ڀر واري ڪمري مان هن پوڙهي عورت جو زور زور سان ڳالهائڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هوءَ ڪنهن ڇوڪريءَ تي چڙ ڪري رهي هئي.

صبح جو جڏهن وڃڻ لڳو ته هن پوڙهي عورت کان پڇيو: ”رات توهان ڪنهن تي ڪاوڙيل هيون؟“

پوڙهيءَ چيو: ”منهنجي هڪ ويڳي ڌيءَ آهي. هو بيحد سست ۽ ڪاهل آهي. پنهنجو پاڻ کي تمام گهڻو سهڻي سمجهي ٿي. رات هن مانين جا پور پورڪري ڇڏيا. پڇيومانس ته ائين ڇو ڪيئي ته چوي ٿي ته پنهنجي پاليل پوڙهي ٻري کي کارائيندس ڇو جو ان ڇٻري هن کي ٽي اهڙا صوف ڏنا آهن جن تي هيرا مڙهيل آهن.

بادشاهه اهو ٻڌو ته هن جي دل ٽپ ڪائڻ لڳي. هن پوڙهيءَ کي چيو ”مهرباني ڪري تنهنجي ان ويڳي ڌيءَ کي گهراءِ آئون هن کي ڏسڻ چاهيان ٿو.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پوڙهيءَ هن کي سڌ ڪيو: ”او ڏائڻ، هيڏانهن اچ.“

اوچتودر کليو ۽ هڪ ڇوڪري ڦاٽل ۽ ڇتيون لڳل ڪپڙن ۾ ٻاهر نڪتي. هوءَ چنڊ کان به وڌيڪ سهڻي لڳي رهي هئي. بادشاهه هن کي ڏٺو ته رڙ نڪري ويس. ”اڙي تون ته اهائي ڇوڪري آهي. اچ، مون سان گڏ هل، آئون توکي پنهنجي راڻي بڻائيندس.“

بادشاهه هن ڇوڪريءَ کي پاڻ سان گڏ گهوڙي تي سوار ڪيو ۽ محلات ۾ وٺي آيو. ڪجهه ڏينهن بعد ٻنهي جي شادي ٿي وئي ۽ هو خوشين جي زندگي گذارڻ لڳا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# شهزادي سورج مکي

هڪ بادشاهہ جي ڌيءَ نهايت خوبصورت هئي. جڏهن هوءَ وڏي ٿي تہ اوسي پاسي جي ڪيترن .ئي شهزادن هن لاءِ شاديءَ جو نياپو ڪيو پر شهزاديءَ ڪنهن ڪي بہ پسند نہ ڪيو. ماءُ پيءَ تمام گهڻو سمجهايو پر شهزاديءَ هن جي ڳالهہ نہ مڃي. هن جو اهوئي ضد هو تہ شادي ڪنديس تہ سج سان ڪنديس. ٻئي ڪنهن سان هرگز نہ.

آخر هڪ ڏينهن بادشاهہ بيزار ٿي چيو: ”وڃ، وڃي سج سان شادي ڪر. هاڻ مون کي ڪڏهن بہ پنهنجي شڪل نہ ڏيکارجانءِ.“ اهو چئي شهزاديءَ کي پنهنجي محلات مان ڪڍي ڇڏي.

شهزادي سج جي ڳولا ۾ نڪري پيئي. هوءَ اوير ۾ جبلن ڏي وئي. پوءِ جنگلن، بيابانن مان ٿيندي هڪ اهڙي جبل تي پهتي جنهن جي مٿان سج جو محلات هو. هوءَ محلات اندر گهڙي وئي. اتي هن کي سج جي پوڙهي ماءُ ملي.

”اي ڇوڪري، توکي ڪنهن جي ڳولا آهي؟“ پوڙهي عورت پڇيو.

آئون سج کي ڳولي رهي آهيان. مون کي سج سان شادي ڪرڻي آهي. ”شهزاديءَ چيو.

”سج منهنجو پٽ آهي، آئون توکي هن جي ڪنوار بنائيندس. پر هڪ ڳالهہ ياد رکجانءِ. هن جي اکين ۾ اکيون وجهي هرگز نہ ڏسجانءِ.“ پوڙهي عورت شهزاديءَ کي ٻڌايو.

شهزاديءَ واعدو ڪيو ۽ ڇڱي عرصي تائين پنهنجي واعدي تي قائم رهي. پر هن کي اها آنڌ مانڌ هئي تہ هوءَ پنهنجي مڙس جي اکين سان اکيون ڇونہ ملائي؟ آخر هڪ ڏينهن پوڙهي عورت کان هن پڇيو: ”تو مون کي سج ڏي منهن ڪري ڏسڻ کان ڇو جهليو آهي.“

”پٽ، آئون تنهنجي بيچيني سمجهان ٿي. تون هن کي جيڪڏهن ڏسڻ بہ چاهين ٿي تہ هڪ گلاس پاڻيءَ جو پنهنجي مڙس جي سامهون رک ۽ ان پاڻيءَ ۾ هن جو اولڙو ڏسي وٺ. پر اهو ياد رکجانءِ، سج جي اولڙي کي جي گهڻي دير ڏسندينءَ تہ توکي نقصان رسڻ جو خطرو آهي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ان شام جو جڏهن سج موٽيو تہ شهزاديءَ پاٽيءَ جو گلاس هن جي سامهون رکيو ۽ هن جي منهن جو اولڙو ڏسڻ لڳي. هي اولڙو ايترو تہ خوبصورت هو جو شهزاديءَ کان سج جي ماءُ جي نصيحت وسري وئي ۽ دير تائين هن کي ڏسندي رهي. ان تي سج کي ڪاوڙ اچي وئي ۽ هن چيو:

”جيڪڏهن تون منهنجو چوڻ نٿي مڃين تہ منهنجي محلات مان هڪدم هلي وڃ.“ ۽ هن شهزاديءَ کي هٿ کان جهلي پنهنجي محلات کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

شهزادي روئندي رڙندي جبل جي قدمن ۾ لهي وئي. جڏهن هوءَ ماڙيءَ ۾ پهتي تہ سج چمڪڻ لڳو ۽ سج جي روشنيءَ هن کي هڪ خوبصورت سورج مکيءَ جو گل بڻائي ڇڏيو. هاڻ هي گل هميشہ ان طرف منهن رکي ٿو جنهن طرف سج آهي. ان ڪري هن گل کي سورج مکي سڏين ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڳاھہ جي ڳڏي

هڪ بادشاهہ کي ٻارهن پٽ هئا. جڏهن هو جوان ٿيا تہ بادشاهہ انهن کي چيو: ”جنهن ڇوڪريءَ کي توهان پسند ڪندا،اُن سان ئي توهان جي شادي ڪرائي ويندي. پر هڪ شرط آهي. ان ڇوڪريءَ کي هڪ ڏينهن ۾ سٽ ڪتي ڪپڙو اٽڻو پوندو ۽ پوءِ ان مان قميص سبڻي پوندي.“

ٻارهن شهزادن چيو: ”بابا سائين هي تمام ڏکيو ڪم آهي. دنيا ۾ ڀلا اها ڪهڙي ڇوڪري هوندي جيڪا هڪ ڏينهن ۾ ڪپڙو اُٽي قميص سبي سگهي ٿي.“

پر ننڍي شهزادي چيو: ”ابا حضور، آئون ڪوشش ڪريان ٿو ٿي سگهي ٿو ڪا اهڙي ڇوڪري ملي وڃي.“

بادشاهہ ننڍي شهزادي کي هڪ گهوڙو ۽ گنين جي ٿيلهي ڏني ۽ هو اهڙي ڇوڪري جي ڳولا لاءِ سفر تي روانو ٿيو.

شهزادو هڪ هڪ ڪري ڳوٺ ۾ رليو پر هن کي ڪابہ اهڙي ڇوڪري نہ ملي سگهي. جيڪا هڪ ڏينهن ۾ ڪپڙو اُٽي ان مان قميص سبي سگهي. هو سخت حيران ۽ پريشان ٿي هڪ جهنگل مان گذري رهيو هو تہ کيس هڪ ننڍڙي پري نظر آئي. پري پڇيو: ”شهزادا تون ڪيڏانهن پيو وڃين؟“

شهزاديءَ هن کي سچي ڳالهہ ٻڌائي، پريءَ چيو: ”مون وٽ هڪ ڳڏي آهي. اها ڳڏي تمام سگهڙ ۽ ڳڻن واري آهي. مونکي پڪ آهي تہ هوءَ هڪ ڏينهن ۾ ضرور ڪپڙو اُٽي قميص سبي سگهندي.“

شهزادو تمام گهڻو خوش ٿيو ۽ پريءَ سان گڏ هن جي گهر ويو. اتي هڪڙي ننڍڙي ڪرسيءَ تي هڪ ننڍڙي ڳڏي ويٺي هئي. شهزادي هن کي چيو: ”مائي ڳڏي، جيڪڏهن تون هڪ ڏينهن اندر ڪپڙو اُٽي ان مان قميص ٺاهي ڏيندينءَ تہ آئون توسان شادي ڪندس.“

ڳڏيءَ وراڻيو: ”آئون اهو ڪم بلڪل ڪري سگهان ٿي.“ اهو چئي ڳڏيءَ ان ئي وقت

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪپهه مان سٽ ڪتيو ۽ پوءِ ڏاڳي مان ڪپڙو اُٽي ان مان قميص ٺاهي ڏيڪاري. پر اها قيمص ايتري ننڍڙي هئي جو هوءَ پاڻ گڏي ئي پائي سگهي ٿي. شهزادو قميص ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيو: ”تون هتي ترس تہ آئون هيءَ قميص بادشاهہ سلامت کي ڏيکاري اچان.“

شهزادو قميص کڻي محلات ۾ ويو ۽ بادشاهہ کي چيو: ”مون پنهنجي ڪنوار ڳولي ورتي آهي.“

بادشاهہ چيو: ”هن کي هڪدم محلات ۾ وٺي اچ.“

شهزادو گڏي کي آڻڻ لاءِ واپس ويو. گڏي چاندي جي گاڏيءَ ۾ ويٺي هئي. گاڏيءَ ۾ ٻہ سفيد ڪوئا جوٽيل هئا. شهزادو گڏيءَ کي وٺي محلات ڏي روانو ٿيو.

جڏهن هودرياهہ وٽ پهتا تہ شهزادي جي گهوڙي جو کُر گڏيءَ جي ننڍڙي گاڏيءَ مٿان اچي ويو. گڏي گاڏيءَ مان اچلجي وڃي درياهہ ۾ پيئي. شهزادو پريشان ٿي دانهون ڪرڻ لڳو. ايتري ۾ڇا ڏسي تہ درياهہ مان هڪ جن نڪري رهيو آهي. هن جي هٿن ۾ اها گڏي هئي پر هاڻ اها ننڍڙي گڏي نہ پر هڪ جوان ڇوڪري ٿي وئي هئي. شهزادو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هن کي پنهنجي گهوڙي تي ويهاري محلات ڏي روانو ٿيو.

جڏهن شهزادو هن ڇوڪري کي وٺي محلات اندر داخل ٿيو تہ بادشاهہ هن کي ڏسي حيران ٿي ويو. اهڙي خوبصورت ڇوڪري هن پهرين ڪڏهن بہ نہ ڏٺي هئي. ۽ جڏهن هن ڇوڪريءَ هڪ ڏينهن اندر ڪپڙو اُٽي ان مان قميص ٺاهي ڏيکاري تہ بادشاهہ هيڪاندو گهڻو خوش ٿيو ۽ هن وڏي ڌام ڌوم سان ٻنهي جي شادي ڪرائي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ٿي ڪوڙا ۽ سڪو

گهڻن ڏينهن جي ڳالهه آهي ته ملائيشيا جي هڪ ڳوٺ تجنگ بدارا ۾ ٽي چڙا ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا. هلندي هلندي هو هڪ موڙ وٽ پهتا جتي هنن کي هڪ سڪو نظر آيو. مزي جي ڳالهه اها ته ٽنهي کي اهو سڪو هڪ ئي وقت نظر آيو. پهرين هنن اهو فيصلو ڪيو ته اهو سڪو پنهنجو پاڻ ۾ ورهائي کڻندا. يعني ان جون ٽي پتيون ڪري هر هڪ کي هڪ جيتري پتي ڏني ويندي پر پوءِ هنن کي خيال آيو ته ائين ڪرڻ سان ڪنهن جو به ڪو خاص ڀلو نه ٿيندو. ان ڪري هنن اهو فيصلو ڪيو ته اسان ۾ جيڪو وڏو ڪوڙ ڳالهائيندو هن کي اهو سڪو ڏبو.

پرين همراه چيو: ”منهنجو چاچو مسجد ۾ امام آهي. آئون رات هن سان ملڻ ويو هوس. جڏهن اسان سمهڻ لاءِ ليٽياسين ته اهڙي زبردست جهڪ ۽ طوفان لڳو جو ٿوري دير ۾ شهر جون مڙيئي مسجدون، گهر، دڪان، وڻ ٽڻ، ڪوهه جانور اڏامڻ لڳا ۽ طوفان کين اڏائي ٽي سؤ ميل پري ڪئالا ڪنگسار شهر ۾ ڪٽي ويو. پر ڪمال جي ڳالهه اها ٿي ته جڏهن اسان صبح جو ننڊ مان اٿياسين ته پنهنجن پنهنجن هنڌن ۾ ئي هئاسين ۽ ڪابه شيءِ پنهنجي جاءِ تان چري پري نه هئي. ڪٿ تان اٿي آئون مسجد جي مينار تي چڙهيس ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳس. اوچتو منهنجي نظر ان موڙ تي پيئي ۽ اتي هن سڪي کي ڏسي ورتم. ان ڪري هاڻ اهو سڪو منهنجو ٿيو.“

”هاڻ ٻائرو ٻڌو منهنجي به ٻڌو.“ ٻئي همراهه چيو. ”منهنجو ڏاڏو ڪئالا لنگي ڳوٺ ۾ مهاٽو آهي. آئون ڪالهه هن سان ملڻ ويس. اتي مون هڪ وڏي مڇي ڏٺي جنهن کي منهنجي ڏاڏي اج کان ڏهه ڏينهن اڳ ڦاسايو هو ۽ انهن ڏهن ڏينهن ۾ هن ان مڇيءَ کي ڪيترائي ڪم سيکاري ورتا جهڙوڪ: ماني پچائڻ، صفائي ڪرڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، شهر مان وڃي سودو سلف خريد ڪري اچڻ ۽ ڪمال ته اهو ته هن کي راڳ ڳائڻ به سيکاري ڇڏيو.

”منجهند جي مانيءَ کان پوءِ جڏهن مڇي مٽي ڇت تي ويئي ته هن اتان هيءَ جاءِ ڏسي

ورتي ۽ ان سان گڏ اهو سڪو پڻ. هن مونکي اشارن سان سنو رستو سمجهايو ۽ چيو تہ جلدي اهو سڪو وڃي ڪڻ. ان ڪري سائين، هي سڪو منهنجو آهي.“

”نہ. نہ اهو سڪو تنهنجو ٿي نٿو سگهي.“ ٽئي همراهہ چيو. ”تو تمام وڏو ڪوڙ ڳالهايو آهي پر ڪجهہ منهنجو بہ احوال ٻڌو. منهنجو پيءُ سوداگر آهي. هڪ ڏينهن هو هڪ بيضو خريد ڪري آيو ۽ ان کي چيڙيءَ ۾ رکيو. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ بيضي مان هڪ ڪڪڙ نڪتو. اهو ڪڪڙ ايڏو وڏو ٿيو جو منهنجو پيءُ پنهنجو سامان ان تي ڏيوئي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ سفر ڪندو هو.

”هڪ ڏينهن ڪڪڙ جي چيلهہ چٻي ٿي پيئي. حڪيمن بابي کي اها صلاح ڏني تہ هن جي چيلهہ تي ڪجيءَ جي وڻ جو ملم لڳايو وڃي. بابا ائين ئي ڪيو. پر هڪ ڏينهن ائين ٿيو جو ملم سان گڏ جارڪن جي هڪ ککڙي بہ هن جي چيلهہ سان ٻڌجي وئي. پوءِ ٻئي ڏينهن جڏهن هن پٽي کولي تہ هن جي چيلهہ تي ڪجيءَ جو وڻ ڦٽي پيو هو. ڪجهہ ڏينهن بعد ان وڻ ۾ ڪجور بہ ٿيڻ لڳي ۽ پوءِ جڏهن وڻ ميوي سان پرجي ٽب ٿي ويو تہ ڀاڙي وارن ڪجي پٽڻ لاءِ پٿرن جو وسڪارو لائي ڏنو. پٿر لڳڻ سان ڪجيءَ جي ککڙي وڻ تي ئي رهجي وئي ٿي ۽ ڳر هيٺ ڪري پئي ٿي. اهڙي طرح وڻ تي ککڙين جو ايڏو وڏو ڍير ٿي ويو جو هڪ جبل بنجي ويو.

منهنجي پيءُ ان جبل جي کوٽائي ڪري ليول ڪئي. پوءِ ان تي هر هلائي ڪدوءَ جا ٻج پوکيا. جڏهن ڪدو ڦٽيا تہ مون هڪ ڪدو ڪنيو ۽ ان کي وڍڻ لڳس. اجا هن کي ڇري سان ڇيهڪ مس ڏنم تہ ڇري منهنجي هٿ مان ڇڏائجي ڪدوءَ اندر هلي وئي. مون جلدي جلدي چيلهہ سان رسو ٻڌي ڪدوءَ اندر لهي ويس جيئن ان ۾ ڪريل ڇري ڪڍي سگهان. جڏهن آئون اندر گهڙيس تہ اتي مون کي ٽي ماڻهو مليا. هنن جا اٺ گم ٿي ويا هئا ۽ هو اهي ڳولي رهيا هئا. مون هنن کي ٻڌايو تہ منهنجي هن ريت ڇري هن ڪدوءَ ۾ڪري پئي آهي ۽ آئون ان جي ڳولا ۾ آهيان. هنن وراڻيو تہ خدا جا بندا جڏهن اسان کي اٺ نٿا ملن تہ پوءِ توکي ڇري ڪٿان ملي سگهندي. ها هڪ ڳالهہ آهي تہ هتان کان ڪجهہ فاصلي تي، هڪ جاءِ تي هڪ سڪو پيو آهي. اهو وڃي تون کڻ ۽ ان جي نئين ڇري خريد ڪر. سو سائين، هاڻ آئون پنهنجو سڪو کڻڻ آيو آهيان. اميد آهي تہ توهان مون کي هن سڪي مان نئين ڇري وٺڻ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي اجازت ڏينداؤ. ”هي سڪو ڪٽي سگهين ٿو. توجهڙو ڪوڙن جو بادشاهہ ٻيو ڪونہ ٿي سگهندو. تو واقعي ڪٽيو ۽ اسان هارايو.“ هن جي ساٿين هڪ ئي زبان ۾ چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# مغرور بادشاهه

چين ۾ هڪ بادشاهه تمام مغرور هو. هن جا دوست به ان جي ڪري هن سان ناراض رهندا هئا. پوءِ هڪ ڏينهن اهڙو آيو جنهن تي بادشاهه کي سبق حاصل ٿي ويو.

هڪ دفعي بادشاهه اڪيلو سفر ڪندي ڪندي تمام پري هليو ويو. سامهون چانهين (هنداڻن) جي پوک هئي. بادشاهه کي سخت اُڃ لڳي. هو پوڙهي هاري وٽ پهتو ۽ آڪڙ مان چيو: ”مون لاءِ چانهيون آڻ.“

هاري بادشاهه کي سڃاڻي ورتو. هن ادب سان چيو: ”حضور، آئون هينئر ئي چانهيون پٽي ٿو اچان.“

ڪجهه دير ڪانپوءِ هاري ٿي چانهيون پٽي آيو ۽چيو: ”حضور، هنن کي چکي ڏسو. جيڪڏهن اهي سنيون نه هجن ته آئون ٻيون پٽي اچان.“

هاري بادشاهه اڳيان چانهيون رکي هڪ طرف ٿي وينو ۽ بادشاهه هڪ هڪ ڪري ٺئي چانهيون کائي ورتيون. چانهيون کائي هن هاريءَ کي چيو:

”مون تي چانهيون ڪاڏيون آهن. انهن جا ڪيترا پئسا ٿيندا.“

هاريءَ وراڻيو: ”سرڪارتوهان ته اسان جا حاڪم آهيون. توهان کان پئسا ڪيئن وٺان.“

بادشاهه وڏي تيزيءَ مان چيو: ”مفت ۾ چانهيون کائڻ منهنجي شان جي خلاف آهي. ٻڌاءِ ته ڪيترا پئسا ٿيندا؟“

هاريءَ چيو. ”جيڪڏهن توهان ضد ڻاڪريو ته جيڪي دل ۾ اچانوَ ڏئي ڇڏيو. آئون ماٺ منوڙي ۾ وٺي ڇڏيندس.“

بادشاهه کيسي ۾ هٿ وجهي ڏٺو ته ان ۾ هڪ پائي به نه هئي. هن ٻئي کيسي ۾ هٿ وڌو ته اهو به خالي خالي هو. هن وٽ هڪ رپيو به نه هو جو ڪڍي هاريءَ کي ڏئي پنهنجو رعب ويهاري. هن کي ڏاڍو شرم آيو. پوءِ آهستي چيو: ”آئون پئسا گهر ڇڏي آيو آهيان. تنهنجين

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

چانهين جي قيمت في الحال ادا نٿو ڪري سگهان. ان جي بدلي ۾ تون مون ڪان ڪو پورهيو وٺي سگهين ٿو. آئون خوشيءَ سان ڪندس.“

هاري سوچ ۾پئجي ويو پوءِ چوڻ لڳو: ”مون سڀ ڪم ڪري ورتو آهي. اڄ ته مون وٽ ڪوبه ڪم نه آهي. جيڪڏهن تون چانهين جو ملهه ڏيڻ چاهين ٿو ته زمين تي بازولي پائي ڏيکار ته اهوئي ڪافي رهندو.“

بادشاهه هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو. اتي هاري ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه موجود نه هو. بادشاهه اهو سوچي سک جو ساهه کنيو ته هن وقت ڪيس ڪير به ڏسڻ وارو ڪونهي ۽ هن پوڙهي هاريءَ اڳيان بازولي پائڻ ۾ چاهي.

اهو سوچي بادشاهه پنهنجو مٿو زمين تي جهڪايو ۽ بازولي پائڻ وارو هو ته هاريءَ هن کي جهلي ورتو ۽ ادب سان چيو: ”سرڪار بس ايترو ئي ڪافي آهي.“

بادشاهه اتي بيٺو ۽ هاري ڏي ڪاوڙمان ڏسڻ لڳو.

هاريءَ چيو: ”سائين جن جڏهن مون کي پهريون دفعو ڏٺو ته توهان جي نگاهن مان مون اندازو لڳائي ورتو توهان ڪڏهن به ڪنهن جي اڳيان نه جهڪيا آهيو. پر هاڻ سائين جن مون جهڙي غريب ماڻهوءَ اڳيان مٿو ٽيڪيو آهي.“

اهو ٻڌي بادشاهه ڏاڍو شرمندو ٿيو. هن پوڙهي هاري کي سلام ڪيو ۽ ماٺ مٺوڙي ۾پنهنجي محلات ڏي روانو ٿي ويو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# جادوءَ جي ديڳڙي

ڪمبوڊيا جي ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ غريب عورت رهندي هئي. هن کي هڪڙو پٽ هو. هو ويچارا تمام غريب هئا. ڏئي وٽي هنن وٽ بس هڪ ڏيڳي هئي جيڪا ايترو ته گهٽ کير ڏيندي هئي جو سندن پيٽ لاءِ ئي مس پورو ٿيندو هو. وڌيڪ هڪ پاءُ به نه بچندو هو جو کٽي وڪڻي گهر جي لاءِ ڪو سيدو سامان وٺي سگهن. ٻئي ماءُ پٽ شهر جي هڪ دڪاندار کان ضرورت جو سامان اوڌر تي وٺي گذر ڪندا هئا. هن دڪاندار جي هر شيءِ جي قيمت جيتوڻيڪ تمام گهڻي هئي پر هي مجبور هئا جو هنن وٽ پئسو ڪونه هو جو ٻئي ڪنهن دڪان تان وٺن ۽ اوڌر فقط هن ڏني ٿي.

هڪ ڏينهن دڪاندار عورت وٽ آيو ۽ چيو: ”سڀاڻي شام تائين منهنجو سڄو قرض واپس ڪر نه ته مون کان وڌيڪ خراب ڪير نه هوندو.“

ويچاري عورت وٽ هڪ ٽڪو پئسو به نه هو. هوءَ دڪاندار جو ايترو جلد قرض لاهي ته ڪيئن لاهي. هن پنهنجي پٽ کي چيو ته پڙيءَ تي وڃي ڏيڳي وڪڻي اچ. ان مان جيڪي پئسا ملندا اهي دڪاندار کي ڏئي ڇڏينداسين.

نينگر ڏيڳيءَ کي وٺي مال جي پڙي ڏي وڃي رهيو هو ته رستي تي هڪ پوڙهو ماڻهو مليس. پوڙهي جي هٿن ۾ هڪ ديڳڙي هئي. هن ڇوڪري کان پڇيو: ”پٽ، ڪيڏانهن پيو وڃين؟“

”ڇوڪري پوڙهي کي سڄو احوال ٻڌايو. پوڙهي ڳالهه ٻڌي هن کي چيو: ”فڪر نه ڪر. تون مون کي پنهنجي ڏيڳي ڏي جنهن جي بدلي ۾ آئون توکي هيءَ ديڳڙي ڏئي ڇڏيندس.“

”پر منهنجي ماءُ کي ته پئسا کپن. هن کي دڪاندارن کان ورتل اوڌر موٽائڻي آهي.“ ڇوڪري چيو.

پوڙهي چيو: ”هيءَ ديڳڙيءَ وڏي ڪم جي آهي. ان کي چلهه تي رکي پوءِ جيڪا شيءِ گهرندين ته هوءَ آڻي تو وٽ حاضر ٿيندي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چوڪري جنهن کي ڏيڳي ڏئي ڇڏي ۽ پاڻ ديڳڙي وٺي گهر ڏي موٽيو. ماءُ هن جي سڄي ڳالهه ٻڌي ڪاوڙجي پئي. ظاهر آهي ڪٿي هيڏي مهنگي ڏيڳي ۽ ڪٿي هيءَ معمولي استعمال ٿيل ديڳڙي. پٽ کي دڙڪا ڏيندي چيو: ”تون ته ڪيڏو نه بيوقوف آهين. هن ڪاري ڇٻي ديڳڙي جي بدلي ۾ تون هن پوڙهي کي ڏيڳي ڏئي آيو آهين.“ اهو چئي پوءِ هن چوڪري کي ڏاڍي مار ڏني.

پر چوڪري کي پوڙهي جي ڳالهه تي يقين هو ته هن جيڪي چيو آهي اهو سچ چيو آهي. هن ديڳڙيءَ کي چلهه تي رکيو ۽ جيئن ئي باهه جو سيڪ ديڳڙيءَ جي تري تي لڳو ته هن ڳالهائڻ شروع ڪيو.”هاءِ، هاءِ. آئون هاڻ وچان ٿي.“

”ڪيڏانهن وڃين ٿي؟“ چوڪري ديڳريءَ کان پڇيو.

”آئون دڪاندار جي رڌڻي ۾ وڃان ٿي.“ اهو چئي ديڳڙي نظرن کان غائب ٿي وئي. ٿوري دير بعد هي ڪٽي ڏسن ته ديڳڙي وري چلهه تي رکي آهي. پر هاڻ اها پهرين وانگي خالي نه هئي. هن ۾ مزيدار پلاءُ پيو هو.

ماءُ پٽ پليٽون پري پري پلاءُ کاڌو ۽ پوءِ ننڊ ڪرڻ لاءِ سمهي رهيا. پر پوءِ ٿوري دير کانپوءِ ماءُ وري رڙيون ڪرڻ شروع ڪيو.

”اڄ جي ماني ته اسان کي هن ديڳڙيءَ آڻي ڏني سڀاڻ جو ڇا ٿيندو؟

اهو ٻڌي ديڳڙيءَ وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. ”آئون هينئر جو هينئر وڃان ٿي.“

ڪيڏانهن وڃين ٿي؟“ چوڪري ڪائنس پڇيو.

”دڪاندار جي تجوڙيءَ ۾.“ ديڳڙيءَ وراڻيو ڏسندي ئي ڏسندي هوءَ اکين کان غائب ٿي وئي.ڪجهه منٽن بعد هو جڏهن واپس آئي ته ڪنن تائين نوٽن ۽ سڪن سان ڀريل هئي. چوڪرو ۽ هن جي ماءُ نوٽ ڳڻڻ لڳا. ايتري ۾ چلهه جي بخاري (چمنيءَ) مان ڪنهن جي دانهن ڪوڪن جو آواز ڪنن تي پيو. اهي آواز دڪاندار جا هئا. هو رڙيون ڪري بچاءَ لاءِ سڏ ڪري رهيو هو.

”بچايو بچايو. مونکي بچايو. آئون مران ٿو.“

اصل ۾ ٿيو هيئن هو ته جڏهن ديڳڙي دڪاندار جي تجوڙي ۾ گهڙي ته دڪاندار ان کي پئسا چورائيندي ڏسي ورتو. جڏهن ديڳڙي دريءَ منجهان اڏامي نڪرڻ لڳي ته دڪاندار ڊوڙي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ان کي ڪٽي سوگهو جهليو ۽ ديڳڙي سان گڏ گڏ اڏامندو اچي عورت جي گهر تائين نڪتو. ديڳڙي چلهه جي بخاريءَ ۾ گهڙي اچي هيٺان نڪتي پر دڪاندار هيڪاندو ٿلهو هجڻ ڪري ان ۾ ڦاسي پيو.

چوڪري دڪاندار کي چمنيءَ (بخاريءَ) ۾ ڦاٿل ڏسي باهه ۾ ٻيا ٻه چوڏا ۽ ڇيٽا وڌا جنهن مان نڪتل دونهين ۾ دڪاندار جو ساهه گهٽجڻ لڳو. هو زور زور سان رڙيون ڪرڻ لڳو: ”خدا جي واسطي مون کي بچايو. آئون توهان جو سڄو قرض معاف ڪري ڇڏيندس.“

عورت دڪاندار جي مدد لاءِ ڊوڙي پر چوڪري کيس جهليندي چيو ”امان، هن کي متان ڪڍيو اٿئي.“

دڪاندار وري رڙيون ڪرڻ لڳو، ”خدا جي واسطي مون کي ٻاهر ڪڍو. آئون سڄو قرض ته معاف ڪندس پر سڄي ملڪيت توکي ڏئي ڇڏيندس.“

اهو ٻڌي چوڪرو مٽي کڏ تي چڙهيو ۽ دڪاندار کي بخاريءَ مان ڇڪي ٻاهر ڪڍيو.

هڪ هفتي کانپوءِ دڪاندار پنهنجي ڌيءَ جي شادي ان عورت جي پٽ سان ڪرائي ۽ پنهنجي سڄي دولت ڌيءَ کي ڏاج ۾ ڏئي ڇڏي.

پر هن ديڳڙيءَ جو ڇا ٿيو؟

ديڳڙيءَ شادي وارو ڏينهن بيحد عمدا عمدا کاڌا تاهيان ان بعد غائب ٿي وئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# واڳون ۽ عورت

ڳالهہ ٿا ڪن تہ پراڻي زماني ۾ درياهہ توڙي سمنڊ جا واڳون انسانذات سان تمام سٺو هليا ٿي هنن جي سڀ کان گهڻي دوستي ماڻهن سان هئي. ڪناري تي ويهي ڪنهن بہ ماڻهوءَ واڳوءَ کي سڏ ڪيو ٿي تہ هو هڪدم هن وٽ هليو آيو ٿي. ۽ پوءِ درياهہ پار ڪرڻ لاءِ هڪ هڪ بہ بہ ڄڻا ٿي مردن توڙي عورتن واڳونءَ جي پٺيءَ تي ويهي سير سفر ڪيو ٿي. پوءِ چون ٿا تہ آسٽريليا جي پرسان هڪ وڏي ٻيٽ پاپا نيوگني تي هڪ واڳوءَ اتي جي هڪ عورت سان شادي ڪئي. هن مان ان کي ٻار بہ ٿيا. واڳونءَ کي پنهنجي زال ۽ ٻارن سان بيحد گهڻو پيار هو.

هڪ ڏينهن چا ٿيو جو واڳوءَ پنهنجي زال ۽ ٻارن کي پنهنجي پٺيءَ تي ويهاري درياهہ جي ٻئي پار ڏي ويندي زال کي چيو: "تون ڀلي پنهنجن مائٽن سان ملي اچ. ٻارن کي بہ ڀلي ناناڻن سان ملائي اچ. پر اهو ضرور ڪجانءِ تہ ٻن ڏينهن کانپوءِ موٽي اچجانءِ ۽ ڪناري تي ويهي مون کي سڏجانءِ تہ توکي واپس وٺي هلندس. پر ٻن ڏينهن کان وڌيڪ هرگز نہ ترسجانءِ."

زال سامان جي هڙ ۽ ٻار کڻي پنهنجي ماءُ پيءُ جي گهر رواني ٿي. اتي پهچي ماءُ پيءُ، ڀائرن ڀينرن ۽ ٻين مائٽن سان ملڻ ۽ دعوتون کائڻ ۾ اهڙو تہ مشغول ٿي وئي جو بہ ڏينهن تہ خواب وانگر جهٽ گذري ويا پر ٽيون ڏينهن بہ اچي ختم ٿيو. هوڏانهن واڳون پنهنجي زال ۽ ٻارن جي انتظار ۾ پريشان ٿيندو رهيو.

آخرڪار جڏهن چوٿين ڏينهن سندس زال ۽ ٻار درياهہ جي ڪناري تي پهچي پنهنجي مڙس واڳوءَ کي سڏ ڪيو تہ هو خوشيءَ وچان ٽڪڙو ٽڪڙو اچڻ بدران آهستي آهستي سرندو هن اڳيان اچي بيٺو. هن پنهنجو سامان ۽ ٻار واڳونءَ جي پٺ تي ويهاريا ۽ پوءِ پاڻ بہ هن جي پٺيءَ تي سوار ٿي ويٺي. واڳو ان بعد درياهہ اڪرڻ لاءِ رڙهڻ لڳو.

درياهہ جي وچ ۾، جتي پاڻي تمام اونهو هو. واڳوءَ ترڻ بند ڪري عورت کي چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”تونکي مون جيترا ڏينهن رهڻ لاءِ چيو هو ان کان وڌيڪ رهي تو منهنجو چوڻ نہ مڃيو آهي ۽ جيئن تہ تون ’بي چئي‘ ثابت ٿي آهين انڪري توکي هاڻ جيئرو نہ ڇڏيندس ۽ هتي ئي ٻوڙي ماريندوسانءِ.“

ان بعد واڳوءَ پنهنجي زال ۽ ٻارن کي ٻوڙي ماري ڇڏيو. ان حادثي ـ يا کڻي چئجي تہ واقعي کانپوءِ واڳن ماڻهن سان دوستي رکڻ ڇڏي ڏني هاڻ ان ڏينهن کان ماڻهو واڳن کان ڊڄن ٿا ۽ واڳو انسانذات جا دشمن ٿي پيا آهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڏنيرو مڇي سمنڊ ۾ ڪيئن آئي

ڳالهہ ٿا ڪن تہ پاپانيوگني ٻيٽ جي موربي علائقي ۾ هڪ عورت پنهنجن ٻن پٽن سان رهندي هئي. هو تمام غريب هئا ۽ هڪ ٻرندڙ جبل جي هيٺان غار ۾ رهيا ٿي. هنن وٽ کائڻ لاءِ فقط سوئر جو گوشت هو. ان کان علاوه هنن ڪڏهن بہ ٻڪري، ڍڳي، ڪڪڙ يا مڇي نہ کاڌي هئي.

هڪ ڏينهن پٽن پنهنجي ماءُ کان پڇيو ڀلا ائين ڇو آهي جو پاڻ وٽ کائڻ لاءِ فقط سوئر جو گوشت آهي. ساڳي ساڳي شيءِ کائي اسين ڪڪ ٿي پيا آهيون. ماءُ ورندي ڏنن: ”پٽ ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ. آئون ڀلا ڇا ٿي ڪري سگهان. جڏهن هن ٻيٽ تي، جنهن تي پاڻ رهون ٿا ان تي ٻيو ڪوبہ جانور يا پکي نٿو رهي. سڀ ڍنڍون ۽ تلاءُ بہ مڇي کان خالي آهن.“

ٻئي ڏينهن صبح ساڻ عورت ۽ سندس ٻئي پٽ ٻني ٻارو ڪرڻ لاءِ روانا ٿيا. جهڙو ٻنيءَ جي ويجهو پهتا تہ هڪ جهنگلي سوئر هنن ڏي ڊوڪيندو آيو ۽ بلڪل ويجهو پهچي چيو: ”مون کان ڊڄو نہ. آئون توهان کي ڪجهہ ٻڌائڻ چاهيان ٿو. توهان کاڌي خوراڪ لاءِ هميشہ اسان سوئرن کي ماريندا رهو ٿا. جيڪڏهن توهان منهنجو چيو مڃي اسان کي مارڻ بند ڪندائو تہ آئون توهان سان واعدو ٿو ڪريان تہ توهان کي ان کان ضرور بهتر شيءِ ملي ويندي.“ جهنگلي مرون ان ڪانپوءِ ٻئي طرف ڀڄي ويو.

اها ڳالهہ ٻڌڻ بعد ماءُ پٽ ٻنيءَ تي ڪم ڪرڻ وقت هر وقت ان بابت سوچيندا رهيا ۽ گهر موٽڻ مهل پڻ هنن جي ڌيان ۾ اها ڳالهہ هئي تہ واقعي ڪجهہ ٿيندو يا نہ. سچ لڳي ڪان ٿورو اڳ ۾ عورت غار مان نڪري هيڏانهن هوڏانهن چڪر تي نڪتي. هوءَ اڪيلي اڪيلي هيڏانهن هوڏانهن ڦرندي پير واري ٽڪريءَ تي چڙهي وئي. اتي هن کي هڪ ڍنڍ نظر آئي. جيڪا هن پهرين ڪڏهن بہ نہ ڏٺي هئي. اها ڍنڍ ڏنيري مڇي سان ڀري پئي هئي. ڍنڍ جي صاف ۽ شفاف پاڻيءَ ۾ مڇيون ٽپ ڏئي رهيون هيون.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

عورت چند وکون اڳتي ڪٽي ڍنڍ ۾ گهڙي. هن ڏٺو تہ مڇيون ايڏيون تہ پالتو نموني جون هيون جو هن جهڙو سندن پچ ۾ هٿ وڌو تي تہ هن وٽ هليون آيون ٿي. عورت کي ڏاڍو تعجب لڳو ۽ خوشي پڻ ٿي. هن ٿي چار مڇيون جهليون ۽ رڌڻ لاءِ گهر آئي. هن دل ئي دل ۾ پڪو پهه ڪيو تہ هوءَ ان کي راز ڪري رکندي ۽ ڪنهن سان بہ ان ڍنڍ جي ڳالهہ نہ ڪندي.

ان رات مانيءَ تي هن پٽن کي مڇيون کارايون جيڪي ان تبديليءَ کي ڏسي وائڙا ٿي ويا. هنن گهڻو ئي ماءُ کان پڇيو تہ هن کي اهي ڪٿان مليون پر ماءُ ان بابت ٻڌائڻ کان صاف صاف انڪار ڪيو. ان بعد ڪيترن هفتن لاءِ عورت ان ڍنڍ تان مڇيون آڻيندي رهي. جيتوڻيڪ هن جا پٽ روز پڇندا رهيا تہ هوءَ مڇيون ڪٿان ٿي آڻي پر عورت هنن کي هرگز نہ ٻڌايو تہ هوءَ مڇيون ڪٿان ٿي آڻي ۽ اها مڇين واري ڍنڍ ڪٿي آهي.

آخرڪار هڪ ڏينهن ڇا ٿيو جو هي ٻئي ڇوڪرا ماءُ جي نڪرڻ بعد هن جي پويان پويان لڪندا اتي وڃي پهتا جتان اها ڍنڍ صاف نظر آئي ٿي. هو ٻئي ڄڻا وڏن پٿرن پويان لڪي وينا جتان هو پنهنجي ماءُ کي مڇيون ڦاسائيندو ڏسندا رهيا. ايترين ساريون مڇيون ڏسي ٻئي حيران ٿي ويا. ماءُ جي موٽڻ بعد هو ٻئي ڍنڍ ۾ لٿا ۽ هنن پالتو مڇين کي ڦاسائڻ شروع ڪيو. هنن هيچ وچان هڪ ٻن بدران ڪيترين ئي مڇيون جهليون جن مان ڪيترين تہ ڪناري تي ئي ڦٿڪي ڦٿڪي مري ويون. گهر موٽڻ تي هنن پنهنجي ماءُ سان ان بابت ڳالهہ ڪئي تہ هو ڇا ڪري آيا آهن.

ٻئي ڏينهن عورت جڏهن ڍنڍ تي پهتي تہ هوءَ اهو معلوم ڪري پريشان ٿي وئي تہ سيئي مڇيون ڍنڍ ڇڏي هليون ويون آهن. هنن کي ڪنهن طريقي سان سمنڊ ڏي وڃڻ جي راهہ ملي وئي ۽ هڪ هڪ ٿي سڀ هليون ويون. ان ڏينهن کانپوءِ اها مڇي ڦاسائڻ لاءِ ماڻهن کي سمنڊ تي وڃڻو پوي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# پورو ٿيو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ



الطاف شيخ

نيول انجينئر

Altafshaikh2004@yahoo.co.uk

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com